

گوناگون مضمون

مصنف

ڊاڪٽر ديال کوٽومل ڏاميجا ”آشا“

گوُناگون مضمون

مصنف

ڊاڪٽر ديال ڪوٽومل ڏاميجا ''آشا''
ايم. اي.، پي. ايڇ. ڊي.، ڊي لٽ
رٽايرڊ پرنسيپال
شريمتي چانڊي بائي همٿمل منسکاڻي ڪاليج الهاسنگر - ٣

پهريون ڇاپو
١٦ ڊسمبر سنه ٢٠١٨ع

قيمت
١٢٠ روپيا

نواس
سوامي شانتي پرڪاش نواس
ناج ڏام روڊ، الهاسنگر ٥ ٠٠ ٤٢١

ڊاڪٽر ديال 'آشا' بابت عالمن جا رايا

مونکي خوشي ان ڳالھ جي ٿي جو پياري ڊاڪٽر منوهر متلاڻي جي پورهئي لاءِ سندس پورائو ڪنڌڙ پارت جو مشهور سنڌ مصنف ۽ ودوان ڊاڪٽر ديال 'آشا' آهي. ڊاڪٽر ديال 'آشا' جي علميت، سندس قابليت، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي سلسلي ۾ سندس ڄاڻ ۽ داتائي جو آنءُ قائل تڏهن ٿيس جڏهن منهنجي ساڻس ملاقات ڊسمبر ١٩٩٧ع ۾ اُلھاسنگر ۾ ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻيءَ جي گھر ۾ ٿي هئي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا

ڊاڪٽر ديال 'آشا' سنڌي جاتيءَ جو هڪ سهڻو ساهتيڪار آهي، جنهن سنڌي ساهتيہ کي پنهنجي جادو ئي قلم جون ڪيتريون ئي سهڻيون سوکڙيون ڏنيون آهن. انهن مان هن جي هڪ سوکڙي 'سنڌي شعر جي تاريخ' تہ هڪ ناياب سوکڙي آهي ۽ اِها هن جو ناياب يادگار ٿي رهندي. هن جي گيتن ۽ غزلن جا مجموعا اڳ بہ نڪتل آهن، پر هن جو تازو ڳٽڪو 'تخيل' هر طرح ڪان نرالو آهي جو ان ۾ هوُ آڪاس تان زمين تي لهي آيو آهي ۽ هن پرٿويءَ جي لوڪن جي دلين ۾ ليئو پائي اُنهن جي جذبات کي سمجھو آهي، انهن جي اصلي حالت جو نقش چٽيو آهي.

ايل. ڊي. رچنداڻي

ڊاڪٽر ديال آشا صاحب شاعر بہ آهي تہ ليکڪ بہ، مصنف بہ آهي تہ مترجم بہ، کوجنيڪ بہ آهي تہ نقاد بہ. تمام تخليقي قوتون ڪم آڻي سان ڳنڍوڳنڍ سماج سيوا جي کيتر ۾ بہ جوڳي جاءِ والاري ٿو.

ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻي

سادر سمرپت

پوڄنيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن

۽

پوڄيه دادا جشن واسواڻي صاحبن

جي ڪمل چرڻن ۾

جن جي نيڻن نوازش نئون بڻايو.

ديال

Publisher :
Pradeep Hariram Rupani
Chetan Apt., Flat No. 306, Gandhi Road,
Ulhasnagar : 421 005
Phone : 9422660749
email : pradeeprupami@gmail.com

DTP	:	Shobha R Lalchandani
Printers Name	:	Anand Ram Lalchandani
Address	:	Impressions, 212, Allied Industrial Estate Mahim, Mumbai 400 016 Phone : 98208 83807

سامي صاحب ويدن جي واٽي سنڌيءَ ۾ سٽائي

سنت ساهتيہ امر ساهتيہ آهي اُن جي دائمي اهميت آهي سنت ساهتيہ پرمارٿ جي پرگتي ۽ وهنوار جي ترقيءَ لاءِ اسانجي راهہ روشن ڪري ٿو. سنڌ ۾ ڪيترائي سنت ڪوي ٿيا آهن ۽ اڄ بہ ڪي ڪوي سنت ڪاويہ پرميرا سان جڙيل آهن. سنڌي نرگڻ ڀڳتي ڪاويہ جو سروَ سريشٽ ڪوي سامي صاحب آهي. سندس اصلي نالو شري چئنراءِ ٻاچومل لنڊ هو. هي صاحب سد گرهستي هو. سندس من ۾ مالڪ سان ملڻ جي پياس پيدا ٿي. چت ۾ ويراڳ ورتي اُٿپن ٿي، اندر ۾ اڪ ئي اُڪير، آهيان وچ سير ڪو پريپورڻ ستگرو ڪيون هلر ملي جو ڀوساگر مان پار اُڪاري پريو پسائي. ستگرو بہ ملي ٿو مالڪ جي مهر سان. آخر ڪيس سوامي مينگهراج صاحب ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيو. سوامي مينگهراج صاحب اُتم برهمڻ ۽ وڏو ودوان هو. ستگروءَ جي ڪرپا ۽ سونهپ سان شري چئنراءِ ڌارمڪ شاسترن جو ابياس ڪيو، شري گرو گرنٿ صاحب جي پاٺيءَ ڪان بہ پرياوت ٿيو. هن صدق سان ستگرن جي سيوا ڪئي. ستگروءَ جي ڪرپا سان سندس ڪنٺ چڪر ڪليو ۽ سندس مک مان سنت واڻي پرواهت ٿي، جا اڄ اسان وٽ 'سامي جا سلوڪ' روپ ۾ موجود آهي.

سامي صاحب جا سلوڪ سنڌي نرگڻ ڀڳتي ڪاويہ جو املهہ امر خزانو آهن. سندس سلوڪ آڌياتمڪ اُنتيءَ لاءِ مارگ درشن ڪن ٿا. سامي صاحب نج ويدانتي ڪوي هو. هي صاحب پاڻ پنهنجي هڪ سلوڪ ۾ چوي ٿو :

ويدن جي واڻي آڻُ سنڌيءَ ۾ سٽايان

سامي صاحب پنهنجي سلوڪن ۾ ويدانت جا ويچار پيش ڪيا آهن. انهن ويچارن کي سهڻي نموني پيش ڪرڻ لاءِ النڪارن جو پريوگ ڪيو آهي. سامي صاحب برهم جيوُ جڳت مايا ۽ مڪتي بابت جيڪي دارشنڪ ويچار ظاهر ڪيا آهن سي مختصر پيش ڪجن ٿا.

برهم - سامي صاحب برهم جي وياپڪتا جو ورڻن ڪندي چوي ٿو تہ برهم ساري سرشٽيءَ ۾ وديمان آهي، موجود آهي. هن ويدانت سوتر جي هيٺ ڏنل

فهرست

پاڻ ڦول ڦل پتر ٿيو، پاڻ ڏار ٻج پٽ
اندر ٻاهر ڌهہ دسان ڪولي ڳپت پرگهٽ
پرچي ڪولي پٽ پاڻ لڪايو پاڻ ڪي

برهم سرشٽيءَ جو نمت ڪارڻ بہ آهي تہ اُپادان ڪارڻ بہ آهي. اُهو ساڪي سرجنهار ساري سرشٽيءَ ۾ وديمان آهي.

ويدانت واڪيہ 'سروَم کلو اِدم برهم' جي جهلڪ بہ هتي ملي ٿي. سڀ پاڻ ئي آهي. ظاهر يا باطن سڀ ليلا سندس ئي آهي نرديشڪ بہ پاڻ آهي تہ نائڪ بہ پاڻ آهي

نانا روپ رچي ڪري سيڪ لڪائن سار
چيٽني ۽ ڪنڇر ۾ اٿي اونڪار

ڪوليءَ ۾ بہ اُهو برهم آهي تہ هاٿيءَ ۾ بہ اُهو مالڪ موجود آهي اُن ڪانسواءِ ٻئي ڪَنهنجي ستا ڪين آهي. آتما سويم پرڪاشي آهي ۽ سڀِن ۾ اُن جو ئي پرڪاش آهي. اُن کي نہ وايو سڪائي سگهي ٿو نہ ڪال ڪاٽي سگهي ٿو، نہ شستر ختم ڪري سگهن ٿا نہ پاڻي ٻوڙي سگهي ٿو نہ باهہ جلائي سگهي ٿي سامي صاحب جي لفظن ۾ :-

جاڳيو جاڳائي اپروڪ لکيو آتما
ڇيديو ڇيديو نہ وڃي، پون نہ سُڪائي
جل نہ ٻوڙي، ترتي نہ دبي، اگن نہ جلائي
نکي ڪال کائي، سامي پرڪاسي سڀ کي

سامي صاحب منڪور سلوڪ ۾ شريمدڀڳوت گيتا جي سلوڪ 'نہ ائنم شندنتي شستراڻي' جو سار ڏنو آهي

جيو : سامي صاحب جيو سنٻنڌي ويچار ظاهر ڪندي چوي ٿو تہ جيوَ اگيان اوديا سبب پاڻ کي پرماتما کان پري سمجهي ويٺو آهي. هو پاڻ کي شرير سمجهي موهہ ممتا ۾ مري رهيو آهي. هو شريرڌاري آهي نہ شرير. هوُ پاڻ پرماتما سروپ آهي آتم جوت سدائين منجهس جرڪي رهي آهي. جنهن جي اکين تي اگيان جا پردا چڙهيل آهن سو پنهنجي اسٿول اکين سان اُن دويہ جوت جو درشن نٿو ڪري سگهي. جيوَ تي جڏهن ستگرو يا ايشور جي ڪرپا ٿئي ٿي تڏهن ئي هو آتمڪ آنند پراپت ڪري سگهي ٿو :-

ائني پهر ٻري ٿي انيئہ جوت اندر ۾
انڌو ڏسي ڪين ڪي نرمل نيڻ ڀري
ديهہ مڃي پاڻ کي ممتا منجهہ مري

سلوڪ مان جهلڪ ملي ٿي

وياپي رهيو وِس ۾ ساڪي سرجنهار

پرماتما اسان کان پري ڪين آهي اسانجي اکين ۾ ئي اُن جون اکيون آهن اسانجي دل ۾ ئي اُن دلبر جو ديرو آهي.

اکين منجهہ آهن، اکيون عاجيبن جون،

ست چت آنند برهم جو سروَ وياپي آهي سو اسانجي اندر ۾ موجود آهي ان مام کي سامي صاحب هيٺ ڏنل سلوڪ ۾ سمجهائي ٿو :-

سامي گهر ۾ گهر تنهن ۾ گهر اگهر ٿي
من پنڌ واٽيءَ کان پري اندرين اگوچر
نرليپ نيارو نپ جيان سدائين سيتر
اهڙو پد امر گروءَ لکايو گيات سان

پهريون گهر اسٿول شرير آهي، اسٿول شرير ۾ سوکيم شرير آهي، اُن ۾ وري ڪارڻ شرير آهي اُن ۾ اُهو اگهر چيتن آتما براجمان آهي آتما برهم جو انش آهي. اُها چيتن آتما اگوچر اروپ نرگڻ نراڪار نرمل آهي. اُها سروتر وياپڪ آهي. اُن جي ستا سبب اسين هر ڪريا (ڪرم) ڪري سگهون ٿا. اها ڄاڻ گرو جي گيان دوار ان ملي ٿي.

ڀڳت، سچو ساڌڪ هر چيز ۾ محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو.

پورن هڪ پُرک سامي ڏسي سڀ ۾
رام روپي تن ارٿلت برهم سيني ۾ وياپڪ آهي
سڀ جي گهر آهي، پريم پدارٿ رام تن

برهم اگميہ آهي، اگوچر آهي اننت آهي اُن جو انت ڪنهن ڪين پاتو آهي. سامي صاحب چوي ٿو :-

پرميشور جو پلر ڪنهن پاتو ڪين ڪي

ويدانت واڪيہ ”ايڪو اهم بهو سيام“ مان هڪ آهيان ۽ گهڻائي روپ ڌاري جڳت ۾ رمي رهيو آهيان. برهم ڀن ڀن روپن ۾ براجمان آهي. سڀ ئي روپ سندس ئي آهن سامي صاحب چوي ٿو :

آيو ناگرنٽ بيک ڌري بازار ۾
ڀانيڻ چوي ڀيائيءَ جو ڪولي ويٺو هٽ
پاڻ واپاري وٽج ٿيو، پاڻ تارازي وٽ
رعيت راجا پاڻ ٿيو. ڪانئر سوُر سُپٽ
پاڻ ڪنير اوي بٽيو چڪ متي گهٽ پٽ

آهي انڪري جيو اَست کي ست سمجهي ويٺو آهي.

مايا پلائي وڏو جيءُ پرم ۾
اڻ هوندي درياهہ ۾ غوطا نت کائي
سامي ڏسي ڪين ڪي منهن مڙهيءَ پائي
ستگر جاڳائي تہ جاڳي جڙي پاڻ سين

غوطا کائبا آهن درياهہ ۾ جيوَ اگيان جي ڪري بنا درياهہ جي غوطا کائي رهيو آهي. ارٿات هوُ جڳت جي مٿيا پدارٿن کي سچ سمجهي ڪڏهن ٻُٽين ۾ ٻُري ٿو تہ ڪڏهن هنبوچيون هٽي ٿو اهو مايا جو کيل آهي. جيو ڪڏهن بہ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڪو نہ ٿو ڏسي تہ جنهن آنند لاءِ هو ٻاهر پٽڪي رهيو آهي سو سويم آنند سروپ آهي. جڏهن ڪيس پريپورڻ ستگرو اوديا جي ننڊ مان سجاڳ ڪري ٿو تڏهن پنهنجو پاڻ کي پڇاڻي آتمڪ آنند ۾ استٿ رهي ٿو. اهو سچو بگيڙو مايا جي ڪري آهي.

سامي صاحب نانگ - نوڙي ۽ سپني جي تمثيل پيش ڪندي مايا جو مٿياتوَ سڌ ڪيو آهي. جيئن اوندهہ ۾ نوڙي کي نانگ سمجهيو ويندو آهي پر روشنيءَ سان نوڙي نظر ايندي آهي ۽ نانگ جو پرم دور ٿيندو آهي. سپني ۾ سپني جا پدارٿ، سپني جي دنيا سچي لڳندي آهي پر جئن اک کلندي آهي تہ سپني جا سڀ پدارٿ مٿياپوت لڳندا آهن. تيئن جيوَ جيسين اگيان اوديا جي ننڊ ۾ آهي تيئن جڳت ۽ جڳت جا پدارٿ کيس سچا پاسن ٿا پر جيئن ئي جيوَ اگيان جي ننڊ مان سجاڳ ٿئي ٿو تئن ئي کيس سچ جي چاڻ پوي ٿي. هرڻ مرو استل يعني بيابان ۾ واريءَ جي ڍير کي سج جي روشنيءَ سبب پريان پاڻيءَ جو تالاب سمجهي سهڪندو سهڪندو ٻوڙندو اُتي اچي ٿو تہ کيس پروڙ پوي ٿي تہ اُتي پاڻي ڪين آهي. هو پاڻيءَ لاءِ تڙڦندو رهي ٿو تئن جيوَ بہ ان هرڻ وانگر جڳت جي پدارٿن کي سچو سمجهي سنسار سکن لاءِ پٽڪي ٿو پر پيلسو رهجي وڃي ٿو.

سندس ازل جي اُج پوري نٿي ٿئي سامي صاحب جيوَ کي بيدار ڪندي چوي ٿو :-

ڏرين ڪوهہ پيار سامي مايا موهہ سان
اٿي سڀ اوديا سندو اڻ هوندو اسرار
جئن نانگ نوڙيءَ ۾ سپني ۾ سنسار
ڪر نہ جيءُ خوار، مرگهہ ترشنا جي جل ۾!

مايا هي سچو ڪلپت جو کيل رچيو آهي.

مايا رچائي ڪوڙي راند ڪلپت جي

اگيان - اوديا :- جيو اگيان جي آورڻ سبب پنهنجي آتم سوروپ کي پلجي

جي مالڪ مهر ڪري تہ سڪي ٿئي سامي چئي

جيو اگيان جي اوندهہ سبب پاڻ کي برهم کان پري سمجهي ٿو، پر پرماتما هن کان ڪداچت دور نہ آهي. جڏهن ستگرو گيان جي عينڪ ڏئي ٿو تڏهن جيو سهج چيتن جو چمڪاٽ ڏسي ٿو يعني ساڪي سروپ پسي ٿو پوءِ هو نرمل نريئہ ٿي آو اگمن جي چڪر کان مڪت ٿئي ٿو

عجائب عينڪ سامي ڏني ستگرو
ڏٺي تنهنجي آسري پلڪ منجهہ جهلڪ
ٿيو نرمل نرتڪ، ڪٽي جيءَ زنجير سڀ

جو جيوَ گرو دوارا ان ڏنل گيان سان پنهنجي اندر جو شيشو صاف ڪري ٿو اُن کي ئي آتم ديو جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ۽ اُهو جيو اندر ٻاهر سڀ هنڌ محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو.

گرگم جنهن ڪيو شيشو شڌ اندر جو
انيئي آتم ديو جو تنهن پرلاءُ پيو
اندر ٻاهر هڪڙو ڏسي ڪين ٻيو

جيو جڏهن اگيان اوديا جي ڦاسي ڪٽي ٿو تڏهن هو هر هنڌ جانب جو جلوو جمال پسي ٿو

ڪٽي اوديا ڦاس، سڀ گهٽ ڏسن سپرين

جڳت - جڳت است آهي، مٿيا آهي جئن سپني جو سنسار سچو ڀاسندو آهي تيئن اگيان جي ننڊ سبب، ڦرنن ڪري اڻ هوندي سنسار کي اسين سچو سمجهي ويٺا آهيون، واستوَ ۾ جئن سپني جي سرشٽيءَ کي ڪا ستيتا ڪانهي تيئن جڳت کي بہ ڪا ستيتا ڪا نہ آهي سامي صاحب اهي ويدانت جا ويچار پنهنجي سلوڪن ۾ سليا آهن

اڻ هوندو سنسار ڪلپت ڪري سڌ ٿيو
جئن سپني ۾ سڌ ٿيو، نانا وڌ وهنوار
ست ڄاڻي سنسار کي ڪپي ٿئي خوار
ڄاڻي سڀ سنسار، ڪلپت پنهنجي جيءَ جي

مايا - سامي صاحب جي ويچار انوسار مايا ئي جيوَ ۽ برهم جي وچ ۾ جدائي پيدا ڪئي آهي

رولو وڌو رن جدائيءَ جو جڳ ۾
ماري منجهائي سڀ کي ڏاري ناناون

مايا يانت روپن سان جيوَ کي آڪرشت ڪري ڀنيلائي ۽ ڀرمائي ڇڏيو

مُڪتي -

جيو جدا جدا جوڻين ۾ ڀٽڪيو آهي. منش ديهہ ۾ ئي مڪتي ملي سگهي ٿي. منش ديهہ مڪتيءَ جو دروازو آهي جيڪو پنهنجي اندر ۾ گيان جو ڏيئو ٻاري آتم جو درشن ڪري ٿو تنهن جي اندر مان ممتا موهہ آدي وڪار ناس ٿي وڃن ٿا هو سنسا ڀرم نواري سشوپتيءَ جي سيج تي آنند ماڻي ٿو -

سامي ملي سروپ سان ممتا مٽائي
سر ٿي سدائين، ماڻي موج مڪت جي
ورلي ڪنهن گرمک ڏٺو ڏيئو جڳائي
سنسو مٽائي سمهيو سڪپت سيج تي

سامي صاحب مڪتيءَ جي حاصلات لاءِ گيان سان گڏ پريم جي اهميت ڏيکاري آهي. سامي صاحب روپڪ النڪار دوران پريم جي اهميت واضح ڪندي چيو :-

محبت جي مصري کاڌي جنهن گر گيات سان
سامي سڪ سنسار جا تنهن کان ويا وسري
ڪلپت ڪال ديوار کون پيو پرچي پار ڪري
اچي ڪين ڦري، جنم مرڻ جي دک ۾

يوگ ساڌنا - سامي صاحب آتمڪ آنند جي پراپتيءَ لاءِ يوگ ساڌنا ڏانهن بہ اشارو ڏنو آهي.

جو نڪري ناپ منجهار، تون صحيح سڄاڻج ساهہ کي
اچي گهران گهٽيءَ مون واءُ ڪيو وستار
دامودر تنهن دم ۾ آهي اونڪار
ويدن جو ويچار، سو سنڌيءَ ۾ سڻايو

ساڌڪ جڏهن اوم جو اُچارڻ ڪري ٿو تہ سياويڪ هو سهج يوگ ساڌنا ڪري ٿو، پراڻايام ڪري ٿو. اوم جي اُچارڻ وقت ناڀي يعني دن وٽ هن کي هڪ عجيب لرزش جو احساس ٿئي ٿو ۽ ناسڪا روپي گهٽيءَ مان وايو ڪٽي ٿو. اهڙيءَ طرح هو دامودر ارٿات برهم جو درشن ڪري آتمڪ آنند ۾ اسٿت رهي ٿو. سامي صاحب ويدن شاسترن جو سار سرل سنڌي سلوڪن ۾ سليو آهي. اهي سلوڪ پرين جي پانڌيئڙي جي راهہ روشن ڪن ٿا.

ويو آهي. اگيان اسانجي اکين تي اهڙو ڪيپ چاڙهي ڇڏيو آهي، جو پرماتما جو اسانجي انتهڪرڻ ۾، هر هنڌ وياپڪ آهي اُن ڪي اسين ڏسي نٿا سگهون. ڪنهن ورلي ڀاڳن واري اهو اگيان اوديا جو پٽل پري ڪري داتار جو درشن ڪيو آهي. هوُ هر هنڌ چيتن جو چمتڪار پسي ٿو.

اوديا جيوَ انڌا ڪيا، ويٺا وڃائي
سڀ جي گهر آهي پريم پدارٿ رام تن
ورلي ڪنهن گرمک ڪيو پرچي پٽ پري
سامي ڏسي ٿري سڀ چمتڪار چيتن جو

گيان - وديا - گيان دوارا ئي جيوَ اگيان مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهندو جيئن جل باهه کي وسائيندو آهي، تئن گيان اوديا اگيان جي باهه کي وسائي ٿو. گيان روپي سورج اُڀرڻ سان اوديا جي اوندهه اُڏامي وڃي ٿي جيو حقيقت شناس ٿئي ٿو :-

وديا وڃائي اوديا دک اندر جو،
جئن پاڻي باهه کي ٻانيڻ ٻجهائي
سورج لڪائي، سڀ پدارٿ پٽرا!

گيان جو مهتوَ ٻڌائيندي سامي صاحب چوي ٿو :-

سدائين سيتل ڇايا ٻوڏ برڇ جي
ويٺا جي ويساهه سان سي نر ٿيا نرمل
تپت مٽي تن من جي ڪائن آتم ڦل
پائي پد اچل، پرچا رهن پاڻ ۾

گيان روپي وڻ جي ڇانوَ سيتل ۽ سکدائي آهي. ان وڻ جي هيٺان ويهڻ سان تن من جي تپت مٽي وڃي ٿي جيوَ آتمڪ آنند جو ڦل کائي پاڻ کي پاڇاڻي آتم پد ۾ استت رهي ٿو.

تيرٿ تڪيا پيئڻ سان، تپسيائن ڪرڻ ۽ سورن سهڻ سان، گهر گرهست جو تياڳ ڪرڻ سان اهو اگيان جو ڪلف ڪين ڪلندو. جڏهن جيو ڪن سنتن مهاتمائن جي شرڻ وٺي اُنهن کان گيان جي ديڪشا وٺندو، تڏهن هو گيان جي ڪنجيءَ سان اوديا اگيان جو ڪلف کولي آتمڪ آنند پراپت ڪري سگهندو.

ڪنهن کان ڪيف لهي اوديا ڪلف اندر جو
توڙي تيرٿ تپ ڪري دک سک سڀ سهي
تياڳ ڪري گهر ٻار جو، غفا منجهه رهي
ساڌو سرن پئي تہ سکي ٿي سامي چئي

ديا کان سواءِ انسان پسون آهي. ديا ئي هر ڌرم جو بنياد آهي. ديا نہ صرف مانو ماتر تي پر سڀني پراڻين تي ڪرڻ گهرجي.

ديا بنا انسان آ چڻ تہ پسونءَ سمان.
ديا ڌرم جو مول آ، ويدن جو فرمان،

ڪنهن کي بہ ستائڻ گناهہ آهي، رنجائڻ بدران سڀني کي راضي ڪريون.

ڪنهن کي ڪين رنجاءِ تون سڀ ۾ آهي رام،
لوڪن کي ڏي پيار تون تن ۾ آ گهنشيام.

سمرڻ، سيوا، سادگي ستيہ ساهنيو تي سنيهہ،گڻن کي اپنائڻ سان اسانجي زندگي چمڪندي.

سمرڻ سيوا سادگي همدردي ۽ پيار
چمڪن گڻ جنهن ۾ اِهي، سو چمڪي چوڌار

اسان کي من مان وير وروڌ ڪيي سڀن سان ڀلائي جا پير پرڻ گهرجن.

سائين سڀ ۾ ٿو وسي ڪنهن سان رک نا وير،
پرو هلي يا ڪو ڀلو، سڀ جو گهر تون خير.
ڪنهن سان رک نا وير تون سڀ کي ڪر تون پيار،
وير مان ڪاجهہ نہ وٺيندين، اهو اُتم ويچار.

جنهنجي دل ۾ پيار آهي سوئي انسان سڏائڻ لائق آهي. جنهن اندر نفرت آهي سو شيطان آهي.

جنهنجي دل ۾ پيار آ سو آهي انسان
نفرت جنهنجي نبض ۾ سو آهي شيطان

انسان ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندي هتاش ٿئي ٿو. مان اُن کي آٿت ڏيندي چيو :-

مالڪ کي تون ياد ڪر ڪنهنجي ڪيج نہ ڪاڻ،
تون نا اڪيلو آهين، صاحب تو سان ساڻ.

اسان مان ڪيترا اگڳدامن کي ڪهائي اُنهن جو ماس کائيندا آهن. مان اُنهن کي تاڪيد ڪندي لکيو :-

معصومن تي ڪهل ڪيو، سڀ گوبند جا ٻار،
کائيندا جي انهن کي مالڪ ڏيندو مار.

منهنجو ناصحاڻا شعر

نصيحت آميز شعر وهنوار چاهي پرمارٿ جي پرڪتيءَ لاءِ راهه روشن ڪري ٿو منهنجي ناصحاڻا شعر ۾ موسيقي ۽ ميٽاج آهي. مان خوش نصيب آهيان جو مونکي ننڍپڻ ۾ ئي شپ سنسڪارن جي سمپتي گهر جي وڏڙن ڪان ورثي ۾ ملي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن. سوامي ليلاشاهه مهاراجن. ساڌو ٽي ايل واسواڻي، پياري دادا جشن واسواڻي ۽ ٻين سنتن ستپرشن جو سنگ ۽ سندن ويچارڌارا ۽ سرسوتي ماتا جي اسيم ڪرپا سان مان زندگيءَ جي راهه شاهه تي اڳتي وڌيم. پنهنجي ناصحاڻا شعر جو مختصر جائزو پيش ڪريان ٿو :-

پراتهه ڪال جو اسين ننډ ۾ ستل رهون ٿا. اهڙو امولهه ايڪانت جو وقت نام سمرڻ ۾ سڦلو ڪرڻ گهرجي.

امرت ويلي جو اُٿي گڻ گوبند جا ڳاءِ،

امرت ويلو املهه آسستي ۾ نه وڃاءِ.

امرت ويلي اُٿڻ سان تنهنجو ڪلنو ڀاڳ،

سشوپتيءَ جي سيج تي ماٺنڊين ته سهاڳ.

امرت ويلي جو اُٿي جپ پريوءَ جو نام،

چنتن ڪر چنتا ڇڏي، توکي ملندو رام.

جيڪڏهن اوهان سکي ٿيڻ چاهيو ته ٻين کي سکي ڪريو.

من وچن ۽ ڪرم سان سڀ کي سک پهچاءِ،

سک ڏيڻ سان سک ملي، جيون سڦل بڻاءِ.

متر ڀاشي ٿيڻ جي صلاح ڏيندي چيو :-

ٻڙو ڪنهن سان ٻول نا، سڀ سان مٺڙو ٻول

پريو توکي موٽ ۾ ڏيندو مٺڙو ٻول.

جيون ۾ ديا جو گڻ اپنايون، ٻين تي ديا ڪرڻ سان پرماتما اسان تي ديا ڪندو. ديا ڪرڻ سان ڀڳوان راضي ٿئي ٿو.

ديا ڪري جو سين تي تنهن تي راضي رام،

جنهن تي راضي رام آ، پهچي سو وشرام.

۳. ڪروڌ ڪري ڪنهنجي دل نہ دکائج،
وا ٹ ڪميا جي تون اپنائج، اهو سنتن جو گيان پيار ا!

۴. جپ تپ دان وجي ٿو ويرٿ،
ڪروتي ڪري ٿو ڪيڏو انرٿ، سندس ٿئي اپمان پيار ا!

۵. ”آشا“ ڪنهن تي ڪروڌ نہ ڪر تون،
ڪميا ديا ۽ ڌيرج ڌر تون، تنهن ۾ تنهنجو ڪلياڻ پيار ا!

لوڀ:-

لوڀ انسان کي اٹڪائي ترشنڪوءَ وانگر لٽڪائي ٿو.

چوپائي:-

لوڀ ڪُتي سان گڏ ڪار ائي،
لوڀ منش جي ننبد ڦٽائي،
لوڀ ڪئي ٿو پاپ ڪرائي،
رت سان رت کي ٿو ويڙهائي.

هڪ ٻي گيت ۾ مان لوڀ مان ٿيندڙ نقصان کان آگاهہ ڪندي لوڀ نہ ڪرڻ جي نصيحت ڏني آهي:-

لوڀ نہ ڪر تون اي انسان!
لوڀ ڪُتي سان گڏ ڪار ائي،

۱. لوڀ ڪرڻ سان لوڀ وڌي ٿو،
آخر ماڻهو دکي ٿئي ٿو،
جهيڙا جهڳڙا ٿين ٿا خوب،
لوڀ ڪورٽ جا در ڪڙڪائي، لوڀ ڪُتي سان گڏ ڪلر ائي!
لوڀ ڪئي ٿو پلپ ڪرائي.

۲. لوڀ جي وس ڪئين موني مري ٿو،
لوڀ جي باهہ ۾ پيو سڙي ٿو،
ڪين رهي ڪا شانتي ٿي،
ڀاءُ ڀاءُ سان لوڀ ويڙهائي! لوڀ ڪُتي سان گڏ ڪار ائي!

من جي سو اري وڪارن تي آهي انسان کي اُنهن جي و آڳ سوگهي جهلڻ گهرجي. جي اُنهن کي ڇڙو آڳ ڇڏي ڏبو تہ اُهي را اڳا ڪندا. انڪري پنڄن ئي وڪارن مان ٿيندڙ نقصان کان پنهنجي دوهن چوپاين ۽ ڀڳتي ۽ گيتن دوار ان آگاهہ ڪندي صلاح ڏئي آهي :-

ڪام:-

ڪام جيو کي اندو بڻائي
تيڄ ۽ شڪتي سندس گهٽائي،
ڪين سکي ٿي هرگز ڀوڳي،
ڀوڳي ڀوڳي ٿي ٿو روڳي.

ڪروڌ:-

ڪروڌ تہ رت جو داپ وڌائي،
تن من کي نقصان رسائي،
ماڻهوءَ کي چنڊال بڻائي،
شانتي من جي ڪروڌ وڃائي.

ڪروڌ ۽ ڪلڪل سبب اسانجا گهر نرڪ ٿي پون ٿا ۽ جيئڻ جنجال ٿي پوي ٿو:-

دوهو:

جت سنتوش ۽ شانتي سو گهر سرڳ سمان،
جت ڪل ڪل ۽ ڪروڌ آ، سو گهر نرڪ جهان
ڪروڌ ڪرڻ سان ٿو ٿئي تن من جو نقصان،
هي جي پي دل ٿي دکي، ويرٿ پُڄ ۽ دان.

مان هڪ گيت دوار ان پڻ ڪروڌ کان ڪنارو ڪرڻ جي صلاح ڏيندي لکيو :

ڪروڌکان پيارا ڪر تون ڪنارو،
ڪروڌ مان ٿئي ٿو نقصان پيارا!
١. ڪروڌ ڪرڻ سان ورود وڌي ٿو.
ورود مان جهڳهڙو جيهڙو ٿئي ٿو. صبر ۾ تنهنجو شان پيارا!
٢. ڪروڌ جي اگني ڪيئن نہ جلائي،
تن من کي نقصان رسائي، پهچائي شمشان پيارا!

موٽائي نہ ڪنھنجي تون، دلڙي دکاءِ!

٢. ڏاٽي جي ڏني مان سدا ڏيندو رهہ تون،
سدائين غريبن سان پيار ا نہ وڃہ تون.

٣. جي ٻين کي تون ڏيندين، ڏاٽي توکي ڏيندو،
سدائين هوُ تنهنجو مددگار ٿيندو!

۴. جيڪا پوک پوکين تون لڻندين اُها ئي،
نہ ڪنهنجي ڪمائي وجي ٿي اجائي.

۵. دکين ۽ بکين جي ڪري ٿو جو خذمت
انُهيءَ تي ٿئي ٿي ڏاٽي جي تہ رحمت.

٦. ''آشا'' پريم سان ڪر سين جي تون شيوا،
پريو توکي ڏيندو مهر جا تہ ميوا.

هي نصيحت پريو گيت اسانجي ڪيٽي نہ سونهپ ڪري ٿو.

دان ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي لکيو :-

داتا دولت آ ڏني، خوب ڪيو پُنج دان،
دان ڪرڻ سان ڌن وڌي ٿئي جڳت ۾ شان.
دان ڪرڻ سان ڌن وڌي، وديا ڏيڻ سان گيان،
کوهہ مان پاڻي نا کٽي وڃ ڏيندو انسان.

سچو ڌنو ان اهُو آهي جو نام جو خزانو سنگرهہ ڪري ٿو، گروءَ جي ڪرپا سان ئي اهو خزانو ملي ٿو.

جنهن تي مهر ڪري گرو ڏئي نام جو دان،
نام ڌني جو گڏ ڪري سوئي سچو ڌنو ان.

ڏوڌي تي ڏوڏو پيجڻ سان نقصان آهي غم کائڻ ۾ جس آهي.

غم کائي جيڪو هلي ، تنهن جو جڳت ۾ جس
ڏوڏي تي ڏوڏو پيجي تنهن کي لڳي ٿي ڪس.

اسان مان ڪيترا ناحق حسد ايرکا جي باهہ ۾ پاڻ جلائي رهيا آهن. تن من ڌن جو نقصان ٿئي ٿو. پر پيار ڏيڻ سان انسان پاڻ بہ خوش گذاري ٿو ۽ ٻيا بہ خوش گذارين ٿا.

حسد ايرکا مان ٿئي تن من جو نقصان،

موهہ:-

چوپائي:-

موهہ دکن جو ڪارڻ آهي.
جنم جنم ۾ ٿو ڀٽڪائي،
ڪنهن ۾ موهہ نہ رک تون پيارا!
لوڪ اٿي مطلب جا سارا!

سنساري پدارٿ ۽ سنبنڌين ۾ موهہ رکڻ سان من اشانت رهي ٿو. آسڪتي دک دائي آهي. اناسڪت ڀلوَ سان رهڻ ۾ ئي آنند آهي.

اهنڪار

چوپائي:-

اهنڪار ٻوڙڻ انڌو بڻائي،
ڏاڍائي ۽ ظلم ڪرائي!
شڀ ڪرمن جو ڦل بہ گهٽائي،
راوڻ پارا مٽيءَ ملائي!

آڪڙ ايمان انسان کي ڪيرائيندو آهي. ٻي هڪ گيت ۾ پڻ مان نصيحت ڏني آهي:-

چا تي ڪرين اهنڪار پيارا!
تنهنجو هتڙي ڪجهہ ڀي ناهي!
١. سڪندر ڪارون مٽيءَ ملي ويا!
ڪوڏي ڀي سي ڪين کڻي ويا!
وياروئنداز ازون زار پيارا.
٢. عهدي جي آڪڙ آ اجائي،
طاقت تي ڪر تون نہ وڏائي،
”آشا“ ڪنهن تي نا اعتبار پيارا!

انسان کي سيني سان ڀلائي جا پير ڀرڻ گهرجن. جيڪڏهن ڪو ٻين جو ڀلو ڪندو تہ پرڀو سندس ڀلو ڪندو. مان صلاح ڏيندي چيو :

ڀلو چاهين پنهنجو ڪر ٻين جو ڀلو،
ڀلو جي ڪندين تہ ٿيندءِ سائو سلو.
١. اڇي جو سو الي نہ تنهن کي موٽهءِ،

تيليءَ مان ٿنب جڳهڙو ٿئي ٿو.
پاڻ مان ماڻهو ٿئي بيزار- سانت ۾ ويهي وقت گذار.
٢) مؤن کي سون بر ابر ڇاڻائج،
مؤن رکي تون پاڻ پاڇاڻائج،
دل ۾ ڪر دلبر ديدار- سانت ۾ ويهي وقت گذار.
٣) ڳالهائڻ سان شڪتي وڃي ٿي،
سو اسن جي پونجي گهٽجي ٿي
'آشا' پريوءَ جو ڪر ويچار- سانت ۾ ويهي وقت گذار.
شاعر دوهن چوپاين ۾ ڪي نہ ڪي نصيحتون ڏنيون آهن، جيڪي وهنوار ۽ پرمارٿ لاءِ ڪارگر آهن .مان موزون شاعري ۾ بہ ڪي نصيحتون ڏنيون آهن. پيش آهي غزل جو بند:-

جت بي رخيءَ جو عالم اُتي پيرو نہ پائجي،
کهڙو ملي جي طعام تہ هرگز نہ کائجي.

پيار جو پيغام ڏيندي صلاح ڏني آهي:

کير ۾ پيارا کنبد ٿيو!
سدا سين کي پيار ڏيو.
امرت جو چشمو آ پيار،
پيار ئي جيون جو آڌار،
پيار ۾ ڪيڏو آنند آهي،
پيار واري کي هرڪو چاهي،
پيار ۾ آهي ڪيڏي شڪتي
پيار ئي آ پريوءَ جي ڀڳتي.

سمرڻ ۽ سيوا جو سنديش ڏيندي لکيو:-

سچو سک تہ سمرڻ ۽ سيوا ۾ آهي،
گروءَ جي ڪرپا سان ڏٺو آزمائي،
ڪري شيوا سمرڻ عمر ڪر سجائي،
''آشا'' تون ڪندو رهہ سين سان پلائي.
ڏٽيءَ جو رکي خوف ڪم جو ڪري ٿو،

پيار ڏيڻ سان پاڻ خوش پرسن ٿئي پيو ان.

آڻ ماڃڻ سان دل جو بار هلڪو ٿئي ٿو، جهڳڙو ختم ٿئي ٿو هٺ هوڏ ڪرڻ سان نقصان رسي ٿو.

آڻ ماڃي جهڳڙا اُتا چوٽي اها هنداءِ
آپو ۽ تون هٺ ڇڏي شانتي سک کي پاءِ.

مان خلق جي خدمت ڪرڻ جي صلاح ڏيندي چيو آهي :-

آهي خالق خلق ۾ خلق جي ڪر خدمت
سڀ ۾ ساڪي ٿو وسي، سڀ سان ڪر محبت.

سائين جي در سياٽپ ڪين هلندي، اڻ چاڻ اڳهاماڃي ويندا.

ڏڏن جو ڏاتار آ، ڏڏ ٿي تون تہ گذار،
سياٽپ هلندي ڪين ڪي داتا جي دربار.

سنگٺن ۾ سگهہ آهي. انڪري ايڪتا ۾ رهڻ گهرجي.

جت ايڪو آنند تتي پريم جي جوت ٻري،
ايڪي ۾ ئي ٻل ٻڌي آئي وپدا ٽري.

اڄ اهڙي هوا لڳي آهي جو جن ماتا پتا جنم ڏنو آهي ۽ پيا گهر جا وڏڙا تن جو نر آدر ڪيو ٿو وڃي. مان اُنهن جي شيوا ڪرڻ جي تلڪيد ڪندي لکيو :-

شرڌا ادب ۽ پريم سان ڪري ٿو جو شيوا،
کٽي آسيس وڏن جي ملن تنهنکي ميوا.

گلا نہ منهين ترار آهي، جيڪو گلا ڪري تو جنهاجي گلا ڪري ٿو جيڪو گلا ٻڌي ٿو تنهي جو نقصان آهي.

گلا نہ منهين ترار آ ڪنهناجي گلا نہ ڪر
ڪين پٽر اُجلاءِ تون گلن سان دامن پر.

شاعر سانت ۾ گذارڻ جي صلاح ڏيندي چوي ٿو :-

ماٺ ۾ آهي مزو ماٺ جو ميوو تون کڻ.
ماٺ ۾ مالڪ ملي. ماٺ جو وٺ تون هٿڙ.
سانت ۾ ويهي وقت گذار
ڪيچ بہ نہ ڪنهن سان پيچ نا ڪنهن ڪان.

١) ٻالهين مان ٻالهوڙو ٿئي ٿو.

منهنجي شاعريءَ ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا

منهنجو سوڀاڳيہ آهي جو جن بہ آڌياتمڪ ويوتين ساڌو ٽي. ايل واسواڻي، سوامي ليلاشاہ مهاراج، منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، منهنجا محبوب پوجنيہ دادا جشن واسواڻي ايشور ڀڳت بہ هئا تہ ديش ڀڳت بہ هئا. راشٽريہ ڪوي شري هوندراج دکايل جنهن منهنجي همٿ افزائيءَ ڪندي منهنجو تخلص 'آشا' رکيو. اُن صاحب جي من ۾ راشٽريہ ڀڳتي ڪوٽ ڪوٽ ڀريل هئي. هن ديش جي آزادي آندولن ۾ سڪريہ ڀاڱہ ورتو هن پنهنجي گيتن دوارا ن سنتو اسين ۾ ديش ڀڳتيءَ جو سنچار ڪيو. شاعر پرسرام 'ضيا' بہ ايشور ڀڳت ۽ ديش ڀڳت هو. هن صاحب جي بہ مون تي عنايت رهي. مذڪور هستين جي ويچارڌارا آچار، ويچار وهنوار جو مون تي ڪافي پربڀاءُ پيو. مان مهاتما گانڌيءَ جي ويچارڌارا کان بہ متاثر ٿيس. وديارٿي جيون ۾ ڏهون درجو پڙهندي سنہ ۱۹۵۴ع ۾ منهنجو هيٺيون جذباتي گيت ظاهر ٿيو

راهي اڳتي قدم وڌاءِ، پٺتي نہ پير پاءِ،
ڪر خيال بک نہ اُڃ جو، ڏينهن رات جو منجهند جو،
سهہ سر تي سردي گرمي، سيني ۾ ڌار جنبو،
هن زندگيءَ جي پيڙي، مانجهي ٿي تون هلاءِ،
اڳتي قدم وڌاءِ، پٺتي نہ پير پاءِ!

ديش جي قومي اڳوانن شري بال گنگاڌر تلڪ، مهاتما گانڌي، شري سڀاش چندر بوس، شري لعل بهادر شاستري پنڊت جواهرلعل نهروءَ وير ساورڪر جن ديش جي آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيو، جن جي رڳ رڳ ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا ڀريل هئي. انهن قومي پروانن جي سنبنڌ ۾ ڪوتائون لکيون جيڪي هندواسي ۽ ٻين اخبارن ۾ وقت بہ وقت شايع ٿينديون رهيون. شهيد هيمون ڪالاڻي، سردار ڀڳت سنگهہ جي ديش جي آزادي صدقي مشڪندي ڦاسيءَ جي رسيءَ کي ڦولن جو هار سمجهي شهادت جو جام پيتو. شهيد پريم رامچنداڻي پاڪستان

رهي پاپ کان سو سدائين پري ٿو.

منش کي سدائين سُڪرت جا ڪم ڪرڻ گهرجن ته مٿس مالڪ جي مهر ٿيندي.

سدا ''آشا'' سُڪرت جا ڪم جو ڪري ٿو،
الله جي عنايت سان وارو وري ٿو.

ڀيائيءَ کي ڇڏي خودشناس ٿيڻ جي صلاح ڏيندي چيو ته جن جي اندر ۾ غير آهي سي پرماتما کي ڪيئن پسندا. شاعر صلاح ڏئي ٿو:-

ڇڏ ڀيائي کي تون ڀوڙي، ٿي سدائين خود شناس،
سي پرينءَ کان ٿيا پري، اندر نه جن جو آصفا.

هنسا جي ڪاڏي ڪائڻ کان منهنجي ڪندي صلاح ڏني آهي:-

پکي پسون سڀ روپ پريوءَ جا،
تون تن کي کهائي ڪائين ٿو!
سنگدل هاٿي موم دل ٿي تون!
ڇو نه ديا جي جوت جڳائين ٿو!

جن جي قلب تي ڪلفت جي ڪٽ لڳي ويئي آهي، سي ڪيئن پرين پسندا! انڪري شاعر تاڪيد ڪري ٿو ته ان ڪٽ کي پيار سان چمڪايو!

ڪفلت جي ڪٽ قلب تي آهي،
اُلفت سان تنهنکي چمڪايو،
من ميري کي صاف ڪرڻ لئه،
سڪ جو صابڻ خوب لڳايو،

منهنجي ڀڳتي ڪاويه ۾ ته انيڪ نصيحتون آهن. جيڪي وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ راهه روشن ڪن ٿيون مُٽ مان خرار جي خبر پوندي آهي.

جوش تنهنجي تقرير ۾ اعليٰ ساهتيڪار،
دشمن ٻي ٿيا بيزار ڏسي تنهنجي ويرتا!

شهيد سردار ڀڳت سنگهه

سرفروشيءَ جي تمنا جو هيو توکي خيال،
سر ڏئي سردار ٿين او! بي بها ڀارت جا لعل،
ديش ڀڳتيءَ جي نشي ۾ هئين سدا سرشار تون،
مادرِ وطن تان ڀڳت سنگهه ٿي وئين نثار تون!

شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شردانجلي ڏيندي لکيو :

وير هيمون! مشڪندي تو مشڪندي ڦاسيءَ کي چميو
چوطرف جنهن ناد ٿيو ۽ هر بشر توکي نميو،
تون پتنگ جان شمع آزاديءَ مٿان قربان ٿئين،
پراڻ آهوتي ڏئي، تون وطن جو شان ٿئين.

آزاديءَ جي حاصلات جو ذڪر ڪندي مون ڪي بيت لکيا -

١. آزاديءَ جي آگ ۾ پتنگ ٿيا پروان،
تؤ تکو هو باهه جو پر نه ڏڪيا سي جوان،
ٿيڙا سي قربان، مشڪي مشڪي ملڪ تان،
٢. جي هيا ملڪي مجنون آيا سي ميدان،
ڌنڌا ڌاڙيون نوڪريون ڇڏي محل مڪان،
اڄ به تن جو شان جي مئا وطن واسطي،
٣. جي مئا وطن واسطي، سي سورهيه سپاهي،
آزاديءَ جي جنگ جا سي سئناني راهي،
ڪين پتيائون ساهي آنڌي ۽ طوفان ۾.

شهيدن کي شردانجلي ڏيندي مون لکيو :-

شهادت جام جن پيتو سدائين سي زنده آهن،
هتي ٻي جيت آ تن جي، هُتي ٻي جيت ٿا پائن.
حقيقت، هيمون ڪالاڻي سدائين ياد سي رهندا،
چڙهيا جي چوچ مان سوريءَ سدائين شاد سي رهندا.
فرض هر فرد جو آهي مرڻ سومان جي صدقي،
مرڻ سومان جي صدقي، وطن جي شان جي صدقي،

جي حملي وقت دشمن کي ٽوٽا چٻائيندي ويرگتي پراپت ڪئي انهن ويرن شهيدن جي قربانيءَ جي تصوير مون رچنائن دوارا ان ڇني جنن ڀارت جي جوانن کي سورمن شهيدن جي حياتيءَ مان ديش ڀڳتيءَ جي پريرٽا ملي. مٿي نڪر ڪيل ديش ڀڳتن جي ڪوتائن مان ڪي مصرائون پيش آهن.

شري لوڪمانيه تلڪ

لوڪمانيه تلڪ تون هند جي چمن جو باغبان،
تون فرنگين جون اڏايون ٿي ڌجون اي پاسبان،
جنم سڌ اتڪار آ سوراج سو حاصل ڪيو،
ننڊ غفلت مان اٿي بيدار ۽ هوشيار ٿيو.

مهاتما گانڌي

راشٽر پتاگانڌياجي توکي وار وار پرڻام،
وشوَ ويو تي وشو سڄي ۾ پرسڌ تنهنجو نام،
ڀارت جي آزادي صدقي جان جي بازي لڳائي،
سور ۽ سختيون سهندي ٻاپو وک اڳتي تو وڌائي،
حق جي خاطر ستياگره جي شروع ڪئي تو لڙائي
تنهنجي پويان ڀارت جا ها لکين لعل ڀائي مائي.

نيتاجي سڀاش چندر بوس

منو محبوب هو هند جو سچو سالار نيتاجي،
سدائين ديش ڀڳتيءَ ۾ هيو سر شار نيتاجي،
ڏڪيا انگريز ڀي ڏاڍا ڏسي اُتساه هن جي کي،
متل ڪو اوچتو ڪڙڪي ڪري ڪو وار نيتاجي،
هٽي جنهن هند جو نعرو ڦوڪيئين ساه جوانن ۾
بيا ڪئي فوج آزادي وطن آڌار نيتاجي.

ويرساورڪر

١. آزاديءَ جي يُڌ جو تون امر سيناني،
ڀارت ماتا جو هئين پوت تون لاثاني،
تو ڪئي قرباني ڀارت جننيءَ واسطي،
٢. ڪرانتيڪاري تون هئين قوميت جو پنڌار،

١. گهر ۾ پيهي دشمن آيو،
ناحق تنهن مانڌاڻ مچايو!
هڪدم تنهن کي دور هٽايو،
اُٿو هلي ماريو ميدان،
جاڳو ڀارت جي سنتان!
٢. لڪشمي ٻائي، شير شواجي،
راڻا، تانتيا ۽ تاناجي،
هيمون، ڀڳتسنگهه، آزاد نيتاجي،
ديش جي صدقي ٿيا قربان!
جاڳو ڀارت جي سنتان!
٣. خون جو جنهن درياهه وهايو،
امن جي حامين کي آ ستايو،
تنهن دشمن جون ڏچون اُڏايو،
جئه جئه جئه هندستان!
جاڳو ڀارت جي سنتان!

'ديش پڪاري ٿو' جو جذباتي مارچنگ گيت آهي 'اُٿو' ان گيت ذريعي مون سٽلن کي ساڄاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي -

اُٿو! اُٿو! اُٿو! اي هند جا جوان!
اڄ اوهان جي ويرتا جو آهي امتحان!
١. اڄ اسانجي ديش تي ڪاهيو آ دشمنن،
سر سبز ڏسي هند کي سي خوب ٿا جلن،
اُجڙ ڪرڻ چاهين ٿا هو اسانجو هي چمن،
ڪيو اُجڙ اُنهن کي، اوهين آهيو ڪامران،
اُٿو! اُٿو! اُٿو! اي هند جا جوان!
٢. اوهان ۾ خون آ ڀريل راڻا شواجي جو،
درگاوتي لڪشمي ٻائي ۽ جيجاٻائي جو،
اوهان ۾ جوش ۽ جنون آ نيتاجيءَ جو،
اوهان ۾ رام ڪرشن جي شڪتي آ براجمان،
اُٿو! اُٿو! اُٿو! اي هند جا جوان!
٣. 'رکشا ڪريو! رکشا ڪريو!' ماتا پڪاري ٿي،
اوهان کي پنهنجي فرض جي اڄ ياد ڏياري ٿي،

وطن جي صدقي مئا جيڪي، متي تن جي سيائپي
آ، نہ آيا قوم جي ڪم جي متي تن جي اپائپي آ.

چين ۽ پاڪستان جي چڙهائي وقت مون ڪي جذباتي ديش ڀڳتيءَ وارا گيت رچيا جيڪي هڪ بوڪ ليٽ 'ديش پڪاري ٿو' ۾ شايع ٿيا. اهي گيت مان جدا جدا اسڪولن، ڪاليجن ۽ ٻين آستانن تي ڳائيندي شروتائن ۾ ديش ڀڳتيءَ جو سنچار ڪندو هوس. انهن گيتن بابت مرڪزي وزير دادا جئرامداس دولترام لکيو تہ ديال آشا شاعر آهي تہ گايڪ بہ آهي سندس رچنائن جو اثر انڪري پيٽو آهي، اجا تہ جوان آهي زمانو ڪانئس ملڪ خاطر گهڻيئي شيوائن جي طلب ڪندو. پڪ اٿم تہ انهي شيوا مارگ ۾ ثابت قدم هلندو رهندو ۽ سنتي جاتيءَ جي شيوا لاءِ پنهنجي هٿي ڪلا وسيلي اُتساهت ڪندو رهندو.

'ديش پڪاري ٿو' جا ڪي گيت پيش ڪريان ٿو جن ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا ڪوٽ ڪوٽ ڀريل آهي آزاديءَ جي سُرڪشا لاءِ ديش واسين کي بيدار ڪندي لکيو :-

هليا هلو! هليا هلو قدم قدم وڌائيندا!
قدم قدم وڌائيندا، وجئہ جا گيت ڳائيندا!
١. اسانجي هند ڀومي سرڳ کان مهان آ،
سرڳ کان مهان آ، اوچو جنهنجو شان آ،
رام ڪرشن گانڌيءَ جو جنم آستان آ.
اهڙي منڙي ملڪ لئہ سر جو داءُ لڳائيندا!
هليا هلو! هليا هلو قدم قدم وڌائيندا!
٢. گيان ۽ وگيان جو هي ديش ئي دنيش آ،
وشو کي اسان ڏنو صلح جو سنديش آ،
صلح جو سنديش آ، نہ جنگ جو آديش آ!
ڪئونس جو شروع ڪري هلو تنهن کي مٽائيندا!
قدم قدم وڌائيندا، وجئہ جا گيت ڳائيندا!

سنہ ١٩٦٣ - ١٩٦٤ چين جي چڙهائي ۽ پاڪستان جي حملي وقت ديش واسين کي جاڳرت ڪندي چيو :-

جاڳو! ڀارت جي سنتان،
ڳايو رڻ ڀوميءَ جو گان،

اُنهن جي جئن شان کي نا لڄايان.

۴. اسان شانتيءَ جا اُپاسڪ تہ آهيون،
اسان وشوَ ساري جو ڪلياڻ چاهيون.

۵. آزاديءَ جي رکشا ڪرڻ فرض آهي،
امڙ جو اسان تي وڏو قرض آهي.

٦. جنم ڀومي هند آ سرڳ کان بہ پياري،
هزارن آ جنهن لاءِ جند جان واري.

۷. هندستان صدين بعد آزاد ٿيئڙو،
ڦليو ڦوليو هرڪو، وطن شاد ٿيئڙو.

۸. اسان ڪين جنگ ڪنهن سان جوڙڻ ٿا چاهيون
ڪري ڪنئونس جو تنهن کي دوزخ پهچايون.

۹. هي ور ور تہ حملا هيسائڻ جون ڳالهيون،
هي بزدل هي بدتر دشمن جون چاليون.

۱۰. مرادون مان تنهن جون مٽيءَ ۾ ملايان،
ستيہ نياءَ جو آنءُ جهنڊو جهولايان.

۱۱. وطن لاءِ جيئندس وطن لاءِ مرندس،
جي مرندس هزارن کي ماري پوءِ مرندس.

۱۲. مري جي وڃا چار ڳوڙها نہ ڳاڙج،
امڙ منهنجي مٺڙي، تون ڌيرج کي ڌارج.

۱۳. وطن لاءِ جياڄل تون جند جان وارج،
جي زخميل جوان تن جي خدمت ۾ گهارج.

۱۴. لکين لعل هند جا تنهنجا لعل آهن،
پساڄ مونکي تن ۾ تنهنجا ٻال آهن.

۱۵. مون جهڙا هزارين تہ قربان ٿي ويا!
فدا ٿي وطن تان، وطن شان ٿي ويا!

۱٦. شهادت شهيدن جي ويرٿ نہ ويندي،
”آشا“ ديش ڀارت جي جئڪار ٿيندي!

ڪي خود غرض سياستدان شخص پنهنجي شخصي فائدن لاءِ ڀارت جي گلشن اُجڙ ڪرڻ چاهين ٿا. اُن جي عڪاسي ڪندي مون ايڪتا جو پيغام

لڙي مري وطن لاءِ، رکو وطن جو شان،
اُٿو! اُٿو! اُٿو! اي هند جا جوان!

هنن گيتن ۾ ويرَ رس ڀرپور آهي 'قوم جي ڪشتي' منهنجو غزل آهي جنهن ۾ قوميت جي ڀاونا آهي پيش آهن ڪي بند

مان پنهنجي قوم جي ڪشتي ڪناري سان لڳائيندس
سوين لوڏا سهي مان، سير مان ثابت پڄائيندس
خزان جو ڇا ڪبو خدشو بهاري ڀي اجها آئي
نئين سر هند جي گلشن کي ٿي مالهي سجائيندس

پاڪستان جي حملي وقت فلائنگ آفيسر پريم رامچنداڻي عدوءَ کي ٽوٽا چٻائيندي بمن جي برسات وسائيندي ويرگتي پراپت ڪئي. مون ان نوجوان شهيد پريم رامچنداڻيءَ جي قربانيءَ جو ذڪر ڪندي نظم ۾ شردانجلي ڏني

پتنگ پريم زنده تون رهندين سدائي،
مري ملڪ لئه ڪئي تو جيون سجائي.
١. ڪئي پاڪ هند تي اچانڪ چڙهائي،
ٿيو سڏ وطن جو، توکي تار آئي،
هليو اچ! هليو اچ! وطن جا سپاهي!
اچي ڪر جوان تون دشمن جي صفائي،
پتنگ پريم زنده تون رهندين سدائي.
٢. ٻڌي سڏ وطن جو نه ننڊ توکي آئي،
ڇڏي گهر تون نڪتين سرحد ڏي راهي،
اُٿو سرگودا جو هيو پاڪ جو در
بمن جي تو برسات تنهن تي وسائي!
پتنگ پريم زنده تون رهندين سدائي

هڪ جوڌو جنگي جوان سرحد تان پنهنجي ماتا کي خط لکي پنهنجي وطن دوستيءَ جو اظهار ڪري ٿو. منهنجي ان خط ڪيترن کي متاثر ڪيو. پيش آهن ان خط جون ڪي مصرائون :-

١. امڙ منهنجي مٺڙي! تون آسيس ڪا ڪر،
ٿئي مات ڀارت جي ساري جڳ سر.
٢. تنهنجي کير جي آنءُ قيمت چڪايان،
ٻٽي ڪال دشمن کي مان ٽوٽا چٻايان.
٣. مان راڻا شواجيءَ جي سنتان آهيان،

لڳايون آگ ٿا ’آشا‘ جتي آ آشيان پنهنجو،
سياڻن جو نہ وڙ هي آ، ٿيا آهن تہ ڪي نادان.
وساريون ويڇا ۽ نفرت جلايون ديپ محبت جا،
ملي سڀ ڪير ۾ ڪنڌ ٿيون، اسين ڀارت جي سڀ سنتان،
سڌي توکي ٿو ڳانڌيجي، اُٿي ڪر ديش کي آباد،
ڦلي ڦولي جيئن هرڪو نہ رهاجي ڪو وڃي ارمان!

پرانتيتا جي ڀاوناءِ وتنڊ ڇڙو اڳي ٿسي مون پنهنجي نظم ذريعي ايڪتا آزاديءَ جي سرڪشا جو سنديش ڏنو :-

ايڪتا جي ٽتي مالها سا ڳنڍڻ لئہ تيار ٿيو،
اي وطن واسيو! سوارٿ ننڊ مان بيدار ٿيو.
ايڪتا ۽ امن سان آزادي ٿي قائم رهي،
چمڪندو اُن ديش جو نانءُ ٿو دائم رهي.
ديش آزادي صدقي ڪونتر ويا ڪسجي هزار!
ياد تن جي ٿي ڏياري ديش ڀڳتي وار وار.
پيٽ ڀڳتيءَ جي ڪري اڄ دور آهي رام راڄ،
ديش ڀڳتيءَ ايڪتا سان هند ۾ ايندو رام راڄ.
قوم جنهن ۾ ايڪتا سا قوم ٿي ترقي ڪري،
گيان ۽ وگيان سان پاند ٿي پنهنجو ڀري.
جي اٿو جوئارو هونداسين تہ ٿينداسين ختم،
پر ٻڌي جي پاڻ ۾ آ تہ راس ٿيندو هرڪو ڪم.
ديش ۾ جئچند ٻارن کي سيکاريون سبق،
ڪين ڪو للڪاري سگهندو ۽ نہ ماري سگهندو حق
پرانت ٻوليءَ جات جو هي ڀيد ۽ جهڳڙو ڇڏيو!
ڪير ۾ سڀ ڪنڌ ٿئي ”آشا“ ديش ڀارت کي اڏيو!

منهنجي آزاد نظمن ’آزادي ۽ ماڪڙ‘ ’ڀارتواسي‘ مونکي جيئڻ ڏيو ’باپو سپني ۾ آيو‘ وغيرهہ ۾ پڻ ديش ۽ جاتيءَ جي حقيقي تصوير پيش ڪيل آهي. انهن نظمن مان منهنجي ملڪ جي محبت ظاهر آهي. ’مونکي جيئڻ ڏيو‘ آزاد نظم جون ڪي مصرائون پيش آهن :

ڏنو آهي :-

ڪي ڪتر هن باغ ۾ ٿا پوک پوکين زهر جي،
تنهنڪري بدلي فضا، آئي خزان آ قهر جي!
آشيان اعليٰ اسانجو، بهشت ٿو ريسون ڪري،
آگ تنهن ڪي ٿا لڳايون، باهہ چوڌر ٿي ٻري!
ديش واسيو! قوم جي حالت ڏسو، ويچار ڪريو
بند هڙتالون ڪيو، آلس ڇڏي بيدار ٿيو!
ملڪ ۾ ڪيڏي غريبي مفلسي چوڌار آ!
پيٽ خالي تن جا پريو، پيار جي درڪار آ.
ايڪتا سان ملڪ جي آزادي ٿي قائم رهي،
چمڪندو اُن ديش جو نانءُ ٿو دائم رهي،
جي اٿو جوئارو هونداسين تہ ٿينداسين ختم،
ايڪتا سهڪار اُلفت جو کڻون ''آشا'' قدم.

مون ديش واسين کي بيدار ڪندي امن ايڪتا، تياڳ پريم جو پيغام هيٺ ڏنل نظم ذريعي ڏنو آهي.

اجان ڪيسين ستل رهندين سوارٿ ننڊ ۾ غلطان
فلڪ تي روشني آئي اُٿي بيدار ٿي اي جوان!
وويڪانند للڪاري فرض جي ياد ٿو ڏياري،
ڀڄيءَ جي سوتر ۾ ٻڌجي ڪريو ڀارت جو اج اُٿان!
دڌيچجي تياڳ ويو وسري آ اج تو ڪان!
تياڳڻ ۾ ئي آنند آ ۽ قربانيءَ ۾ آهي شان.
سدا ڪر ديش جي رکشا رهي قائم جئن آزادي،
سوين سرويچ صدقي ٿيا! ٿيو آزاد هندستان،
نہ ڪلفت مان اسين چاهون، ڏيون اُلفت سندو پيغام.
سڄي ٿي وشو جو ڪلياڻ، رشين جو آ اهو وردان،
نہ حملاور ٿيا آهيون، رهياسين خير خواهہ سڀ جا،
ڏئي اتهاس ٿو ساکي، ڏنو دشمن کي ٿنون جيئدان!
کٽيل ايراضي بہ واپس ڪئي جئن قائم رهي اقرار،
ڏنو سنسار کي آهي اسان سد ڀاونا جو دان،

ڪي پلئجي ويا آهيون
جتي نارين جي پوڄا ٿئي ٿي،
اُتي ديوتائن جو واسو آهي.
پر ڪن ابلائن کي جيئري جلايو وڃي ٿو،
تہ ڪن کي مجبورن آتم هتيا ڪرڻي پوي ٿي.
ابلائن سان اتياچار چانديءَ جي چند ٽڪرن لاءِ!
نلجائز حرڪتون! ڪيئن پونديون برڪتون!

’آزاديءَ ماڪڙ‘ آزاد نظم ۾ مون ديش جي آزاديءَ لاءِ ڪيل قربانين جو ذڪر ڪندي موجوده حالتن جو جائزو وٺندي لکيو تہ آزاديءَ جي سر سبز فصل ديش کي ماڪڙ چٽ ڪري رهي آهي.

آزاديءَ جو سورج اُڀريو،
وديشين بسترا گول ڪيا،
ماتا مڪت ٿي،
لوڪشاهيءَ جو گهنبو وڳو،
ديش ٽن ڏانيہ ۾ سمپن ٿيو،
سماجهو سي سيئي سپنا ساڪار ٿيا.
ديش کي لڳل ماڪڙ
فصل کي چٽ ڪندي ويئي!
هلن هنيان لامارا!
حوالاحوالا
ديش لاءِ خريداري ڪن،
گهوٽالا! گهوٽالا!
ديش جي پوناجي وديشي بئنڪن ۾،
افسوس! صدا افسوس!
ديش ڀڳتيءَ پرواز ڪيو!
پيٽ ڀڳتي! لٽيرن پيٽ ڀريا،
خوب لٽيو! خوب لٽيو!
پنهنجي ئي آشياني کي!
سيلست ۾ سوارٿ وتي ويو!

جنهن ڀارت ڀوميءَ جي رشين منين مهما ڳائي آهي،
جنهن ڀوميءَ کي تن ڏانهن ۾ سمپن ڏسي،
وديشين ڪاهون ڪيون،
رت جون نديون وهايون،
خوب لٽيو! خوب لٽيو لٽيرن!
حڪومت ڪئي شانت فضا ۾ زهر ملايو!
اسانجي تهذيب تمدن تي وار ڪيو،
تلوار جي ڌار تي ڌرم پريورتن ڪيو،
صدين کان غلام! صدما سهندا رهياسين!
ظالمن جي غلاميءَ مان مڪت ٿيڻ لئه،
ڪيڏيون نه قربانيون ڪرڻيون پيون!
ڪن جان جون بازيون لڳائي شهادت جو جام پيتو!
ته ڪن ترنگ جي تيرٿ ياترا ڪئي،
ڪن کي برف جي نادين تي ليٽائي،
ڇهبو ڪن سان ڇٽيو ويو!
ڪن کي ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڀوڳڻي پئي!
ته ڪن کي ڪاٽي ۾ ريتي ڪرائي ويئي.
کي 'انقلاب زنده آباد' 'جئه هند'
'ڀارت ماتا جي جئه' جا نعرا لڳائيندي
مشڪندي مشڪندي ڦاسيءَ جو هار پائي
ڀارت جي آزاديءَ لاءِ شهيد ٿيا!
اسان اُنهن شهيدن ديش ڀڳتن جي
قربانين کي ڀلجي. سوارٿ ساڌڻ ۾ پورا آهيون!
آزاد ڀارت جي وڌان موجب،
سڀن کي جيئڻ جو سمان اتڪار آهي.
پر ڪن کي جنم وٺڻ کان اڳ ئي،
ڳرڀ ۾ ختم ڪيو وڃي ٿو،
اسان پنهنجي پرمپرا سنسڪرتيءَ

مھاتمائن مھاپرشن جا
جن جو جيون ھو ارپڻ جو جيون!
اھي پتلا پريرڻا جو سرچشمو آھن :
پر، ڪو شيطان
سياستدان،
ڪيئن نہ پنھنجو الُو ستو ڪرڻ لئہ
پتلن کي اپمانت ڪري
ديش جي فرزندن کي ويڙھائي
نفاق ناسازي پيدا ڪري
تباھي آڻي ٿو!
ابھم نرٺوش ڪال جو بک
عربن خربن جو نقصان!
ڪي پينر ڏماڳ جو ڏک ڏسن ٿيون!
آنڌا آنڌن کان جدا ٿين ٿا!
ديش جي سمپتي ڀسم ڪئي وڃي ٿي!
ڀسملسُر اھو ناٽڪ ڏسي ڪيئن نہ کڳيون ھڻن ٿا!
اھڙي ڀسملسُر کي ڀسم ڪريو! ڀسم ڪريو!
سڄَ ڀلي وڙھو، ڇو ٿا ٻوٽن کي نابود ڪريو!
ڪٿر پنٿين تي طنز ڪنڌي مون لکيو :-

١. مندر ڍاھيو مسجد ڍاھيو،
ڪيڏي ڪلفت وتي وئي آ!
خون جا پياسي ڇو ٿيا آھيو!

٢. خالق خلق ۾ آ سمايل،
پوءِ بہ قاتل پوءِ بہ ظالم،
تڏھن بہ انسان رت جا اُڃايل!

٣. ھي حال ڏسي رُسي رام ويو،
ٻٽي حيوانن جي ھيءَ بستي،
رحمان بہ راضي ڪين ٿيو!

هٿون ٿا پنهنجن ئي پيرن تي ڪهاڙي!
باپوءَ جي آتما روئندي هوندي!
سندس آدرشن سڌانتن جو،
روز خون ٿي رهيو آهي!
سياستدانن جو سوارٿ ۽ موجوده حالتون ڏسي هيٺيون غزل لکيو :-

ٻڌي ٻلي‌ءَ کي گهنڊڙي ڪير؟
ليندو ڪو اهڙو نر شير!
هر ڪيتر ۾ آ سياست،
سياست ۾ سوارٿ ۽ وير!
ڪير ۾ لوڻ ملائڻ وارا ڪي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ منجهه ڏڦير!
تيل جي بدران خون جلي ٿو!
ڏسجي پيو ٿو هيءَ به انڌير!
شهيد ڀڳت سنگهه سِر سهسايو
اهڙو ٻيو ڪو آهه دلير!
پاڻ ڏي هر ڪو سوڙ ڇڪي ٿو!
ديش جو چاهي ڪو ڪو خير!
قوم جي ٻيڙي ٻوڙڻ وارا،
ميڙن ٿا مايا جو ڍير،
چوڌاري نفرت ناسازي!
ڪو ته ڪڍي ڪلفت ۽ وير.

’پتلا‘ آزاد نظم ۾ پتلن جو ٿيندڙ اپمان ڏانهن اشارو ڪندي، اُنهن ديش دروهين جو نڪر ڪيو آهي جيڪي پتلن کي اپمانت ڪري نفاق ۽ ناسازي پيدا ڪري رهيا آهن.

پتلا
ڪڙا ڪيا ويا آهن
پلون سمرتيءَ ۾
اُنهن شهيدن ديش ڀڳتن
نيتائن

رڍان مڙيئي ڀوت جون ڪاريون،
ڪنهن لئہ اهڙو لفظ اُچاريون!
هرڪو سوڙ ٿو پاڻ ڏي سيري،
خود غرضيءَ جي باهہ نہ ٻاريون!
هرڪو پنهنجي رڌي ٿو کاڄٽي،
ڦوٽ وجهي ٿا قوم کي کاريون!
قرض ڪٽي ٿيو ديش ڪنگال!
اڄو وطن لاءِ سڀ ڪجهہ واريون،
وويڪ تہ هر ڪنهن کي ئي آهي،
ٿورو بس، ٿورو ويچاريون،
يارت يومي‌ءَ جي قلمو اڙي،
خون جو پاڻ ڏيئي سنواريون.

'آزاديءَ کان اڳ ۽ هاڻ' نظم ۾ مون آزاديءَ جي حاصلات لاءِ ڪيل قربانين جو ذڪر ڪندي موجودہ وقت ۾ حالتن جو جائزو پيش ڪيو آهي -

بال پال گوپال گانڌيجيءَ جو سپنو ٿيو ساڪار
آزاديءَ جو سورج اُڀريو دور ٿيو انڌڪار.
جڪڙيل ماتا مڪت ٿي ويئي لهرايو ترنگو،
دور خزان جو پورو ٿيو، ٿي جنتا باغ بهار.
پنڃ ورشي يوجنائن دوران ديش بڻيو خوشحال،
پر سوارٿ جي ڪري دکن جو آهيون اسين شڪار،
حب وطن جي وئي اُڏامي ڦوٽ جي آهہ درار!
يارتو اسي هڪ ٿيون سڀ ٿنا ٻڌائي سنسار.
خود غرضيءَ جي ڪيپ مان جنتا جاڳي جي هڪوار،
پوءِ تہ قوم جي ڪشتي "آشا" اُڪري ويندي پار.

ديش ۾ وڌندڙ پرانتيتا ۽ خود غرضيءَ جي ڀاونا ڏسي مون ديش واسين کي نئين سال جو پيغام ڏيندي لکيو :-

او يارتواسيو! نئون سال آيو،
ستيہ سنيهہ سهڪار جا گيت ڳايو!

۴. پلرت پومي سرڳ بڻايو،
کير ۾ کنڊ ٿي وڃو سيئي،
ديش جو جي ڪلياڻ ٿا چاهيو.
’سڀ ڀائر آهيون‘ گيت ۾ مون امن اتحاد جو پيغام ڏنو آهي
سڀ هڪ گهر جا ڀاتي آهيون،
تہ بہ هڪ ٻي کي پيا ٿا ڏاهيون!
۱. وير وروڌ مان ڪجهہ نا وٺبو،
گلو گلي سان اچو لڳايون.
۲. پنهنجي هٿ سان تنهن کي ڪٽيون ٿا!
هاءِ! جنهن ٽاريءَ تي ويٺا آهيون.
۳. لوڪ ڇا چوندا سياڻا آهن!
جو پنهنجي اڱڻ کي آڳ لڳايون!
۴. محبت جو مئخانو ڇلڪي،
همدرديءَ جي شمع جلايون!
ديش جي حالتن مدنظر مون لکيو :
اُٿو! پريم جي جوت جڳايو!
نفرت جي اوندهہ کي مٽايو!
ويدن جي هيءَ سرجن پومي،
اُن جي ڪڻ ڪڻ کي چمڪايو!
رشين منين جي پاون پومي،
تنهن کي ڇو پڙيانگ بڻايو!
ديش جي ملڪيت پنهنجي ملڪيت،
اوهان عيشن ۾ نہ اُڏايو!
وسري ويو ڇا تياڳ دڌيچ جو!
سوارٿ جو اڄ پوت پاڇايو!
گنگا جمنا سرسوتي هٿ،
هن ڌرتيءَ کي سرڳ بڻايو!
هڪ ٻي غزل ۾ پڻ مون ديش جي موجودهہ حالتن جو نقش چٽيو آهي.
اُن غزل جا ڪي بند پيش آهن -

پاڻ بڻيا ڪيئن مالامال!
ڪرسيءَ لاءِ جي ضمير وڪڻن،
خلق جو تن کي ڪهڙو خيال!
قوم جي ڪشتي پار لڳائي،
جاڳي ڪو مائيءَ جو لعل!

’پروانا‘ آزاد نظم ۾ مون قومي پروانن جي قربانيءَ جو ذڪر ڪندي موجوده حالتن جو جائزو پيش ڪيو آهي -

هزارن خون پنهنجي سان بوستان هند جو سنواريو
ڪٿي آهن سي پروانا!
سڙي جي خاڪ ٿين هند لاءِ!
ڪٿي فرهاد آهي اڄ!
ملڪ لئه جو ٽڪر ٽلڪي!
ڪٿي اڄ آهي سو مجنون،
وطن ليليٰ تان قربان ٿئي!

اڄ اسان جي ديش ۾ هرڪو صرف حق وٺڻ جا نعرا هڻي ٿو پر پنهنجا فرض پوريءَ ريت بجا نٿو آڻي. مون ’فرض ۽ حق‘ ڪوتا ۾ لکيو :-

ديش ڏانهن جي فرض آهن سي ويا آهن ڀُلي،
واٽ ڇڙواڳيءَ جي وٺي جن سي ويا آهن رُلي.
ڪرم ڪان منهن موڙي جو تنهنکي مردو ٿا سڏن،
ملڪ لئه مردا ڪندا ڇا جي صرف نعرا هڻن!
پنهنجا پنهنجا فرض آڻي جيڪڏهن هرڪو بجا،
سارو سمپن ديش ٿئي ۽ لڳي وڻندڙ فضا.

’خواب ۾ باپو آيو‘ آزاد نظم ۾ مون ديش جي موجوده حالتن ۽ واتاورڻ جو چٽر چٽيندي گانڌيجيءَ کي احوال ڏنو آهي -

او گانڌيجي! او باپوجي!
ڪهڙو ڏيان توکي احوال؟
تنهنجي ڪن ٿا جئه جئه ڪار!
پر وسري ويا تنهنجا ويچار.
سياست ۾ سوارٿ آجيسين،

۱. پرانتيتا جو تيو راوڻ آ پيدا،
ڪئي قيد جنهن آ سنگتن جي سيتا!
اهڙي عدوءَ کي مٽيءَ ۾ ملايو!
هي ٻوليءَ ۽ جاتيءَ جا انتر مٽايو!
ستيہ سنيهہ سهڪار جا گيت ڳايو!
۲. اوهان رام ڪرشن جي سنتان آهيو،
نہ تن جي اوهان شان کي اڄ لڄايو،
وساري سوارٿ فرض کي نڀايو!
امن سيوا ”آشا“ جو جهنڊو جهلايو،
ستيہ سنيهہ سهڪار جا گيت ڳايو!

ديش ۾ وتنڊڙ قوتن ۽ آتنڪوادين جا حملا ڏسي مون لکيو :-

۱. گجراتي، پنجابي ۽ سنڌي،
ڪو مرهٽو هندي آسامي
ڪو ڪشميري، بنگالي ونڊي،
هر گل جي نزاڪت آ پنهنجي،
هن ڦلواڙيءَ کي مهڪايون،
اسين هڪ آهيون، هڪ آهيون!
۲. ڪي خون جون نديون وهائن،
تا نردوشن تي بم برسائين،
سرسبز زمين پڙپانگ بڻائن،
غيرن جي ڄُرڇُن تي جيڪي،
سنئين راهہ تن کي لڳايون،
اسين هڪ آهيون، هڪ آهيون!

خود غرض سياستدانن تي طنز ڪندي مون لکيو :-

پيٽ جو هر ڪنهن کي آ خيال،
ديش پلي پيو ٿئي ڪنگال،
لُٽين لُٽيرا ديش جو ناٽو،
اِهو پلائن قوم سان پال!
قرض جا ڪوٽ چڙهي ويا ڪيڏا!

’ڪارگل‘ آزاد نظم ۾ مون لکيو :-

هي چا!
سرحد جو در کليو،
سماجهيو سين چڻ دليون کُليون،
محبت جي چڻ ٻري مشعال،
قرب سان ڪيوسين استقبال،
صلح جون سھٽيون ڳالهيون ٿيون.
ڪارگل تي حملو،
اوچتو ئي اوچتو،
پٺيءَ ۾ ڇرو هنيو!
سھاڳڻيون ڌهاڳڻيون بڻيون!
خون جي ندي وهي!
ڪيڏي نہ تباهي!
اِن لاءِ ڪير تلهائي

ملڪ جي موجوده حالتن جي منظر مون هڪ غزل ۾ لکيو :-

جوَ ڍيري رکپال گڏهہ جي!
ڪيئن ٿي ملڪ جو ٻيڙو پار!

اسان وديشين جي حڪومت کان برابر آزاد ٿياسين پر هن وقت اسانجي کھڙي حالت آهي!

پنهنجي ضمير کان پڇون
اسين وديشي ٻولي
وديشي سنسڪرتي سيپتا جا مڃون
اُن ڪانسواءِ پاڻ کي اپنگ پيا سمجهون!

سنڌين جي راشٽريہ ڪوي هوندراج دکايل کي شرڌانجلي ڏيندي مون لکيو :-

ديش جي آزادي آندولن جو سپهہ سالار هئين،
ديش ڀڳتيءَ جي نشي ۾ تون سدا سر شار رهين.
ديش جي آزاديءَ ﻳﻨ لاءِ قوم کي سدا بيدار ڪيو،

سکيو نہ ٿيندو ديش کو تيسين،
پنهنجن پر اون خوب لٽيو آ!
ديش جي ڀڳتي آ پيٽ جي ڀڳتي،
اجان هزارين پيٽ بکيا!
ننگا اگهاڙا کين سُکيا!
فرض کان هرکو منهن ٿو موڙي،
حق لاءِ هرکو سوَڙ ٿو سيري!
حال اوريندي شرم اچي ٿو!
رکشڪ ڪي ڪي ٿي پيا ڀکشڪ،
ديش جي دولت ڪيئن تہ لٽائن،
وديشي بئنڪن ۾ پيا لڪائن،
خرچ وڌائي عيش اڏائن،
قرض کڻي ٿيو ديش ڪنگال،
کهڙو ٻڌايان ملن احوال!
آتنکوادين ڀارت جو ڪيڏو نہ نقصان ڪيو آهي! اُن کي مخاطب ٿيندي مون لکيو -

او آتنکوادي!
ڇو ڪرين هند جي بربادي!
نردئي توکي رحم نہ آهي!
سنگدل ڇو تون ٿيو آهين؟
اهم هوَس کي پورو ڪرڻ لئہ،
ناحق خون جون نديون وهائين!
خون جو پياسي ڇو ٿيو آهين!
شانت فضا ۾ زهر ملائين!
خوف خدا جو رک تون هردم،
تہ تہ جو آ لکيو جنهن وٽ،
دوزخ جي تون باهہ ۾ جلندين،
اللہ عطا ڪيو عقل آ توکي،
تنهن جو بد استعمال ڪرين ٿو!

نيتلجي وير سلور ڪر،
جي آتما روئندي هوندي!
’اُڏئي‘ آزاد نظم ۾ بہ مون لکيو تہ اسانجي ديش ڪي قوم ڪي اُڏئي ڪائي رهي آهي، سلوڏان ٿيون.
جاتيءَ ڪي ديش ڪي،
اُڏئي ٿي ڪائي!
آهي ڪو جو،
ديش بچائي!
قوم جي ڪشتي پلر لڳئي!
’جئہ جئہ ديش مهان‘ ڪوتا ۾ مون ڀارت ديش جي مهما ڳائيندي هتان جي اوچ آدرشن جو بہ ورڻن ڪيو آهي.

رشين منين جي پاون ڀومي ڀارت ديش مهان،
ان ڏن ۾ هو سهڻي سونو پيارو هندستان.
آريہ سنسڪرتي پراچين سڀيتا جو ڀارت هو مرڪز،
ويدن جي سرجن ڀومي اهو ڏنو وشو کي ڀارت گيان
ساکي آ اتهاس اسانجو اسان نہ ڪنهن تي ڪاهيو،
ڏارين ڪاهيو، ديش کي ڏاهيو تہ بہ اوچو آ شان.
ڪيو وديشين راڄ اسان تي ڪيائون اتياچار!
مکت ڪرڻ ماتا کي، هر هندواسي ٿيو هنومان.
ڀارت جي آزاديءَ صدقي ويا ڪيئي ڪونتر ڪُسجي!
هيمون ڪالاڻي، آزاد ڀڳت سنگهہ ڪُڏندي ٿيا قربان!
مکت زنجيرن مان ٿي ماتا، ديش ٿيو خوشحال،
سيلست ۾ سوارٿ ٿيو پيدا، ڪن تہ وڪيو پنهنجو ايمان.
وري جوئارو اٿو ٿي وياسين، ٿٽي ايڪتا جي مالها،
وري ڪو جاڳي تلڪ گانڌيجي، جو رکي ملڪ جو مان،
اڄ بہ ضرورت ساري جڳ کي گيتا گيان جي آهي،
رام ڪرشن گوتم جي ڀومي آهي سرڳ سمان.
ڪلفت نفرت ڪيي اندر مان، امن جو ڏيون پيغام،
ماٺهو معنيٰ محبت اُلفت، بڻجون پهرين انسان.

جنبلت قوميت جي پري قوم کي هوشيار ڪيو.
ديش جي سوروين جو ذڪر ڪندي هڪ غزل ۾ لکيو -

ڪُڏندا ڪُڏندا ڪوندر آيا سرحد جي ميدان،
سڦلي ڪئي ڪُڪ امڙ جي تن، جڳ ۾ تن جو شان.

موجوده ڪن اڳوانن تي طنز ڪندي لکيم -

وويڪ جي ڇهنبڻي ڪين پوي ٿي،
هرڪو ويڃهن کي ورسائي.
موقعي پرستن جي پيگهي متي آ!
دل بدلو ٿو دل بدلائي!
ديش جي دولت ڪيئن نه لٽائين!
تن جي اکين ۾ شرم نه آهي!

شهيد هيمون ڪالاڻيءَ تي تازي رچيل رچنا جا ڪي بند پيش آهن -

سنڌ جا سرويچ هيمون آزاديءَ لئه قربان ٿئين،
چوچ مان سوريءَ چڙهي، تون وطن جو شان ٿين.
مات جيئيءَ جي ڪئي ڪُک تو سڦلي پهلوان،
فخر سنڌي قوم کي توتي آهي سنڌي جوان!
برف جي نادين تي ليٽائي ڇهبوڪ ٿي ظالم هنيا،
تو ڪين ٻاهر ٻاڦ ٻاڦي سنڌ جا اي سورمان!

پرجاتنتر معنيٰ پرجا جو راڄ پر اڄ اسانجي ڪن اڳوانن پرجاتنتر جو اجوڳ فائدو ورتو آهي. پيش آهي آزاد نظم

پرجاتنتر ۾
ڪُرسي - پد
موروثي حق ڪين ٿيندو آهي!
خودغرضيءَ جي ڪا حد ٿيندي آهي!
ديش ڀڳتيءَ جي حام هڻن ٿا،
پيٽ ڀڳتيءَ جي ساکي ڏين ٿا.
ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙا هڻن ٿا!
وديشي بئنڪن ۾ ڌن ميڙن ٿا،
لوڪمانيه تلڪ، مهاتما گنڌي،

پر اڄ کمڙي راهہ ڏانهن هليو تون آهين!
استو ماسد گميہ،
تمسو ما جوتر گميہ،
مرتيورما امرتم گميہ.
اوندهہ جي اوڙاهہ ۾ اڙجي،
هي منتر ويو تو کان وسري.
گيتا جو سنديش ڀلايو،
دڌيچ جو تياڳ ويو تو کان وسري.
سو ارٿ کوڙ لڳو توکي مصري!
آزادي ڇڙو اُڃي ناهي!
ڇڙو اُڃي ٿي آٿي تباهي!
منڙو ميوو آزادي آهي.
ڇڙو اُڃي بربادي آهي!
ڇُڙ ڇُڙ گابو جي ٿيندا سين،
ڏارين جي وري ور ڇڙهندا سين!
ڪين جوئلرو اٿو ٿيو!
ڪٽڪ جي اٿي جيان ملي ملي،
ديش جو نونرماڻ ڪريو!
اوهان اوچ سيپيتا جا وارث!
لوهہ نہ پر توهان ٿيو پارس!
'مکت بنگلاديش' نظم مان بہ ملڪي محبت جو عڪس ملندو.

دِيا آهي ترم اسانجو پر بزدل ڪ اسين ناهيون،
اسان سوَمان جي صدقي منهن مقابل ٿيا آهيون.
ڀتو جن سوپ جو سهرو فخر تن سوروين تي،
شهادت جو پيتو آ جام ناز آ تن شهيدن تي.
اسانجو هر جوان راڻا سپهہ سالار ٿيو آهي،
درگا جو روپ آ اندرا، سندس جئڪار ٿيو آهي.
"آشا" سنتتان شيرن جي نہ گدڙن کان ڏڪندا سين،
جگر فولاد جو ڏاري وطن جو شان رکندا سين.

وشو ساڃي جو خير تا چاهيون دليون اسانجون وشال،
دعا ڪرون تا ڳڏجي ڏٽيءَ ڪان بڻجي بهشت جهان.
سک جو هرڪو ساهہ پٽي، تئي ڀارت شاد آباد،
ڪير ۾ ڪنڌ تي "آشا" اسين ڪريون هند جو اوچو شان.

خود غرض عيش پرست اڳوانن ۽ ٽنوانن تي طنز ڪندي مون هڪ غزل ۾ لکيو :-

ماما ڀاٽيجا پاڻ ۾ آهيو!
ديش جي دولت ڀلي لٽايو!
١. پيٽ ڪان وڌ رب ڏنو اوهان کي،
پوءِ بہ ٻين جا مال ڦٻايو!
٢. رُڪ جا چٽا آندا تا ڦاڙين،
چو تا چوٽي اها ڀلايو!
٣. رکشڪ تي چو ڀکشڪ بڻجو؟
پاڻ تي ويٺا خلق ڪلايو!
۴. پيٽ بکيا ڪي سمهي پون تا،
دارونءَ جا اوهان ڏُنگ لٽايو!
٥. پاروٿو ڪي پني تا کائن،
عيش ۾ ڏن اوهان اُڏايو!
٦. خود غرضيءَ جي کيپ ۾ آهيو،
ڪارو ناٿو ڪين لڪايو!
٧. تياڳ تپسيا جي ڏيو ساکي،
ڪين رشين جو شان گھٽايو.

'او ڀارتواسي!' آزاد نظم ۾ مون ڀارتواسين کي ساڃيت ڪندي ڀارت جي اوچ آدرشن جي ياد ڏياري آهي.

ڀڳيوان تون ڀارتواسي!
ڀارت ۾ تون جنميو آهين،
رشين منين جي هن ڀومي ۾،
پليو تون نپنيو آهين.
توکي شڀ سنسڪارن جي پوناجي ملي،

۳. راڻا شواجيءَ جي سنتان،
گانڌي، نيتاجيءَ جي سنتان،
ديش پريم جي ڏيندس آنءُ گواهي،
مان ٿيندس وير سپاهي.
۴. ڀارت منهنجو مان ڀارت جو،
پيغام ڏيندس مان انسانيت جو،
مان پريم جي پٿ جو راهي،
مان ٿيندس وير سپاهي.

مون هنديءَ ۾ هڪ ڪهاڻي پڙهي ته ڪيئن هڪ پتا پنهنجي پٽن کي ايڪي ۾ رهڻ جي صلاح ڏيندي ڪاٺين جي ڀري گهرائي نصيحت ڏئي ٿو. اُها ڪهاڻي مون سنڌي ڪوتا ۾ لکي ايڪتا جو پيغام ڏنو. ان ڪوتا جو سرو آهي 'ٻڌيءَ ۾ ٻل'

جي اڪيلو هوندا جوئارو ٿيندا ڪاٺين جان ختم،
پر ٻڌي جي پاڻ ۾ ٿوَ راس ٿيندو هرڪو ڪم،
ايڪتا ۾ آ شڪتي ڪم ڏکيو آسان ٿئي،
راهه جيڪو هيءَ وٺي تنهن جو ٿو هرهنڌ مان ٿئي.

ٻالڪ ديش جي مهما ڳائيندي ڪورس ۾ چون ٿا -

ديش اسانجو هندستان،
جڳ ۾ جنهنجو اوچو شان.
۱. ننڍڙا ننڍڙا ٻالڪ آهيون،
آزاديءَ جو ڏينهن ملهايون،
قومي ترانو گڏجي ڳايون،
آهيون ويرن جي سنتان،
ديش اسانجو هندستان.
۲. پنچشيل جو ناد وڄايون،
اوچ نياچ جو ڀيد مٽايون،
ڪنهنکي ڪين پرائو ڀانيون،
اسين آهيون سڀ انسان،

پنهنجي شاعريءَ جا جيڪي مثال هن مقالي ۾ پيش ڪيا آهن اُنهن مان منهنجي وطن دوستي، ديش ڀڳتيءَ جي چٽي جهلڪ ملي ٿي. انهن گيتن، شعرن ۾ وير رس ڀريل آهي.

منهنجي ٻال گيتن ۾ به ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا ڀريل آهي. منهنجي ٻال گيتن جا ٽي سنگره 'مهڪندڙ مکڙيون' 'ٻارو اچو ته ڳايون' شايع ٿيا اُنهن ٻنهي پستڪن تي اين.سي.اي.آر.ٽي. طرفان جدا جدا سالن ۾ انعام عطا ٿيا. ان بعد 'رنگ به رنگي گل' شايع ٿيو آهي. اُنهن مان ڪن گيتن ۾ ڀارت ماتا، ڀارت ديش جي مهما آهي ڪن گيتن جي ڳائڻ سان ديش ڀڳتيءَ جو سنچار ٿئي ٿو. ڀارت ماتا جي مهما ڳائيندي مون لکيو -

جئه جئه پياري ڀارت ماتا،
رشين منين گڻ تنهنجا ڳاتا.
۱. جهنڊو ٽرنگو ٿو لهرائي،
شانتيءَ جو سنديش سڻائي،
سڀجي وشو سان تنهنجا ناتا.
جئه جئه پياري ڀارت ماتا.
۲. اهنسا جي جن راهه ٻتائي،
ستيه سنيهه جي جوت جڳائي،
گوتم گانڌي تو ڪيا پيدا،
جئه جئه پياري ڀارت ماتا.

هڪ ٻالڪ پنهنجي تمنا جو اظهار ڪندي چيو ته -

مان ٿيندس وير سپاهي،
ڀارت جي سرحد جو واهي.
۱. هند جي صدقي جان مان ڏيندس،
جان ڏئي قربان مان ٿيندس،
چاهه مان چمندس ڦاهي،
مان ٿيندس وير سپاهي.
۲. دشمن جي نڪ ۾ دم آڻي،
پنهنجي منزل ڏانهن وک تاڻي،
مان ڪين پٺيندس ساهي،
مان ٿيندس وير سپاهي.

مهاتما گانڌيءَ جي اُستتي ٻائيندي مون لکيو-

گانڌي تنهنجي جئہ جئہ ڪار،
پيارا باپو توکي نمسکار.
١. آزاديءَ جو تو ناد وڄايو،
ستلن کي اڇي تو جاڳايو،
قوم جي ڪشتي لڳائي پار!
پيارا! گانڌيءَجي توکي نمسڪار.

ڀارت ماتا جي مهما ڳائيندي لکيم -

ڀارت ماتا آهي اسان کي پراڻن کان بہ پياري،
لال بال گوپال باپوجيءَ جنهن تان جان بہ واري.
رام ڪرشن گوتم جي ڀومي رشين جو هي آستان،
ساکي آ اتهاس اسانجو ڀارت ورش مهان.
گنگا جمنا سرسوتي ٻيي ٻائي جنهن جو گان،
آهہ هماليہ رکشڪ جنهنجو مهما جنهنجي نياري،
ڀارت ماتا آهي اسان کي پراڻن کان بہ پياري.

ٻکين جي ڪماڻي آهي تہ ڪيئن چار ۾ ڦاٿل پکي ڀاڻ ۾ ايڪو ڪري اڏامي آزاد ٿين ٿا ان گيت دوارا ايڪتا جو سنديش ڏنو آهي.

چار سوڏا سپ پکي اُڏاڻا ماڳ پنهنجي تي آيا،
چار ڪٽيو هڪ ڪوئي سندن خوشيءَ ۾ نہ سمايا.
آهي ٻڌيءَ جو ڦل آزادي، دل سان سکيا هنڌايون،
ڀاڻ ۾ ايڪو ڪريون سڀيئي جي خوش رهڻ ٿا چاهيون.

'رنگ بہ رنگي گل' ۾ منهنجا بہ گيت ديش ڀڳتيءَ جي جذبات وارا آهن. 'ڀارت ديش' ۾ ڀارت جي مهما ڳائيندي کي آدرش اڳيان رکيا آهن -

ڀارت سهڻو ديش آ منهنجو،
رشي مني يش ڳائين جنهنجو.
١. سچي وشو جو ڀلو ٿا چاهيون،
سڀ کي پنهنجي گلي لڳايون،
وارونگو شل ٿئي نہ ڪنهنجو،

ديش اسانجو هندستان.

منهنجي پرارٿنا مان ٻه ديش ڀڳتيءَ جي جهلڪ ملي ٿي -

ڏي سمت اهڙي ڀڳوان،
ڪريون هند جو اوچو شان.
١. گيت پيار جا هردم ڳايون،
رسي ويل ڀائر پرچايون،
سيوا ڪري سڀ کي سرچايون،
ڪريون ملڪ لاءِ جيون دان،
ڏي سمت اهڙي ڀڳوان.

'جئه ڀارتي' ساموهڪ گيت ٻالڪ گڏجي ڳائن ٿا -

جئه ڀارتي! جئه ڀارتي!
تنهنجي اُچاريان آرتي.
١. سرڳ کان وڌ تون ڀارت ماتا،
سڀن سکن جي آهين داتا!
وشوَ سڄي سان تنهنجا ناتا،
جئه ڀارتي! جئه ڀارتي!
٢. هيءَ ڀومي جڳ کان نياري آ،
هيءَ پراڻن کان به پياري آ،
جند جان هزارن واري آ،
جئه ڀارتي! جئه ڀارتي!
تنهنجي اُچاريان آرتي.

شري لوڪمانيه تلڪ جي مهما ڳائيندي مون لکيو -

ڳايون ٿا تلڪ تنهنجي جيون ڪٿا مهان.
پرواني جيان تو ڪئي قربان پنهنجي جان،
آزادي جنم سد آ اڌڪار اسانجو،
ڪريو راڄ ٿا اسان تي ڪهڙو حق آ اوهانجو.
ڀارت ڇڏيو انگريزو هڪدم مليو فرمان.
ڳايون ٿا تلڪ تنهنجي جيون ڪٿا مهان.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي مهما ۾ ورهه ۾ رچيل منهنجا گيت

مان خوش نصيب آهيان جو مونکي برهمگياني، برهم نيشٽي، برهم شروتري مهان ڪرم يوگي پر اُپڪاري سنت شرومڻي سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا. ستگرو مهاراجن مون تي ديا درشٽي ڪري گرو منتر ڏئي منهنجي وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ راهه روشن ڪئي. مان ڏڏ زيرو ستگرن بڻائي ڇڏيو هيرو، نوڪري ڪندي ڪيترو وقت ستگرو مهاراجن جي ڪمل چرڻن جي شيوا جو وجهه مليو. سندن ڪرپا جا ڪرڻا جهٽيندو رهيس. سندن آسيس مونکي اڏيندي رهي. سندن پيار مون لاءِ امبرت جو سرچشمو هو. ماتا پتا و انگر منهنجي سار سنڀال لهندا هئا. سندن هوندي مون سنڌي ۾ هندي ۾ سندن جيون چرتر لکيو. اِهي جيون چرتر پريمين ۾ مقبول ٿيا. انهن جيون چرترن پڙهڻ سان ڪيترن جي جيون ۾ پريورتن اچي ويو. اڄ به ڪيترا پريمي شردا سان اهي گرنٿ پڙهن ٿا. سندن هوندي مان ستگرو مهاراجن جي مهما جا گيت رچيا ورور هڪ گيت جي فرمائش ٿيندي آهي جنهن ۾ مان ستگرن جي جيون ۾ ڪاريه جو ورنن ڪيو آهي. اَهو گيت وي.سي.بي. ۾ پريو آهي.

ستگر منهنجو دين ديالو رام جي راهه بتائي ٿو،
ستنام ساکي منتر ڏيئي نام جو جاپ جپائي ٿو.
١.سوامي شانتي پرڪاش اسانجو سنت سچو لاثاني آ،
برهمنيشيٽي برهم شروتري برهم ڌياني برهم گياني آ.
٢.سوامي ٽيئونرام هنن ۾ گيان جي جوت جڳائي آ،
سوامي سروانند جن جي پي صورت تن ۾ سمائي آ.
٣.پريم پرڪاش منڊل جو چندرما ٿو سيتلتا پردان ڪري،
درشن ڪندي دک دور ٿين ٿا رڳ رڳ پريمين جي ٿي ٺري.
٤.جوڳي جادوگر هي آهي پريم جي بين وڄائي ٿو،
پنهنجي امرت وچنن سان هوُ منتر مگڌ بڻائي ٿو.

ڀارت سهڻو ديش آ منهنجو.
٢. هردم پريم جي جوت جڳايون،
شانتيءَ جو سنديش سڻايون،
ڌارين کي ٻہ ڀٽايون پنهنجو،
ڀارت سهڻو ديش آ منهنجو.

'سنڪلپ' ڪوتا ۾ ٻہ مون شيپ سنڪلپ ڪندي ديش جي بهتري ڀهبودي، ڀارتوا اسين کي سکيو سٽلبو رهڻ، ساري وشو کي پنهنجو پريوار سمجهون، اهي آدرش پيش ڪيا آهن.

ڀارت ڀومي پوتر ڀومي تنهن کي سرڳ بڻايون،
هيٺو ۾ ڏايو نہ رهي ڪو اهڙو ورق ورايون.
بکيو ڏکيو ڪوئي نہ رهي جيئن هرڪو سک جو ساهہ ڀٽي،
قربانيءَ جو خون ڏيئي برپٽ کي باغ بڻايون.
سڀ مالڪ جا ٻالڪ آهيون، نياچ نہ ڪوئي اوچ هتي،
ڀاشا جاتي رنگ نسل جا سارا ڀيد ڀلايون.
اسين اُپاسڪ ''آشا'' امن جا امن اسانجو نعرو،
پراٿي ماتر ڪٽنب اسانجو سڀ کي ڳلي لڳايون.

ڇترپتي شواجي مهاراج جو چتر چٽيندي لکيم :-
جيجاٻائيءَ جي ڪُک تي سقلي شير شواجي ڄايو،
دشمن جي نڪ ۾ دم آڻي، ڀڳوو جهنبو جهولايو.

منهنجي ٻال گيتن ۾ ٻہ ملڪي محبت جي جهلڪ ملي ٿي. منهنجي انهن گيتن ۾ موسيقي رس رواني آهي. سُر سان ڳائي سگهجن ٿا. درشٽانت النڪارن جو ٻہ استعمال آهي. ٻئن ۾ ڳائڻ سان وير رس جي اُتپتي ٿئي ٿي.

هر سال آڪاشوائيءَ طرفان ٢٦ جنوري پرجاوادي ڏينهن جي موقعي تي راشٽريہ ڪوي سميلن آيوجت ڪيو ويندو ۾ هر سال جي هڪ ڪوتا چونڊي اُها سيني ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي ويندي آهي سنہ ١٩٨٥ع ۾ منهنجي ڪوتا للڪار ۽ سنہ ٢٠١٦ع 'ڀارت ديش مهان' ڪوتائون چونڊي ڪوي سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني وئي.

اٽڪل سوا مهنو وديش جي جدا جدا ملڪن ۾ ويا ان عرصي ۾ مون هيٺيون گيت لکيو.

پرين ويا پرديس منهنجو ساهہ سانگين کي ساري
ستين سمندين ساجن منهنجا دل روئي هنجون هاري.

۱) پياس ڪرڻ پياسين جي پوري ويا ڏور اهن ڏيهن ۾،
ستگر ڀاڄهون نام جو امرت ڪير پيلا پيو پيئاري!

۲) وير وڪارن جي آ ياري لوڀ موهہ جون لهرون
دهشت واري هن درياهہ مان ڪير پيلا پيو تاري!

۳) ستنام ساڪي منتر ڏيئي راهہ بتائي سچ جي،
ماحب مٺا محبت جي مورت دل تن کي ڪيئن وساري!

۴) "آشا" تن جي آهہ عنايت روح کي ڏين ٿا جي راحت،
ڀال ڪيائون مون پوريءَ سان، آنءُ تن جي آهيان پناري.

ستگرو مهاراج وديش مان واپس وريا تہ سندن سواگت ڪندي هي گيت ڳاتم:

ستگر منهنجو آيو آيو!
گيت خوشيءَ جا ڳايو ڳايو!

۱. سفر ڪري آيو سيلاني،
راهہ ڏيکاري آيو روحاني،
پريمين کي جنهن نام جپايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

۲. تتل دلين کي ٺاري ٺاري،
آيو تن کي امرت پيئاري،
هار گلن جا پايو پايو!
ستگر منهنجو آيو آيو!

۳. پيار ديا جو ڀنڊار آ سوامي،
ڪرم يوگي سنت آ نشڪامي،
نام سان نينهن جنهن تہ لڳايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

۴. "آشا" جي اکڙين جو تارو،
آهي لکن دلين جو سهارو،
درشن سان ٿي جنم سجايو،
ستگر منهنجو آيو آيو!

٥.دکين بکين جي سار لهي ٿو، هيٺن جو پي حامي آ.
روحاني رمزون ٿو ٻڌائي ستگر اَنترِيامي آ.
٦.جئہ شري ڪرشن جئہ شري ڪرشن ٻولي سدائين مٺي ٻاٽي،
مٺر مٺر مسڪان آ جنهنجي مٺر مٺر آهي واڻي.
٧.پريم ديا جو ساگر سوامي ستگر جيءَ جو جيئارو آ،
پر اُپڪاري پرم پيارو لکين دلين جو سهارو آ.
٨.پنهنجي تن کي تسپا ڏيئي ٻين کي راضي رکندو آ،
سوڪ ٻوڏ جا پيڙت جيڪي تن جي سار هوُ لهندو آ.
٩.پنهنجي سک کي جڳ جي خاطر هوُ تہ سدا قربان ڪري،
پنهنجو چت نرماڻ رکي هوُ ٻين جو ٿو سنمان ڪري.
١٠.سمرڻ سان پنهنجي جيون کي سڦل بڻائڻ وارو آ،
سڀني کي پڻ ساڳي منزل ڏانهن هلائڻ وارو آ.
١١.گيان سندو گلزار سوامي گيان جي سڳنڌ ڦهلائي ٿو،
پيچنن ۽ گيتن کي جوڙي امرت رس برسائي ٿو.
١٢.مانس شراب ڏيتي ليتي ورڌ سدا پرچار ڪري،
ستگر منهنجو سماج سڌارڪ ٻيڙو سماج جو پار ڪري.
١٣.گئوشالا ۽ ناري شالا اسپتال نرماڻ ڪري
سُڪرت جا ڪيئي ڪم ڪري ٿو پر نہ ڪڏهن هوُ ماڻ ڪري.
١٤.ٻيڙن لئہ ٻيدا آشرم کولي ٻارن لاءِ وديا مندر،
وڌوائن جي سنڀال ڪري ٿو ٻي گهرن کي ڏيندو آهي گهر.
١٥.ٻين جا ڏک پنهنجا هوُ سمجهي دکڙا تن جا دور ڪري،
سوين اچن ٿا سوالي در تي سوال سندن منظور ڪري.
١٦. '' آشا '' جي آروح جو راڻو ڪرم يوگي لاثاني آ.
امراپور مان آيو ڪٽي امرت جام هي جاني آ.
١٧.اهڙن ستگر سوامي جن کي داس ڪري پرڻام سدا.
نام پدارٿ ڏئي سين کي ڪارج سنگت جا تہ ڪندا.
مذڪور ڪوتا ۾ ستگرو مهاراجن جي صفتن ۽ ڪاريہ جو مختصر بيان ڪيو آهي. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج پريمين جي پيلس پوري ڪرڻ لاءِ

اکيون اشکبار ٿيون مان سندن وڇوڙي ۾ زار زار روئيندي هيٺ ڏنل بيت ۽ هڪ گيت سوز ڀريءَ سُر ۾ آلاپيو:

جانب منهنجي جيءَ جا جن سان ٻڌيل تار
سي سوامي جن دلدار پريا پورب پار ڏي!
پرين ويندا پرديس مان مونکي ڪل نہ هئي ڪائي،
مونکي جيئري جدائي ويا ڏئي ڏک ڏهاڳ جو!
جيجل ڪيئن جيئان جنين ساعت نہ سري
ائئي پهر تري ٿي مورت محبوبن جي
ستگر سوامي جن منهنجي من جا ها منٺار
ڪيرڪندو پيو پيار جيجل تن جوڳين بنا!
سوامي جن منهنجا سيرين هئا ڏاڍا قدردان،
تن جا لک احسان ٻڌي ٻٽيان ڪيترا!
سارينديسي ستگر کي مان روئان زارون زار
اهڙا ها دلدار جي ڏڍ ڏيندا دل کي
آيل آديسين جا پل پل پون پور
ڪنهن سان سليان سور، سنت سنيهي ويا هليا
امراپور ڏانهن ويا ڪري '' آشا '' اڪيلو،
متل ڇڏي ميلو ٿياراهي اگم ديس ڏي!

ستگرو مهاراجن جو انتم درشن ڪرڻ لاءِ هزارين شرڌالو ڪلاڪن جا ڪلاڪ قطار ۾ بيٺا هئا. داس اُن وقت هيٺ ڏنل گيت سوز ڀريءَ سُر ۾ سڏڪا ڀريندي ڳايو.

سوامي جن هليا ويا ويڳاڻو ٻڌائي!
ويڳاڻو ٻڌائي ويا منهنڙو مٽائي،
١) مون سمجهو سدائين ساڄڻ ساڻ هوندا
هليا هوت ويڙا بنا موڪلائي
٢) ڪنهن سان حال اوريان هاڻي اندر جو
روئان ويئي جيجل ڪير پرچائي!
٣) سهي ڪين سگهندا منهنجو درد دک ها
هاڻي ڪير مونکي ڇاتيءَ لڳائي.
٤) ڪيڏو پيار پنهنجو سين کي ڏنائون
شيام سندر جيان ويا بنسي وڄائي!
٥) لڏائون سار دم دم ساڄڻ ها سپاجها
پنهنجي مهر جي ويا ورکا وَسائي!

ستگرو مهاراجن لاءِ جا اُڪير منهنجي من ۾ رهي آهي اُن جو عڪس منڪور گيت ۾ ملي ٿو.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي هڪ جنمدن موقعي تي عرض ڪندي هيٺون گيت لکيم ۽ ڳايم جو پريمين کي پيارو لڳو اُن گيت جي ڳائڻ جي فرمائش وقت به وقت ٿيندي رهندي آهي اهو گيت نياٽي سمن ڪيملاٽي پنهنجي مٺر آواز ۾ رڪارڊ ڪرايو.

ڪريو مهر ستگر مهروان آهيو
ساڄڻ مون منجهل کي سنئين دڳ لڳايو
١) ترڻ ڪين ڄاڻان منهنجي روح جا راڻا
ٻڏل ٻيڙي منهنجي ڪناري اُڳايو!
٢) ڪيئي جنم گذريا نه ٿي پياس پوري
ڏيئي نام امرت منهنجي اُڄ بجهايو.
٣) اوهان پيار ڪروڙا جا پنبدار آهيو
ڏيو بوند هڪڙي جنم ٿئي سجايو.
٤) مان وهمن وسوڙيل آهيان منهنجا مرشد
اوهان منهنجي من جا مونجهارا مٽايو
٥) نڪي يوگ ڄاڻان سماڌي لڳائي،
ڏئي گيان ستگر مون ساڪي پسايو
٦) رڪان ڪهڙي پيتا نه منهنجو ڪي آهي
به ٿي لڙڪ منهنجا اوهين شل اُگهايو
٧) نه لائق مان آهيان ڪميون مون ۾ ڪيئي
پنهنجي در جي لائق مونکي شل بڻايو.
٨) ڪري من ايڪاگر جپيان نام تنهنجو
منهنجي سُرتي سائين شبد سان ملايو
٩) اوهان وٽ نه آهي ڪرپا جي ڪمي ڪا.
سنگت جي سوامي '' آشا '' اڄ پلجايو.

منهنجا مٺڙا مرشد ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڪنهن نياٽيءَ جي شادي سنبنڌ ۾ ١٤ آگسٽ رات جو جڪارتا وڃي رهيا هئا. سينگاپور کان اڳ پريات جو نام جپيندي جپيندي ١٥ آگسٽ سنه ١٩٩٢ع تي سنساري سفر سماپت ڪري برهملين ٿيا. اِهو شوڪ سماچار ساري دنيا ۾ پکڙجي ويو. هزارن پريمين جون

٢) ايش ڀڳت تون ديش ڀڳت تون گئو رڪشڪ سوامي،
دکين بکين جو تون تہ سهارو هيٺن جو حامي
٣) ڪروٽا جو تون ساگر پريم جو تون سوروپ
ديش وديش ۾ رنگ رچايا ليلا تنهنجي انوپ
٤) پريم پرڪاش منبل جا چندرما روشن ڪئي تو راهہ
ستنام ساکي منتر ڏيئي ستيہ جي بتائي راهہ
٥) سوامي ٽيئو نر ام جي سکيا گهر گهر ڦهلائي
سوامي سرو انند جي جوتي تو ستگر چمڪائي
٦) پريم جا پشپ ٿا ارپيون ڏيان تنهنجو ڌيايون
جڻہ جڻہ ڪار منايون ستگر آرتي تنهنجي ڳايون
٧) شرڌا سان ٿا سيس نو ايون ستگر تنهنجي در
"آشا" عرض ڪري ٿو سوامي سنگت تي ڪرپا ڪر.

ستگرُ سوامي شانتي پرڪاش مهار اجن وجي و الي سان وصال ڪيو اُنهن جي جدائي ۾ مون ڪيترائي گيت لکيا جن ۾ درد آهي سوز آهي اُهي گيت منهنجي پياس جي پڪار آهن. سندن مهما ڳائيندي لکيم

ڪري ياد توکي ستگر تنهنجي مهما ڳائيندس
تنهنجي مهما ڳائيندس تنهنجي سکيا هنبائيندس

١. تون گياني هئين ڌياني ودوان تون لاثاني
تنهنجي گيان جي جوتي مان گهر گهر ۾ جڳائيندس
٢. ڪاجان مهر منهنجا مرشد جپيان نام سدا تنهنجو
جپي نام تنهنجو ستگر ٻين کي بہ جپائيندس
٣. تون پيار جو ساگر هئين ڪيڏو پيار ڏنہ پريتم
جو پيار پيتم تنهنجو سو ٻين کي پيئاريندس.
٤. هئين حال محرم دل جو منهنجي سرجو تون سائين
لوڪن کي لڪ کهڙي ڪنهنکي حال ٻڌائيندس
٥. لڏي سار دکين جي تو ڏنو پيار پکين کي تو
ڪندي شيوا تن جي مان جنم سڦلو بڻائيندس
٦. ڪندي ڌيان تنهنجو ستگر دل ور ور پرجي اچي
تنهنجي ورهہ ۾ هردم مان نيٽين نير وهائيندس
٧. "آشا" تي ڪاجان آسيس توُر تائين رهجي اچي

٦) سوامي جن سيلاني ڪري سئر پورو
هزارن دلين ۾ ويا دونهڙو دکائي!
٧) منهنجا جيءَ جيئارا اکڙين جا تارا
" آشا " منهنجي دل ۾ ويا ديرو ڄمائي.

آڪاشوائي ممبئيءَ تان ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي شرڌانجلي ڏيندي مون ڪوتا پڙهي:

سنت شرومڻي سوامي شانتي پرڪاش پيارا ويا هليا!
سنڌي جاتيءَ جا سونهان ستگر سونهارا ويا هليا!
دل پريل آ درد سان، اکڙيون سين جون اشڪبار!
غم ئي غم چوڌاري آ، جيءَ جا جيئارا ويا هليا!
سار جن دم دم لڌي، پيار جن هردم ڏنو،
محب سي منٺار منهنجا قرب وار ويا هليا!
گيان جي پرڪاش سان جن است اوديا کي ڪيو
جن ڏني ٿي روشني روشن منارا ويا هليا!
سک جا ساگر ها سوامي، ڪروڻا ديا جا روپ ها
دين دکين ٻي سهارن جا سهارا ويا هليا!
جن جي درشن سان ٽڙيا گل باغ ۾آئي بهار
باغبان لاڻاني دل جا دلارا ويا هليا!
نام جي نوڪا ۾ چاڙهي پو ساگر مان پار ڪيو
سي ملاح ڪامل سوامي اکڙين جا تارا ويا هليا!
گل ڪنول وانگر گذاري جن زندگي سنسار ۾
ستگرو نرليپ سي نيڪ جيان نيارا ويا هليا!
راس ڪرشن جيان رچائي پريتم منهنجا رمندا رهيا
گوال گوپيون " آشا " روئن جيءَ جا جيئارا ويا هليا!

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پهرين آرتي جا سنتيءَ ۾ لکيم سا اڄ ٻـ ڪي پريمي ڳائيندا آهن سا پيش آهي:

جئہ گُرُ شانتي پرڪاش سوامي جئہ گُرُ شانتي پرڪاش
ترتيءَ تي اوتار هئين تون اُڌري وئين آڪاش
١) برهم نيشٺي برهم شروتري هئين تون برهم ڌياني
انت ويلي پي ڌيان مگن تون ستگر هئين گياني

وئين ديس کھڙي دلير تون هلي
تصوير تنهنجي اکڙين ۾ تري
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري
٢) نيڻ ستگر تو لئہ منهنجا سڪن
دل ڪين ڍاپي ڪيئي لوڪ ملن
ڪيئن انبڙين مان سڪ انبن لهي!
سواءِ ستگر تنهنجي ڪين سري
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري!
٣) پرگھور تون ڪيڏي لهندو هئين
ڪين درد منهنجو سهي سگھندو هئين
ڪيڏي رحمت '' آشا '' تي تنهنجي
پرواز ڪري وئين تون ڇو پري!
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري!
ستگرن جو ڏيان ڪنهي ٿڙڪ لاڙيندي گيت لکيا اٿم :
تنهنجا پور پل پل مان ستگر پچايان
مان آلين اکين سين تنهنجا گيت ڳايان
١) نہ دل ٿي لڳي منهنجي دنيوي ڪمن ۾
ڏيان مان تہ مالهڻ تنهنجي چمن ۾
چونبي پشپ پيارل مان تو لاءِ وڇايان
مان آلين اکين سين تنهنجا گيت ڳايان
٢) ويا ورهيہ گذري ٿيس مان جو ڳيانڻي
اچي حال ڏس تون ورهہ ۾ ويڳاڻي
ڪڏهن ڪانڌ ايندين مان واٽون واجهايان
مان آلين اکين سين تنهنجا گيت ڳايان
٣) تو ڪوٺي سڪي ڪي آ هيرو بڻايو
'' آشا '' تي مهر جو تو مينهڙو وسايو
تنهنجي آهي رحمت مان ڪاڄهہ ڪين آهيان
مان آلين آکين سين تنهنجا گيت ڳايان
ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن کي ياد ڪندي سندن احسان
مڃيندي لکيو :
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيئون،

لڳي داغ نہ دامن کي هڪ ڏينهن توکي پائيندس.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڪيڏا نہ هٿا دياوان مون تي مهربان سندن لک احسان سندن وڃ وساري نٿو سگهان.

تنهنجا وڙ ڪيڏا نہ ڀلائيندس
تنهنجي مهما در در ڳائيندس
١) تون محبت جي مورت مرشد
تنهنجي صورت سيني سمائيندس
٢) ڪل وسري نہ تنهنجو نام مونکان
جپيان نام تنهنجو ۽ جپائيندس
٣) جيڪو پيار ڏنئہ پريتم مونکي
پيغام پيار جو پهچائيندس
٤) ڏي پريما ڀڳتي دان مونکي
تنهنجو ڏيان سدا مان ڏيائيندس
٥) ڀلي لوڪ نہ سمجهي ڪين ٻڌي
تو سان نينهن جو ناتو نڀائيندس
٦) ڪري شيوا دکين پسن پکين جي مان
ديا پريم جي جوت جڳائيندس
٧) ڪم سونپيا جي تو مونکي مٺا
ڪندي جيون سڦل بڻائيندس
٨) تنهنجي سکيائن جي ساکي ڏيان
تنهنجي راهہ سين کي سڻائيندس
٩) لڳي داغ نہ دامن کي "آشا"
رهجي پت جي اڇي توکي پائيندس.

منهنجي اندر ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن لاءِ ڪيتري نہ اونهي اُڪير آهي. سندن ورهہ ۾ ور ور لڙڪ لاڙيا اٿم سوامي جن ڏانهن مخاطب ٿيندي هي گيت لکيم:

ڪير تو کان سواءِ مونکي پيار ڪري
مونکي پيار ڪري ڀاڪر ۾ ڀري!
١) اکيون آليون ٿي آليون منهنجون
يادگيريون پوَن پل پل تنهنجون

تون مرشد مان پانهي تنهنجي،
ڏنو امڙ جيان مونکي پيار،
تنهنجي تن ۾ تات تنوار.

۴. ورهه ۾ ورهيه ويا ڪيئي گذري،
”آشا“ جي آشا نہ ٿي پوري،
ڏيندين ڪڏهن دلبر ديدار،
تنهنجي تن ۾ تات تنوار.

منڪور گيت مان منهنجي اوُنهي اُڪير جو عڪس ملي ٿو.

ستگرن جون سمر تيون ايندي هيٺيون گيت لکاجي ويو، جنهن ۾ دردءِ سوز آهي :

سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون،
ڳالهيون ياد پون، اکڙيون ٽيون سکن.

۱. ڪندي ڏيان تن جو ويٺي لڙڪ لاڙيان،
ننڊ ۾ بہ اکڙيون روئن ٽيون ۽ ٽمن!
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

۲. ڪٿي هٿ هٿ ۾ چمندا هئا سي،
آيل اچي سي هٿڙا من چمن!
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

۳. سهي ڪين سگهندا ڪڏهن دک هوُ منهنجو،
متا محب منهنجا وري سار سي لهن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

۴. ڪيڏو پيار ڏيندا، ڪيڏي اون رکندا،
ڪري ڪير پيو پيار اچي پيار سي ڪن!
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

۵. رهاج دور ڪين تون، ائين چيائون،
ويا دور سي هلي، ڪڏهن ڪين وسرن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

۶. ڪيائون ڪيٽي رحمت ڪيائون شان ڪيڏو،
نيازوند ”آشا“ سچو شان آ سندن،
سدا ستگرن جون ڳالهيون ياد پون!

پوجيہ ستگرن جي جُدائيءَ ۾ پنهنجي حالات جو ذڪر ڪندي لکيم :

تن کي ڪين وساريان مان.

۱. ڪيئن چمندا ها هٿ هوُ منهنجو،
پيار ڏئي ڪيئون مونکي پنهنجو،
تن کي ور ور ساريان مان،
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيئون.

۲. پاڻ کان پاسي ڪڏهن نہ ڪيئون،
پري نہ رهڻ ڄاڻ ائين چيئون،
پل پل تن کي پڪاريان مان،
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيئون.

۳. ور ور دل وٺندا ها منهنجي،
ڪيڏي سار هوُ لهندا ها منهنجي،
تن لئہ هنجون هاريان مان،
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيئون.

۴. سو امي جن جي مون تي عنايت،
”آشا“ تن جي مون تي رحمت،
ڪيئن تن جي ورهہ ۾ گذاريان مان!
مهر ڪري مونکي پنهنجو ڪيئون.

ستگرن کي سارينديءَ لڙڪ لاڙينديءَ لکيم :

تنهنجي تن ۾ تات تنوار،
ڪڏهن ايندي مٺا منٺار.

۱. ڏينهن جو تنهنجي راهہ نهاريان،
روئي روئي رات گذاريان،
آهي سپني ۾ تنهنجي سار،
تنهنجي تن ۾ تات تنوار.

۲. ساجن وئين تون سئر سنڀاڻي،
فرش تان تون وئين عرش اڏاڻي،
عرش مان وئين تون ڪهڙي پار!
تنهنجي تن ۾ تات تنوار.

۳. اون هني توکي ڪيڏي منهنجي،

۶. روح ''آشا'' جو پياسي تو لئہ،
اُڃ آهي ازل جي اونهي اُڪير،
تون چنڊ جيان روشن آهين،
چاتڪ تي آنءُ نهاريندس.

مان گهٽي ۾ گهٽا گيت ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن و اسو اٽي جي مهما ۽ ورهہ ۾ رچيا آهن. مٿ مان خراج جي خبر پوندي آهي. مذڪور گيتن مان منهنجي عقيدت اُڪير جو عڪس ملي ٿو. انُهن گيتن ۾ تاجنيس حرفي تشبيهن ۽ اسعارن جو سهڄ استعمال بہ ٿيو آهي. ويوگ شرنگار پرڌان آهي. منهنجا ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڪامل گرو هئا. ڪن جا مانسڪ تہ ڪن جا شاريرڪ دک درد دوُر ڪيائون. ڪن جون جهوليون ڀريائون، هوُ ٻاجهہ ڀوهہ ۾ ڀڪنديندا هئا.

انڪري مون هيٺيون گيت لکيو :-

منهنجو ستگر ڪامل آهي،
جيڪو بگڙيل ڀاڳ بڻائي.

۱. وڃان ستگر تان ٻلهاري،
منهنجا بار ڪٽي ٿو باري،
وڏا بار مون تنهن تي لاهي،
منهنجو ستگر ڪامل آهي.

۲. منهنجا ستگر آ لاثاني،
آهي پورڻ هوُ برهمگياني،
ٿو من جي اوندهہ مٽائي،
منهنجو ستگر ڪامل آهي.

۳. جيڪو شرڌا رکي اچي دواري،
تنهنجا ستگر ڪارج سنواري،
ٿو تنهن جون آسون پڄائي،
منهنجو ستگر ڪامل آهي.

۴. منهنجي ڪيڏي سار لهي ٿو،
سپني ۾ ٻي پيار ڪري ٿو،
مونکي ننڊ مان اچي جاڳائي،
منهنجو ستگر ڪامل آهي.

۱. ڏهه سال گذري ڪيئن ويا تنهنجي ورهه ۾ راتا!
ستگر توکي سنياريان منهنجا حال تي ويڳاتا!
۲. ڪري ياد توکي ور ور ويٺو هنجون مان هاريان،
ڏنئه پيار جو پريتم هرگز نه سو وساريان.
۳. ڪيڏي سار تون هئين لهندي منهنجا پيارا،
هاڻي به ڪرپا تنهنجي مون تي سدا سونهارا!
۴. توکان سواءِ سائين! منهنجو منڙو اُداس آهي!
دل جو پکي ورهه جا دردي تو گيت ڳائي!
۵. احسان ايڏا تنهنجا هرگز نه ٿورو لاهيان،
"آشا" تي ڪر آسيسا تنهنجا چرڻ ڏيايان.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي فراق ۾ منهنجي درد ڀري دل پڪاريو:

۱. منهنجا ستگر سوامي شانتي پرڪاش،
توکي ڪڏهن مان ڪين وساريندس،
جيسين دم ۾ منهنجي دم آهي،
روئي روئي توکي پڪاريندس.
۲. پل پل ٿا تنهنجا پور پون،
ڪندي ياد توکي ٿا نيڻ ٽمن!
منهنجي دل جي تار ڳنڍيل توسان،
تنهنجي صورت سيني وهاريندس.
۳. دک منهنجو سهي نه سگهندو هئين،
ڪيڏي سار سدا تون لهندو هئين،
ڪير توکان سواءِ مونکي پيار ڪري،
پيو ورهه ۾ هنجون هاريندس.
۴. ڪيڏو شان ڪيئه احسان ڪيئه،
پنهنجي ٻالڪ جو ڪيڏو مان ڪيئه.
ڳجهه ڳوهه ۾ سائين تو ته ڳنڍيو،
وڙ تنهنجا ڪين وساريندس.
۵. منهنجو ڪامل ڪشتيبان هئين،
آنءُ اڻ تارون ۽ آهيان الڙ،
تنهنجي نام جي پل سان ستگر مان،
پنهنجي جيون نيا تاريندس.

۱. ترڻ کين ڇاٽان منهنجي دل جا ر اٽا،
ٻُڏل ٻيڙي منهنجي ڪناري لڳايو.
۲. ڪيئي جنم گذريا نہ ٿي پياس پوري،
ڏئي نام امرت منهنجي اُڃ ٻُجهايو.
۳. اوهان پيار ڪروٽا جا پنڊار آهيو،
ڏيو بوند هڪڙي جنم ٿئي سجايو.
۴. مان وهمن وسوڙيل آهيان منهنجا مرشد!
اوهان منهنجي من جا مونجهارا مٽايو.
۵. نڪي يوگ ڇاٽان سماڌي لڳائي،
ڏئي گيان ستگر مون ساکي پسايو.
٦. رکان ڪهڙي پيتا نہ منهنجو ڪي آهي،
پر ٿي لڙڪ منهنجا اوهين شل اگهايو.
۷. نہ لائق مان آهيان ڪميون مون ڪيئي،
پنهنجي در جي لائق مونکي شل بڻايو.
۸. ڪري من ايڪاگر جپيان نام تنهنجو،
منهنجي سُرت سائين شبد سان ملايو.
۹. اوهان وٽ نہ آهي ڪرپا جي ڪمي ڪا،
سنگت جي سوامي ”آشا“ اڄ پاڄايو.

گروءَ جي مهما ڳائيندي مون لکيو آهي تہ جنهن تي گرو ڪرپا ڪري ٿو پريو بہ اُن تي پرسن ٿئي ٿو. جنهن سادڪ کي گرو پيار ڪري ٿو اُن جو وار ونگو نہ ٿيندو. جيڪو ستگروءَ جي در تي شرڌا ۽ وشواس رکي اُن جي شرڻ اچي ٿو ستگرو تنهن تي نينهن جي نوازش ڪري ٿو، کيس نام جي بخشش ڪري ٿو. هو اسان جي جيون نئيا کي ڀوساگر جي ڀيڙ مان پار لڳائي ٿو. ستگرو ئي اسان کي پرماتما سان ملائي ٿو -

۱. ستگر جي آ ڪرپا جنهن تي،
پريو پي آ پرسن تنهن تي.
۲. جنهن کي ستگر ڪري ٿو پيار،
ونگو نہ ٿيندو تنهنجو وار.
۳. ستگر ڏي ٿو نام جو دان،
سيوڪ لاءِ سو آ وردان.

منهنجي ڪاويہ ۾ گرو مهما

گرو، وهنوار چاهي پرملرٿ لاءِ اسانجي راهہ روشن ڪري ٿو. گُ معنيٰ اوندهہ ۽ رُ معنيٰ روشني. جيڪو اگيان جي اوندهہ انتڪار مان ڪيي پرڪاش جي پٽ تي آڻي، است مان ڪيي ست مارگ تي وٺي هلي. سيني سنت ڪوين پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ ۾ گروءَ جي مهما ڳائي آهي. پنهنجي پنهنجي ستگرو لاءِ انيہ شرڌا جو پنهنجي ڪاويہ ۾ اظهار ڪيو آهي. مان بہ ڪن دوهن ۽ گيتن ذريعي ستگروءَ جي مهما ڳائي آهي. پرماتما جي ڪرپا سان ئي ستگروءَ جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ گروءَ جي ڪرپا سان وري پربوءَ جو درشن ٿئي ٿو ۽ ڀڳوت ڪرپا ٿئي ٿي. ڪي دوها پيش آهن...

ستگر جي ڪرپا بنا ڪين ملي ڀڳوان،
جنهن تي ڪرپا رام جي ستگر ملي سڄان،
ستگر جي ڪرپا بنا ملي نہ آتم گيان،
ستگر جي شيوا ڪري بڻج ساچو ڏنوان،
جنهن تي مهر ڪري گرو ڏئي نام جو دان،
نام نتي جو گڏ ڪري سوئي ساچو ڏنوان.

ڀڳوان ۽ ستگرو پنهنجي پريمين جي ڪيڏي نہ سار سنڀال لهن ٿا. اُنهن جا اسان تي ڪيڏا نہ احسان آهن.

ستگر ۽ ڀڳوان جا سدا ملهج احسان
سار لهن ٿا سڀن جي آهن هوُ مهربان

ساڌڪ کي گرو ۽ سندن وچنن ۾ پورڻ شرڌا ۽ وشواس هئڻ گهرجي گروءَ جي ديا سان اهڙي ساڌڪ کي سڦلتا ملي ٿي :-

پورن گر جي وچن ۾ رک شرڌا وشواس،
تنهن جي ديا سان ٿيندو سڀ ڪم تنهنجو راس.

هڪ دفعي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي جنمدن پريات جو گيت لکيم جنهن ۾ سندن مهما ڳائيندي عرض ڪيو -

ڪريو مهر ستگر مهروان آهيو،
ساڄڻ مون منجهيل کي سنئين دڳ لڳايو.

ستگر نام جو دان ڏئي ٿو.
۲۰. ستگر جي جيڪو مهما ڳائي،
دنيا ۾ سو سوڀ ٿو پائي.
۲۱. ستگر آهي دين ديالو،
سد سد آهي هوُ ڪرپالو.
۲۲. ستگر منهنجي روح جو راڻو،
گياني ڌياني هوُ تہ نماڻو.
۲۳. ستگر جي جيڪو سکيا هنڊائي،
ڀاڳن وارو سوئي آهي.
۲۴. ستگر جي وٽ شرڻ پيارا!
مٽجي ويندءِ سڀ مونجهارا.
۲۵. ''آشا'' ستگر جو آياري،
وارون وار وڃي ٻلهاري.

ستگرن جي آمد تي من سرهو ٿئي ٿو، اکڙيون ٺري پون ٿيون. اهڙي هڪ موقعي تي مان ستگرن جي مهما ڳائيندي لکيو :-

گرو گهر ۾ آيا ڀلا ڀاڳ ڀائيان،
ڀلا ڀاڳ ڀائيان خوشيون منايان.
۱. ڏسي جن کي منهنجون اکڙيون ٺرن ٿيون،
عطر ۽ عنبير جي ورکا وسايان.
۲. حب جي هندوري تن کي وهاري،
لوڏي لوڏي لوڏي تن کي لوڏايان.
۳. آهن هزارن دلين جا تہ راڻا،
مٿي تن جي چرڻن مستڪ لڳايان.
۴. جن جي نيڻن ۾ نور آ نوراني،
صورت اُنهن جي سيني سمايان.
۵. ستگر سونهارا اٿي سک جا ساگر،
پري پل بہ تن کان رهڻ ڪين چاهيان.
۶. رڳن جو رباب 'آشا' وڄائي،
اٿئي پهر تن جا گڻ گيت ڳايان.

گروءَ جي مهما ڳائيندي مون ڪيترائي گيت رچيا آهن جن سان منهنجي عقيدت جو عڪس ملي ٿو.

۴. شرڌا سان جيڪو شرڻ اچي ٿو،
ستگر تنهن کي پنهنجو ڪري ٿو.

۵. ستگر گيان جي جوت جڳائي،
اوندهہ اوديا جي ٿو مٽائي.

۶. ستگر سچ جي راهہ بتائي،
شش لوهہ کي ٿو سون بڻائي.

۷. ستگر ڀو ساگر مان تاري،
نام جي نوڪا ۾ هوُ چاڙهي.

۸. ستگر پريوءَ ساڻ ملائي،
سوهم جو ٿو ناد سڻائي.

۹. ستگر جنهن تي مهر ڪري ٿو،
تنهن جو هڪدم ڀاڳ وري ٿو.

۱۰. ستگر ڏي ٿو نام خزانو،
ڏي پرلوڪ لاءِ هوُ پروانو.

۱۱. گرو منتر جو جاپ جپي جو،
جيون سڦل ڪري ٿو سو.

۱۲. گرديو ۾ آ شرڌا جنهنجي،
مشڪل آسان ٿيندي تنهنجي.

۱۳. ستگر جي جيڪو ڪري ٿو شيوا،
تنهن کي ملن ٿا مٺڙا ميوا.

۱۴. سوليءَ ۾ گرو ڪنبو بڻائي،
باهہ ينيت مان اچي بچائي.

۱۵. ستگر آيل وپدا ٽاري،
ڀوَ ساگر مان پار اُڪاري.

۱۶. ستگر جنهنجو راکو آهي،
ڪوئي نہ سگهندو تنهن کي ڊاهي.

۱۷. ستگر من جي مونجهہ مٽائي،
ستگر روشن راهہ بڻائي.

۱۸. ڌيان گروءَ جو جيڪو تري ٿو،
تنهن جو پيارا ڀاڳ وري ٿو.

۱۹. ستگر آتم گيان ڏئي ٿو،

تڏهن وٺي اوتار اچي ٿو،
جنتا جا اچي کشٽ ڪٽي ٿو،
سورهن ڪلا سمپورڻ آهي،
”آشا“ ڀڳتن جو هتڪاري،
ڪرشن مراري برج بهاري!

رادا ڪرشن جي راس ليلا جو چٽر چٽيندي لکيو :-

شيام شيام رادا رٽي ٿي رادا ڪرشن روپ،
رادائون ڪرشن ڪئين، ليلا راس انوپ.

ڀڳوان شري ڪرشن جي بانسريءَ جو ذڪر ڪندي مون لکيو :-

چت چور ڪرشن پريم جي تو بنسي وڄائي،
گوپين ۽ گوالن جي مٺا دل تو ليائي،
جادو هو تنهنجي بنسيءَ ۾ سيني جي گواهي،
گوپين جي گهرن ۾ تو وڃي مکڻ چورايو.

ڪرشن ڀڳتيءَ جو هيٺيون گيت ڪيترا پريمي ڪورس ۾ ڳائيندا آهن :

آءُ شيام! آءُ شيام!
مٺڙ مٺڙ آ تنهنجو نام

١. برج گوڪل ۾ راس رچائي
گوپين جي چڏي سُرت ڀلائي
هئين جادوگر گهنشيام!
آءُ شيام! آءُ شيام!

٢. گوپيون گوال ٿا توکي پڪارن،
تنهنجي اچڻ جي راهه نهارن
ڏج پريم جو تون پيغام
آءُ شيام! آءُ شيام!

”آشا“ تنهنجي درشن جي آهي،
درشن ڏئي وڃ پياس بجهائي،
تنهنجي چرڻن چار ئي ڌام!
آءُ شيام! آءُ شيام!

منهنجو ڪرشن ڀڳتي ڪاويہ

هندي ڪاويہ ۾ نرگڻ ۽ سگڻ بہ ڪاويہ ڌارائون آهن. سگن ڀڳتي ڪاويہ ۾ وري ڪرشن ڀڳتي ۽ رام ڀڳتي بہ ڪاوبہ ڌارائون آهن. پر سنتي ڪوي سمنويہ وادي آهن. سنتي ڪوين سيني اوتارن جي مهما ڳائي آهي. مان بہ سيني اوتارن جي مهما ڳائي آهي. منهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو اشٽ ڀڳوان شري ڪرشن هو. منهنجو بہ اشٽ ڀڳوان شري شيام سندر آهي مان بہ ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما ۽ ورهہ جا گيت لکيا آهن ۽ ڳايا آهن ڪي امڙا گيت سي ڊي ۾ بہ رڪارڊ ڪرايا آهن. ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما ڳائيندي لکيو :

ڪرشن مراري برج بهاري!
چڪر سدرشن ڌاري آنءُ ٻلهاري.
١. نند يشودا جي اکين جو تارو،
راڌا جي جيون جو جيتارو،
گانين گوپين جو هو سهارو،
مرليءَ جنهنجي مست ڪيو جڳ،
مور مڪٽ پيتامبر ڌاري،
ڪرشن مراري برج بهاري.

٢. مهاڀارت جي لڳي لڙائي،
ارجن کي تڏهن گيتا ٻڌائي،
سچ جي ٻيڙي پار پهچائي،
ترم ڪرم جو جهنبو جهولايو،
هيو دشٽن جو سنهاري
ڪرشن مراري برج بهاري.

٣. جڏهن جڏهن وڌي پاپ وڌي تو.

ور ور شري ڪرشن کي ساڪيات درشن ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي اٿم

ڪڏهن ڏيندي درشن تون ڪرشن مراري!
وئي عمر منهنجي ائين گذري ساري!
(١) اٿم پياس پريتم ڪرين شل تون پنهنجو،
نہ ڪا طلب ٻي ڪا، نہ آڌار ڪنهنجو.
(٢) وري منش چولو ڪڏهن مونکي ملندو؟
ٿيندو تنهنجو درشن منهنجو ڀاڳ کلندو!
(٣) تنهنجي سڪ جي سمرٽي ائٿي پهر سوريان
اچاڄ من مندر ۾ توسان حال اوريان.
(۴) مڌر مرلي موهن اچي تون وڄائج
ڪري مگد مو نکي ڇاتيءَ ڇپائج

(۵) دنيا جي مزن مان مزو ڪين آيو
ملين جي تون "آشا" کي جيون سجايو.

شري ڪرشن جي درشن جي اونهي اُڪير آهي پياسي دل ورور پڪاريو اکين نيرهاريو سنڌڪا پريندي شري شيام سندر کي سنبوڌت ڪيو :

ڪڏهن درشن ڏيندين مراري
مان ورهہ جي ماري ماري!
(١) روئي روئي رات گذاريان!
تو لئہ ڪرشن وينٽي نهاريان!
طلب نہ ٻي ڪاتات اندر ۾
پسان توکي مان هڪواري
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!
(٢) من مندر ۾ توکي ڏيايان
لڙڪن جي مالها توکي پايان
پياس ۾ وينٽي توکي پُڪاريان
ڪر پنهنجو مونکي بهاري
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!
(٣) جمون جيوتي ويندي وسامي!

منهنجي پيلسي روح پڪاريو :

ڪڏهن شيام ايندين مان ويٺي پڪاريان!
اُجايل اکين سين مان ور ور نهاريان!
عجب سونهن تنهنجي آهي سونهن وارا
تنهنجي سهڻي صورت نه وسري وساريان!
نڪي يوگ ڄاڻان سماڌي لڳائي
تنهنجي پياس جا ويٺي ڳوڙها مان ڳاڙيان
متر تنهنجي مرلي متر تنهنجي مُسڪان
متو نام تنهنجو مان ور ور اُچاريان
مان اکڙين ۾ ڪرشن توکي وهاريان
ائڻي پهر ''آشا'' مان تن ۾ تنواريان

اٽڪل چاليهه سال آڳ ڀڳوان شري ڪرشن جي ورهه ۾ سڏڪا ڀريندي سوز ڀريو گيت لکيم ۽ ڳايم سي ٻيءَ ۾ به رڪارڊ ڪرايو :

آءُ شيام سندر تون مراري!
آءُ گووردن گرڌاري!
۱. سڏڪي سڏڪي ساهه سڪايم
حال اندر جو ته ڪنهنکي ٻڌايم
آهي سوز ۾ عمر گذاري
آءُ شيام سندر تون مراري!

۲. ڪين سونهين ٿو جيئڻ اڪيلو
ورهيه لڳي ٿو هڪ هڪ ويلو
ڏي درشن تون بنواري
آءُ شيام سندر تون مراري!

۳. پريمي ''آشا'' توکي پڪارين
آب اکين مان ايڏو هارين
وئي جمنا ڀرجي ساري!
آءُ شيام سندر تون مراري!

۴. موهن مرليءَ تنهنجيءَ مست ڪيو سنسار،
گوپيون گوال ۽ ڳائيون ڦريا ٿي چوڌار،
ليلا اپر اپار تنهنجي گرڌر گوپال.

۵. اڄ ڀارت تي ڀيڙ آ آءُ وٺي اوتار
سهي سگهي ڪين ڪي ڌرتي ايڏو بار
روئي زارون زار ڪر تون رکشا ڌرم جي

۶. ڪر تون رکشا ڌرم جي بانڪي بهاري!
سورنهن ڪلا سمپورڻ تون ''آشا'' گرڌاري
وچ ڏئي مراري سکيا ڪرم يوگ جي.

مون شري ڪرشن کي سمبو ڌت ڪندي لکيو آهي تہ تو هڪ دروپديءَ جي لاڄ رکي اڄ سوين دروپدين جي عزت لٽاجي رهي آهي. تنهنجي پيارين ڳائين جو ڪتلام ٿي رهيو آهي ڪيترائي ڪنس ۽ دريوڌن شڪني پيدا ٿيا آهن ڌرم جي رکشا لاءِ اوتلو ڌارڻ ڪر.

ڀارت تي اڄ ڀيڙ وڏي وئي آءُ تون ڪرشن مراري!
ڌرم ڪرم جي رکشا خاطر آءُ تون برج بهاري!

(۱) تنهنجي پيارين ڳائين جو ڪلي عام ٿئي ٿو ڪتلام
اڄ پاپين جي پاڙ پٽڻ لئہ چڪر سدرشن ڌارِي.

(۲) ڪيئي ڪنس دريوڌن هاڻي پيدا هتڙي ٿيا ٿي،
سوين ٿيون لٽاجن دروپديون ڇو چپ ويٺين گرڌاري!

(۳) ڌرم هيٺ ۽ ڪرم هيٺ اڄ ڪيڏا ٿيا هندواسي!
گيتا جو اڇي گيان سٽائج سکي ٿي جنتا ساري.

تڏهن ايندين ڇا تون سوامي،
ملندءِ منهنجي پسم پوءِ توکي!
ويندين موٽي تون گرڌاري!
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!

(۴) تنهنجي سک جي سمرٽي سوريان،
اڄ تون توسان حال مان اوريان،
سسڪيون سڏڪا پيٽ ٿي منهنجي
''آشا'' تو بن آ دکياري!
ڪڏهن درشن ڏيندين مراري!

هن گيت ۾ خيال چرم سيما تي پهچي ويو آهي تانجنيس حرفي روپڪ النڪارن جو سهڄ پريوگ ٿيل آهي. هي گيت پياسي روح جي پڪار آهي. ورهه ويدنا آهي، ويوگ شرنگار رس آهي.

مون بيتن ذريعي ڀڳوان شري ڪرشن جو بيان ڪندي التجا ڪئي آهي تہ اڄ ترم ڪرم جي شناس ڪين رهي آهي. اتياچار وڌي ويو آهي تون اوتار ڌاري اچي ترم جي رکشا ڪر.

١. جڏهن ڌرتيءَ تي ويو وڌي اتياچار،
ترم ڪرم ويو ناس ٿي چوڌر هاهاڪار!
آئين وٺي اوتار جڳ جي رکشا واسطي.

٢. ڪنس جو سنهار ڪيو، سچ جي جئہ جئڪار،
دروپديءَ جي لڄ رکي، گنگا جو اُڌار،
ڀڳت وتسل منٽار ڪرشن ڪنعيا تون هئين.

٣. ارجن کي يڌ کيتر ۾ تو گيتا ٻڌائي،
سٽي گيان گيتا جو مت ارجن کي آئي،
ڪئي شروع لڙائي پنهنجي حق جي واسطي.

منهنجو رام ڀڳتي ڪاويہ

مان آستڪ آهيان، سڳڻ ۽ نرگڻ اُپاسڪ آهيان. مان پنهنجي ڪاويہ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي اُستتي بہ ڳائي آهي تہ مريادا پرشوتم پريو شري رام، سندس پرم ڀڳت شري هنومان، ڀڳوان شنڪر جڳ دمبا ديوي ماتا ۽ ٻين اوتاري پرشن جي مهما ڳائي آهي. ڪهڙن حالتن وقت پريو شري رام اوتار ڌارڻ ڪري ڪهڙو ڪاريہ ڪيو اُهو نڪر مان هيٺ ڏنل ڪوتا ۾ ڪيو آهي.

جڳ جي پيڙا آيو مٽائڻ جنم وٺي رگهونندن رام
ستيہ سنيهہ مريادا جو پريو پاڻ ڪٽي آيو پيغام
٠١ ترم ڪرم جي پيڙي ڀڃي ٿي رام ڪنلري تنهن کي لڳايو،
ترشرا تاڙڪا، ماريچ سباهوُ ڪردوشڻ کي مٽيءَ ملايو.
راوڻ، ڪنيڪرڻ کي ماري ستيہ ترم جو جهنبو جهلايو
پاپين جي بس پاڙ پٽڻ لاءِ هن جوڙيو هو سنگرام
جڳ جي پيڙا آيو مٽائڻ جنم وٺي رگهو نندن رام
پريو شري رام جي شڪتيءَ جو نڪر ڪندي لکيو :
٠٢ رام جي نام ۾ آهي شڪتي، پٿر ٻيي پاڻيءَ ۾ ترن،
منزل مقصد تي سي پهچن اچن جي رام شرن
زهر کي امرت رام بڻائي، ٿا ڪشٽ ڪليش هرن
روم روم ۾ رام آ جن جي ٿا پائن سي وشرام
جڳ جي پيڙا آيو مٽائڻ جنم وٺي رگهو نندن رام
ديش جي موجودہ حالتن جو جائزو پيش ڪندي ڀڳوان شري رام کي وري اوتار ڌارڻ ڪري اتياچارين جو انت آڻي اهڙي التجا ڪيل آهي :
٠٣ اڄ بہ ديش ۾ راوڻ ڪيڏا ڪردوشڻ اڪيچار
رام راڄ ڪيئن ايندو تيسين جيسين اتياچار
باغ ۾ ''آشا'' ايندي بهاري جڏهن رام وٺي ايندو اوتار
سک جو هرڪو ساهہ پٽيندو، رام آهي سکڌام
جڳ جي پيڙا آيو مٽائڻ جنم وٺي رگهو نندن رام

(۴) ”آشا“ جنهن وجهي پلپ وتي وٺين اچين تون اوتلر،
بي انصافي اتياچار وتي ويو! آهُ پڳتن جا هتڪاري!

شري ڪرشن جي ملن جو تصور ڪندي لکيو:-

شيام سکي منهنجي گهر ۾ آيو،
خوشيون خوب منايو منايو!

(۱) رڳ رڳ ۾ تي جنهن کي سلريم
جنهنجي اچڻ جي وات نهاريم
تنهن ڪرشن گلي لڳايو! لڳايو!
شيام سکي منهنجي اڱڻ ۾ آيو.

(۲) سالن کان سڪ جنهن لئہ هيڙي
جنهن جي ملڻ لئہ ماندي دلڙي
تنهن پريتم پاڻ پسايو پسايو!
شيام سکي منهنجي اڱڻ ۾ آيو.

(۳) ”آشا“ جي اکڙين جو تارو
ساري دنيا جو آهہ سهارو
اچو گڏجي راس رچايو رچايو!
شيام سکي اڄ اڱڻ ۾ آيو!

شري شيام سندر گرتر گوپال ڪرشن مراريءَ جا پيا بہ ڪيترائي سنتيءَ
ءِ هنديءَ ۾ گيت رچيا آهن. مٿ مان خرار جي خبر پوندي آهي. منهنجي اندر
پڳوان ڪرشڻ لاءِ جا اونهي اُڪير آهي درشن جي پياس آهي اُن جو عڪس
منهنجي مذڪور گيتن مان ظاهر آهي اُپما النڪار، روپڪ النڪار، مبالغو
درشتانت النڪارنءِ سماسن جو سهج پريوگ ٿيو آهي.

دکي دربدر رهي نہ ڪوئي هرڪو سک جو ساهہ پٽي

رام راڄ جو آدرش اهڙو ڀارت ۾ اپنايون

پريو شري رام شبريءَ جا جوٺا ٻير سويڪار ڪيا سندس من ۾ شري رام جي درشن جي ڪيڻي نہ اونهي اُڪير هئي. هڪ گهٽ ذات واري ڀيلڻي رام ڀڳتيءَ سبب امر ٿي وئي.

شبريءَ جهڙي پياس رکون تہ ايندو رام اڱڻ ۾

پريم ڀلو سان رام ٿئي پرسن تنهن جا گڻ اچ ڳايون

ڏياريءَ جو ڏڻ صرف مٺايون کائڻ لاءِ ڪين آهي، صرف ٻاهرين روشني ڪرڻ لاءِ ڪين آهي پر من مندر ۾ گيان جي جوت جڳايون سيني کي پيار ڏيون.

محبت روپي مٺائي کائون ۽ ٻين کي بہ کارايون

رسي ويل جي ڀائر ڀينرو تن کي اڄ پرچايون

رام نام سان من مندر کي اڄو تہ 'آشا' چمڪايون

اندر مان اگيان مٽائي، گيان جي جوت جڳايون

پريو شري رام جي ڪرپا جو ورڻن ڪنهي لکيو :

جنهن تي ڪرپا رام جي لڳي نہ ڪوسو واءُ

ونگو نہ تنهن جو وار ٿئي ڪٽي دنيا مان داءُ

مذڪور دوهي ۾ ٽن اصطلاحن جو سهڄ استعمال ٿي ويو آهي.

جيڪڏهن اسين پريو شري رام کي پرسن ڪرڻ چاهيون ٿا تہ سيني پراڻين تي ديا ڪريون

ديا ڪري جو سين تي تنهن تي راضي رام

جنهن تي راضي رام آ، سو پائي مڪتي ڌام

ڪوي سنت تلسيداس جيان سيني ۾ شري رام کي پسيو ۽ لکيو

ڪنهن کي ڪين رناجهءِ تون سڀ ۾ آهي رام

لوڪن کي ڏي پيار تون تن ۾ آ گهنشام

رنگ چڙهي جنهن رام جو ڏسي سڀ ۾ رام

جيون تنهن جو رام ميہ پائي سو سکڌام

شبري ڀيلڻيءَ کي پريو شري رام جي پسڻ جي پياس هئي اُهو چتر چٽيندي دوهو لکيو

پريو شري رام چوڏهن سال بنواس ڀوڳي دشٽن جو دمن ڪري پتني سيتا ۽ ڀراتا لڪشمڻ سان گڏ ايوڌيا ۾ واپس وريو اُن جو مختصر چتر چٽيندي لکيو -

رام سيتا لڪشمڻ بنواس ڀوڳي جيئن واپس وريا،
سڀ ايوڌيا واسي خوش ٿيا ۽ ڏيهه ۾ ڏيئا ٻريا
ڀرت ڀراتا کي ڏسي جيئن چرڻن تي نميو
آئي ڀرجي دل سندس ۽ نيڻ آنسن سان ڀريا!
پريم سان پريو رام اُٿاريو پنهنجي پياري ڀاءُ کي
۽ جڏهن سيني سان لڳايو لڙڪ اکڙين ۾ تريا!
هي ڏسي ميلاپ جو درشيه پئي پرجا ٺري
ويو ورهين جو وڇوڙو، ڀاڳ سيني جا ڀريا!
پشپ ورکا سان ديون شري رام جو سواگت ڪيو
رام جو درشن ڪري سڀ ايوڌيا واسي ٺريا
ڪيوٽ جيان پڪڙيون اسان به چرڻ پريو رام جا
جنهن جي نالي لکڻ سان پٿر ٻيي جل ۾ تريا
هر طرف ٽمڪڻ لڳا 'آشا' ڏياريءَ جا ڏيئا
سوريه ونشيءَ جي اچڻ سان غم جا بادل اچ ٽريا

منڪور ڪوتا ۾ رام ڀرت ميلاپ جو ڪهڙو نه مرمڪ چتر چٽيو ويو آهي.

اڄ ڪلهه اسان مان ڪيترائي مريادا جا ليڪا لنگهي وڃن ٿا. پريو شري رام جو مريادا وارو جيون سندس سيوڪن شري هنومان ۽ شري لڪشمڻ جو سيوا ڀاوي جيون اسان لاءِ اڄ به پريرڻا جو سرچشمو آهي.

رام جي مريادا اپنائي جيون سڦل بڻايون
هنومان لڪشمڻ جي شيوا جيون ۾ اپنايون

زمين زر لاءِ اڄ ڀاءُ ڀاءُ جي وچ ۾ نفاق ۽ ناسازي آهي ڀرت جو ڀراتا شري رام لاءِ پريم اسان لاءِ هڪ وڏو مثال آهي. ماتا سيتا جو جيون به اڄ جي ناري جاتيءَ لاءِ هڪ آدرش مثال آهي.

پاون چرتر ستي سيتا جو ڀرت جو ڀراتر پريم
تلسيداس جي مانس دوارا ن روشن راهه بڻايون

'رام راجيه' پريو شري رام جو راجيه اڄ به هڪ وڏو مثال آهي. مهاتما گانڌيءَ کي به ديش جي آزادي حاصلات بعد رام راجيه جو سپنو هو. مگر اُهو سوارٿي اڳوانن سبب ساڪار ڪين ٿي سگهيو. جيڪڏهن مهاتما گانڌيءَ جو اهو سپنو ساڪار ٿئي ها ته ملڪ ۾ اڄ مفلسي ۽ اتياچار نه هجي ها.

جئہ هنومان! جئہ هنومان!

٣. رام شيوا لاءِ سدائين تيار
دئيتن جو تو ڪيو سنهار
ڏنو لڇمڻ کي جيون دان
جئہ هنومان! جئہ هنومان!

مون نہ صرف سنڌيءَ ۾ پر هنديءَ ۾ بہ پريو شري رام جي مهما جا گيت رچيا آهن پيش آهي، هڪ هندي گيت. مٿ مان خرار جي خبر پوندي آهي :-

तू ही हो मेरे रक्षक राम।
सब से बड़ा है तेरा नाम।

१. सूली से तू कांटा बनाता,
काँटो में तू फूल खिलाता,
तू डूबी नैया पार लगाता,
सम्भव करता असम्भव काम,
तू ही हो मेरे रक्षक राम!

२. शबरी को तू ने गले लगाया,
झूठे बेर तूने प्रेम से खाया,
शबरी चरण सर साफ बनाया,
तब ऋषियों ने पाया विश्राम,
तू ही हो मेरे रक्षक राम!

३. जो भी तेरी शरण में आता,
मन वाँछित फल वह है पाता,
भव सिन्धु से तर वह जाता,
"**आशा**" चरणों में चारों धाम!
तू ही हो मेरे रक्षक राम!

سڪ ۾ تيندي آهه چڪ، رام گهمايا پير
رام ڪاڏا شبريءَ جا جوٺا جوٺا بير
پريو شري رام جي مهما ڳائيندي لکيو
رام وڏو ڏاتار آ، ڏيئي ڪري نه پچار
ساري جڳ کي تو ڏئي، آهه سخي سردار
راڪو سڀ جو رام آ، رام سڪن جو ڏام
رام شرڻ جيڪو وٺي، پورن تنهنجا ڪام
سنساري سهارا ڇڏي هڪ پريو شري رام جي شرڻ وٺون ته ڪارج سڌ ٿيندا
'آشا' تياڳي آسرا شرڻ رام جي آءُ
رام اون تنهنجي ڪنو لڳي نه ڪوسو واءُ
شري رام جي ديا درشٽيءَ جو ورڻن ڪندي لکيو
جنهن تي ڪرپا رام جي تنهن جو جڳ ۾ شان
سوريءَ مان ڪنبو ٿئي، مشڪل ٿئي آسان
رام نام جي مهما ڳائيندي هڪ چوپائي لکي
رام نام پارس سم آهي،
لوهه منش کي سون بڻائي،
نام پدارٿ جيڪو پائي،
ڀاڳن وارو سوئي آهي.
پريو شري رام جي اننيه ڀڳت شري هنومان جي به مهما ڳائيندي لکيو :
جئه هنومان! جئه هنومان!
انجني پون جي تون سنتان
١. پهر ائي ڪئي رام جي ڀڳتي
ڀڳتيءَ مان ملي توکي شڪتي
پربت هٿ تي ڪنيو بلوان
جئه هنومان! جئه هنومان!
٢. رڳ رڳ ۾ هو تنهنجي رام
رام جي چرڻن چارئي ڌام
چيري ڇاتي ڏيکاريو ڀڳوان

۾ مان دادا جشن واسواڻيءَ جي وصفن جو ورڻن ڪيو آهي :-

۰۱ سنتن جو آ سنت سونهارو، دادا جشن پيارو آ،
گيان سندو گلزار آ دادا، ڀڳتيءَ جو ته ڀنڊارو آ.

۰۲ دادل شاهه جو روحاني وارث منهنجي روح جو راڻو آ،
سادي رهڻي اعليٰ ڪهڻي سد سد هوُ ته نماڻو آ.

۰۳ درد آ هنجي دل ۾ ٻين لاءِ، درد تنهين جا دور ڪري
محبت جي مرهم سان تن جا گهاوَ پيارو هوُ ٿو ڀري.

۰۴ ٻين جي پيڙا پنهنجي سمجهي تن جي پيڙا مٽائي ٿو،
لڙڪ اُگهي تن جا هو تن کي پنهنجي سيني لڳائي ٿو.

۰۵ پکين پسن کي پيار ڏئي ٿو، جوت ديا جي جڳائي ٿو،
گگدامن تي ڪهل ڪري هوُ تن جي جان بچائي ٿو.

۰۶ پشپن کي پي پٽڻ نه ڏي هوُ صورت صاحب جي جاڻي
ماڇلين کي جيئدان ڏئي ٿو مورت مالڪ جي ڄاڻي.

۰۷ پنهنجي امرت وچنن سان هو تتل دلين کي ٺاري ٿو،
نام جي نوڪا ۾ هو چاڙهي، ڀوساگر مان تاري ٿو.

۰۸ درشن سان دک دور ٿين ٿا مونجهارا ٿا مٽجي وڃن،
چت ڦرنن کان فارغ ٿئي ٿو روح رهاڻيون جڏهن ٿا ڪن.

۰۹ مرلي منوهر وانگر دادا پريم جي مرلي وڄائي ٿو،
ميران ڀومي بندرابن آ، تنهن ۾ راس رچائي ٿو.

۱۰. مرشد محب مٺي دادل لئه ڪيڏي شرڌا هن ۾ آ
دادل تان ٻلهار وڃي ٿو دادا هن جي من ۾ آ.

۱۱. 'انجليءَ' جي تخلص سان دادا ڪيئي گيت رچيا آهن،
درد سوز آ تن گيتن ۾ پريمي پريم سان ٿا ڳائن.

۱۲. آهي وڏو ودوان گياني پر نه ڏيکاري ڏيندو آ،
ڦلن وارو وڻ جهڪيل سدائين نميل ٿيندو آ.

۱۳. سندس نيڻن ۾ نور نوراني چمڪي سندس ٿي پيشاني،
ڀريوءَ جو ٿو نام جپائي ۽ راهه ڏيکاري روحاني.

۱۴. جانب جادوگر هي آهي، دلين تي جادو لڳائي ٿو،
پيار ڏئي هر ڪنهن کي پنهنجو پل ۾ پنهنجو بڻائي ٿو.

۱۵. 'آشا' تي 'انجليءَ' جي نوازش محب مٺو آهي منٺار،
ڪين وساري سگهندو ''آشا'' پياري دادا جشن جو پيار.

دادا جشن واسواڻيءَ جي ثنا ۾
فراق ۾ رچيل منهنجا گيت

مان خوش نصيب آهيان جو مونکي مهان ڪرم يوگي پر اُپڪاري برهمگياني برهم نيشٽي برهم شروتري سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا جن منهنجي راهه روشن ڪئي، سندن ڪمل چرڻن جي شيوا جو وجهه مليو. سندن پيار ۽ آسيس ملندي رهي اڄ به سندن اترشٽ ڪرپا داس تي آهي. مهان ويوتي دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي، ڪرم يوگي برهمگياني سوامي ليلاشاهه مهاراجن پريم پرڪاش منڊل جي پرڌان ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، شري ساڌو ٻيلا جي مهنت آچاريه سوامي گڻيشداس مهاراجن ۽ ٻين ستپرشن جي آسيس ۽ پيار مونکي اڏيندو رهيو. امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب ننڍپڻ ۾ لولي ڏني، هن وقت به پريم پرڪاش منڊل جا پرڌان سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج، منهنجي ستگرن جي جوت جڳائيندڙ سوامي ديو پرڪاش مهاراج، سخي سائين آسودارام صاحب جا سپاتر سائين چانڊورام صاحب، شداڻي دربار جا گادي نشين سنت يڌشٽرلعل جا سپتر سائين گوبندرام صاحب جا سپاتر سوامي پريمداس جا گادي نشين سنت واسديو مهاراج ۽ ٻيا سنت داس کي سنيهه سنمان ڏيندا رهن ٿا.

ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ سان سنيهه سنبنڌ ڪري مان پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي سمپرڪ ۾ آيس. پوڄيه دادا جشن واسواڻي منهنجي روح جا راڻا هئا. سد سد نماڻا هئا. سندن پيار مون لاءِ روحاني خوراڪ هئي. هو منهنجي اکين جا تارا هئا. ممبئي دور درشن تان جدا جدا سالن ۾ ٽي دفعا منهنجو انٽرويو ورتو ويو آهي. هڪ دفعي ڀڳه رام جواهراڻي ۽ ٻي دفعي ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي مونکان سا ڳيو سوال پڇيو ته اوهان جا گرو ڪير آهن مون جواب ڏيندي چيو ته ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج منهنجا ستگرو آهن. وري سوال پڇيائون ته دادا جشن واسواڻيءَ جو اوهان سان ڪهڙو سنبنڌ آهي؟ مان ٺهه پهه جواب ڏنو ته دادا جشن منهنجا محبوب آهن. هڪ اک منهنجي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج آهن ته ٻي اک منهنجا مٺا محبوب دادا جشن واسواڻي آهن.

پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي ثنا ڳائيندي ۽ سندن فراق ۾ مان ڪيترائي گيت رچيا آهن اهي گيت منهنجي روح جو آواز آهن. هيٺ ڏنل گيت

منهنجو دادا جشن منٺار.
٨. نوريءَ جو آ انجليءَ وارث،
لوهه اسين هوُ آهي پارس،
پايون لڙڪن جو تنهن کي هار،
منهنجو دادا جشن منٺار.
٩. دادا جشن جو جنم ملهايون،
سندس جيون مان سکيا هنڊايون،
''آشا'' سڀ ٿيون باغ بهار،
منهنجو دادا جشن منٺار.
برج يوميءَ ۾ پرسڌ گيت ڇوٽي ڇوٽي گئييا ... جي طرز تي رچيل منهنجو گيت ڪورس ۾ ڳائڻ جهڙو گيت آهي -
دادا جشن آهي ديِنن ديال،
ڪيڏي لهي ٿو اسان جي سنڀال!
١. مٺڙ مٺڙ هن جي مسڪان،
درشن ڏيئي ڪري سڀ کي نهال،
دادا جشن آهي ديِنن ديال.
٢. دادا ڪري ٿو سڀ کي پيار،
دل جو ڪيڏو آهي وشال،
دادا جشن آهي ديِنن ديال.
٣. ڪرشڻ جيئان ٿو راس رچي،
پينر گوپيون پائر گوال
دادا جشن آهي ديِنن ديال.
٤. جيوَ ديا جو ڪري پرچار،
پسن پکين جو آهي رکپال،
دادا جشن آهي ديِنن ديال.
٥. نوريءَ جي انجليءَ ۾ جوت،
ٻاري محبت جي ٿو مشعال،
دادا جشن آهي ديِنن ديال.
٦. ''آشا'' تي ڪيڏو سندس احسان،
سڀ سان ٻلائي ٻلايون ٻال،
دادا جشن آهي ديِنن ديال.

پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي سنہنڌ ۾ رچيل گيت پيش آهي، جنهن ۾ موسيقيءَ ميلاپ آهي. هن گيت ۾ پڻ دادا جشن جي گڻن جو ورڻن ڪيو آهي :-

منهنجو دادا جشن منٺار،
مونکي ڪيڏو ڪري ٿو پيار.

١. سندس نيڻن ۾ نوُر نوراني،
راهہ ڏيکاري هوُ ٿو روحاني،
ڏسي دل ٿئي باغ بهار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

٢. سد سد دادا آهي نماڻو،
منهنجي روح جو آهي راڻو،
منهنجو دادا جشن دلدار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

٣. ڇاتيءَ سان ٿو جڏهن لڳائي،
اکهندي ٻوڙها ياڪر پائي،
ڪري دل جو هلڪو بار!
منهنجو دادا جشن منٺار.

٤. محبت جي آ مورت دادا،
نوڙت نياز جي صورت دادا،
آهي عشق سندو اوتار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

٥. دکين بکين جي سار لهي ٿو،
پکين پسن کي پيار ڪري ٿو،
غمگينن جو آ غم ٽار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

٦. نام جپي ۽ ٻين کي جپائي،
ڀوَ ساگر مان پار لڳائي،
آهي ڀڳتيءَ جو تہ ڀنڊار،
منهنجو دادا جشن منٺار.

٧. اناجليءَ جي آ مون تي عنايت،
پنهنجو ڪيائين سندس آ رحمت،
منهنجو حال مرحم دلدار،

ڪر پياس پوري پريتم، ڪري پال تون پلار!
٦. آلاپ 'انجلي' تنهنجا پيغام ڏين پرينءَ جو،
''آشا'' ثنا مان ڳايان، منهنجي اکين جا تار!
مذڪور گيت ۾ شبد النڪارن ۽ ارٿ النڪارن جو سهڄ سماويش ٿيو آهي. پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي وصفن جو چٽر چٽيو آهي. پياري دادا جي آمد تي هڪ پيو گيت لکيو :-
جيءُ آيو! نچ آيو
عشق سنڌو اوتار پيارو جيءُ آيو!
١. دکين بکين جي سار لهي ٿو،
سيني کي ڏي پيار، پيارو جيءُ آيو!
٢. پکين پسن تي ديا ڪري ٿو،
آهي ڪروڻا جو اوتار پيارو جيءُ آيو!
٣. سنڌس نيڻن ۾ نور نوراني
آهي جلويدار پيارو جيءُ آيو!
٤. نام جي نوڪا ۾ هوءُ چاڙهي،
ڪندو سين کي پار پيارو جيءُ آيو!
٥. 'نوريءَ' جو 'انجلي' آ وارث
وڃان تنهن تان مان ٻلهار پيارو جيءُ آيو!
٦. ''آشا'' جي اکڙين جو تارو
ڏسي دل ٿئي باغ بهار، پيارو جيءُ آيو!
هڪ ٻي جنمدن موقعي تي پياري دادا جشن واسواڻيءَ کي جنمدن مبارڪون ڏيندي لکيو :
دادا جشن مبارڪ! تنهنجو جنم ملهايون
اوتار عشق جو تون گڻ گيت تنهنجا ڳايون
١. ڪرم يگتيءَ جي مورت آهين گيان جي تون صورت،
درشن ڪئي ملي ٿي روح کي سدائين راحت،
درويش تون دلارو لک لک توکي واڌايون،
دادا جشن مبارڪ گڻ گيت تنهنجا ڳايون.
٢. 'نوريءَ' جا 'انجلي' وارث نوڙت ۽ نياز وارا،
شيوا ڪري دکين جي سرهاڻ ڏين ٿو پيارا!
شرڌا ۽ پريم سان ٿا سر تو اڳيان جهڪايون،

دادا جي منڪور گيت ۾ بہ ميناج ۽ موسيقي آهي.
پيارو دادا جشن پيار جو ساگر آهي. منجهس مقناطيسي چڪ آهي جا
اسانکي سندس چرڻن ڏانهن ڇڪي ٿي سندن پيار جو انيو ڪندي مون هيٺيون
غزل لکيو :-

تنهنجو ئي پيار مون لاءِ آب حيات آهي،
جڳ لئہ اُماس مون لاءِ چانبوڪي رات آهي.

١. تنهنجي پيار تي تڳان ٿي تنهنجي پيار تي جيئان ٿي،
جاڳندي بہ توکي ساريان، سپني ۾ تات آهي.

٢. مند تي پوي ٿي بارش، هيءَ بي مندائتي آ،
جهر جهر ڪري وسي ٿي تنهنجي صفت آهي.

٣. ياڪر ۾ تون پرين ٿو، ڇڻ بهشت ۾ مان آهيان،
تنهنجي چانوَ ۾ گذاريان منهنجي سالات آهي.

۴. تارون وڄائي تن جون تنهنجا ئي گيت ڳايان،
پياسو آ روح منهنجو بي وائي نہ وات آهي.

۵. سمجهن ٿا ڪي لکان ٿي ڳايان ٿي سوزي نغما،
ناچيز ''آشا'' آهي ڏاتر جي ڏات آهي.

جدا جدا سالن ۾ پياري دادا جشن واسو اٿيءَ جي جنمدن موقعي تي ڪي
گيت لکيا آهن. سندن مهما ڳائيندي مبارڪون ڏنيون آهن.

لک لک جنم مبارڪ دادا جشن پيارا،
ساري وشو ۾ تون چمڪين جيئن چنڊ ۽ ستارا.
١. سيوا سنيهہ سمرڻ جي تون راهہ ٿو بتائين،
ائئي پهر تنهنجي مک مان وهي گنگا جي ڌارا.
٢. ڀڳتي ڪرم ۽ گيان جي تروينڻي تون آهين،
ڪيئي پياس ٿا بجهائن تنهنجي در دلارا!
٣. نوراني نور جهلڪي، پيشاني تنهنجي چمڪي،
درشن تنهنجي سان دلبر من جا مٽن مونجهارا.
۴. محبت جي موم ٻاري روشن ڪرين ٿو رستو،
آهين روحاني رهبر سونهون ساچو سونهارا.
۵. آهين پيار جو تون ساگر هڪ بوند جو مان پياسي،

تہ اوھان ايڏي تڪليف ڪري داس جي سار لھڻ آيا آھيو. پونا مان ئي اوھان آسيس جون ڊار ائون موڪليو ھا.

منھنجو من پرجي آيو. جڏھن مٿي گھر ۾ آيس تہ پياري دادا جي پيار جو تصور ڪندي ھيٺيون گيت لکيو :

دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!
خوشيون خوب منايو!
١. چڻ شبريءَ گھر رام پڌاريو،
رڳ رڳ ۾ ٿي جنھن ڪي سارايو،
تنھن پريتم پاڻ پسايو! پسايو!
دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!
٢. سار لھڻ لاءِ آيو ساجن،
منھنجي دل جي تخت جو راجن،
صدقي وڃان، تنھن سيني لڳايو،
دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو.
٣. مھر جو مٺڙو اڇي ترپائين،
داس تي ڪيڏي ڪرپا ڪيائين،
نيڻن نير وھايو وھايو!
دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!
٤. ”آشا“ جي اکڙين جو تارو،
لکن دلين جو آھہ سھارو،
ڀاڳ ڪري پنھنجو بڻايو!
دادا جشن اڄ اڱڻ ۾ آيو!

پوڄيہ دادا جشن واسواڻي ۽ پوڄيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مھاراجن جي سمرتي مندر جو مھورت ڪرڻ لاءِ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم الھاسنگر ۵ ۾ پڌاريا. آشرم پڌارڻ کان اڳ داس جي اڱڻ ۾ آيا. ان موقعي تي لکيم :

پرين پاڻ پيھي منھنجي اڱڻ آيو،
ڪليا ڀاڳ منھنجا ٿيو لايو سجايو.
١. سالن کان ھئي سڪ سڄڻ جي ملڻ جي،
اکين ۾ ھئي اُڃ پريتم پسڻ جي،
اچي محب مٺڙي منھڙو پسايو، پرين پاڻ ...

دادا جشن مبارڪ ڳڻ ڳيت تنهنجا ڳايون.
٣. سونهون سچو تون آهين روحاني رهبر،
منٺار تون سڀن جو، هر دل جو آهين دلبر،
اپنائي تنهنجي سکيا، جيون سڦل بڻايون،
اوتار عشق جو تون، ڳڻ ڳيت تنهنجا ڳايون.

هڪ ٻئي جنمدن موقعي تي پياري دادا جشن واسواڻيءَ کي مبارڪون ڏيندي ثنا ڳائيندي لکيم :

اوهانجي نيڻن ۾ نور آهي نوراني،
اوهانجي سدا ٿي چمڪي پيشاني.
ائئي پهر ڪيو ٿا ڏڻيءَ جي عبادت،
اوهانجي آ صورت سراپا سبحاني.
الفاظ اوهانجا آهن هيرا موتي،
خدا جا اوهين خاص عيوضي لاثاني.
اوهان عشق محبت جا اوتار آهيو،
ٻڌايو ٿا رستو سڀن کي روحاني.
ڏڻيءَ جي ٻاچن جي سدا ڪيو ٿا خدمت،
ديا پريم جي جوت جڳايو ٿا جاني.
جنمدن مبارڪ 'انجلي' اوهان کي،
''آشا'' سنت آهيو سچا برهمگياني.

ڪجهه سال اڳ داس کي فريڪچر ٿي پيو ۽ ليلاوتي هاسپيٽل ۾ آپريشن ٿيو. پياري دادا جشن کي ان گهٽنا جي خبر پئي ته ميران سٽسنگ ۾ داس لاءِ پرارٿنا ڪيائون. آپريشن بعد مونکي ڪجهه وقت سوامي سروانند اسپتال ۾ رهڻو پيو اُتي مون سان ۽ منهنجي پتني لاجونتيءَ سان ٽيليفون تي ڳالهائيندي آٿت ڏنائون. پيارو ڀاءُ نارايڻ پوپٽاڻي پياري دادا جشن کان مون لاءِ جل پڙهائي ڪٺي آيو. ١٤ نومبر منجهند جو اوچتو منهنجو محبوب پيارو دادا جشن واسواڻي منهنجي سار لهڻ لاءِ گهر جي هيٺ پڌاريو. ڀيڻ ڪرشنا. ڀيڻ گلشن. ڀاءُ رام ميرچنداڻي، ڀاءُ جنه موتياڻي منهنجي گهر ٻئين ماڙي تي چڙهي آيا ۽ چيائون ته دادا جشن هيٺ ڪار ۾ ويٺا آهن چيائون ته ديال کي چئو ته بالڪنيءَ کان منهن ڏيکاري هيٺ لهڻ جي تڪليف نه ڪري ڪيس لهڻ ۾ تڪليف ٿيندي. اهو ٻڌي مان آهستي آهستي ڏاڪڻ لهي ۽ گهر جا سڀ ڀاتي هيٺ لٿاسين. پياري دادا جشن جي اوچتي آمد تي، سندن درشن ڪري ۽ آسيس ورتي. مان کين چيو

محبوب منهنجا مٺڙا! دم دم توکي ٿو ساريان،
ساريندي توکي سپرين، ويٺو مان هنجون هاريان.
١. ڪريان عرض ٿو الله کي تو لاءِ پنا دعائون،
توکي صحت ۽ سگهہ ڏي، ائين ويٺو پڪاريان.
٢. آهين لکن دلين جو، دادا جشن سهارو،
جگ جگ جيئين سدائين، اها تات ٿو تنواريان.
٣. لڳي ڪين ڪوسو توکي ڪڏهن ڪين پيارا!
اهڙي التجا ڏاڍيءَ کي، ور ور پيو اُچاريان.
٤. سڪ سان سفر ڪري اچ منهنجي روح جا تون راڻا!
باسون باسيان ٿي ڪيئي سڀ ڪجهہ توتان مان واريان.
٥. خادم 'آشا' تنهنجي در، تنهنجي پيار جو پياسي،
نينهن جي ڪرين نوازش تو لئہ پيو نهاريان.

پياري دادا جشن لاءِ جا دل ۾ اونهي اُڪير ۽ انتظاري آهي اُن جو عڪس منهنجي شعر ۾ ملندو -

١. پريتم اچا نہ آئين تنهنجو انتظار آهي،
توکي پسڻ لاءِ دلڙي ڏاڍي بيقرار آهي.
٢. سوارٿ جو سنيهہ مون کي مڙني ڏنو مٺا آ،
پر تو جهڙو نہ مونکي ڏنو ڪنهن بہ پيار آهي.
٣. ساگر تون پريم جو مان بس بوند لاءِ پياسي،
ڪر پياس پوري پريتم تنهنجي اختيار آهي.
٤. مصريءَ کان وڌ مٺو تون آهين نرم مکڻ کان،
تون آهين پرم پوتر، مون ۾ وڪار آهي.
٥. تنهنجي آمد تي جانب دل جو ڪنول تہ ٽڙندو،
آهين جتي تون دلبر خزان ۾ بهار آهي.
٦. عيبن ۾ مان اُگهاڙي ڍولڻ ٿي ڍڪاج مون،
تنهنجو نالو پوشيدهہ پرست ستار آهي.
٧. دنيا جون چاهنائون هرگز نہ ٿينديون پوريون،
''آشا'' تنهنجي وصل جو بس طلبگار آهي.

هڪ دفعي ميران يومي پونا ۾ دادا جي ڪنهن پريميءَ مون کي پياري دادا جشن سان ملڻ لاءِ روڪيو تہ اُن ڏينهن هيٺيون گيت لکجي ويو :-

دل دلبر تو لئہ ماندي آ،

٢. نہ لائق ھئس مان سندس لائقي آ،
منھنجي دل ۾ ھن لئہ شائقي آ،
اڄي پاڻ پريتم گلي سان لڳايو پرين پاڻ ...
٣. اڄي لڙڪ اکيائين ڏئي پيار پنھنجو،
نہ لاھي سگھان ''آشا'' ٿورو مان ھنجو،
ڪري فضل مون تي پنھنجو بڻايو پرين پاڻ ...

ھڪ دفعي پياري دادا جشن کي مخاطب ٿيندي چيو

سڪايل مان آھيان نہ ايڏو سڪاءِ،
ڪري نينھن نوازش تون پنھنجو بڻاءِ.
١. دونھون درد جو دل ۾ دائم دکي ٿو،
وصل جي تون بارش سان تنھنکي وساءِ.
٢. تنھنجو پيار مون لئہ آ آب حيات،
پيئاري سو مونکي ازل اُڃ بجھاءِ.
٣. ھزارن دلين جو تون روحاني راٺو،
مونکي بہ تون رستو روحاني بتاءِ.
٤. ''آشا'' تي عنايت ڪر 'انجلي' مٺا!
ويٺي لڙڪ لاڙيان تون سيني لڳاءِ.

پيارو دادا جشن واسواڻي الھاسنگر ۾ پڌاريا سندن آمد تي گيت ڳايو :-

پريتم پاڻ پڌاريا پڌاريا،
جن لئہ ٿي مون ھنجون ھاريا.
سندن اکين ۾ نور نوراني،
راھہ ڏيکارن ٿا روحاني،
تن من ڌن تن تان مان واريان،
پريتم پاڻ پڌاريا پڌاريا.
ڪيئن نہ خوشيءَ مان 'آشا' روئي،
چرڻ سندن لڙڪن سان ڌوئي،
تتل ھردا جن ٺاريا ٺاريا!
پريتم پاڻ پڌاريا پڌاريا! ...

پيارو دادا جشن جڏھن ودیش ويا اُتي دل جو آپريشن ڪرايو تڏھن مون ڏٺيءَ در التجا ڪندي ھيٺيون گيت لکيو :-

منا لڙڪ منا محبوب پيئان
من مون برهڻ جو پاڳ وري
”آشا“ تي عنايت ڪر ’انجلي‘
تنهنجي لاءِ راڻا ٿو روح رڙي!

مون ڳهٽي ۾ ڳهٽا گيت ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ۽ منهي محبوب پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي ثنا ۽ فراق ۾ رچيا آهن. ٻنهي ويوتين جي مون تي وڏي عنايت رهي آهي. ٻئي مهاپرش منهنجي دل کي چاڻ وارا روح جا راڻا هئا مقالي ۾ ڪي ٿورا گيت پيش ڪيا آهن. مٿ مان خرار جي خبر پوندي آهي ٻنهي روحاني رهبرن لاءِ جا منهنجي اندر اُڪير ۽ شرڌا آهي اُنهن جو اظهار گيتن ۾ ڪيو آهي انهن گيتن ۾ درد ۽ سوز آهي. پياري دادا جشن جو تصور ڪندي سندن وصفن جو ورڻن ڪندي لکيو :

دادا منهنجي روح جا راڻا،
ساهه منهنجي ۾ سي سيباڻا.

١. ساريان ساريان تن کي سدائين،
جن جي پسڻ لاءِ نيڻ ويڳاڻا.

٢. چاهه مان تن جي چپني چُمان ٿي،
لفظ اُنهن جا موتيءَ داڻا!

٣. رڏين سڏين جا مالڪ هوندي،
ڪيڏا آهن هوُ تہ نماڻا.

٤. خانوند هوندي خادم سمجهن،
سائين جي در سي تہ اگهاڻا.

٥. ڏسي ڏسي دل ڪين ٿي ڍاپي،
ناتا تن سان جڙ تہ پُرڻا!

٦. معشوق منا، محبوب منا!
عاشقن سان ڪن ڪين ڪي ماڻا.

٧. منهن ۾ جن جي مشڪ مدامي،
منهن مان ٽپڪن موتيءَ داڻا.

٨. ڪين ڏين ڏيهه کي ڏيکاري،
سياڻن ۾ سي آهن سياڻا!

٩. جڳت کان تن جي ريت نرالي،
ڪين ٿا سمجهن لوڪ اياڻا.

تنهنجي قرب جي قيد ۾ باندي آ.

۱. تون حال منهنجو سڀ ڄاڻين ٿو،
تون دل منهنجيءَ کي پڇاڻين ٿو،
رکي لوڪ پري مون کي ڪيئو ساڄڻ،
تنهنجو منهنجو ناتو انادي آ،
دل دلبر تو لئہ ماندي آ.

۲. ڪڏهن ايندين اڱڻ ۾ پيرِ پري،
دل سڏڪي سڏڪي سڏڙا ڪري،
ڪيڏا ڪانگ اڏايم تو لئہ پرين،
ڪنهن خبر نہ **''آشا''** آندي آ،
دل دلبر تو لئہ ماندي آ.

پياري دادا جشن جو تصور ڪندي بہ روح کي راحت ملي ٿي

تن ۾ تنهنجي تات تنوار،
تو سان دل جي ڳنڍيل آ تار،
تنهنجو تصور ڏي تسڪين،
آءُ منهنجا مٺا منٺار!
ياد ڪندي توکي لڙڪ مان لاڙيان،
ٿي هلڪو دل جو بار،
تون ئي منهنجي دل کي ڄاڻين،
ڪري تو بن ڪير پيار!
''آشا'' تي ڪر 'انجلي' عنايت،
نينهن پري آ تنهنجي نهار.

پياري دادا جشن جي پيار جو پياسي آهيان اُن جي جهلڪ منهنجي ورهي گيتن مان بہ جهلڪي رهي آهي.

دل توکي ساڄڻ ٿي ياد ڪري
ڪڏهن ايندين اڱڻ ۾ پير پري
شب روز ساڄڻ توکي ساريان ٿي
نيڻن ۾ تنهنجي تصوير تري
تون گهوٽ گهٽن جو آهين مٺا!
منهنجي تو کان سواءِ پلا ڪيئن سري!
تصور ٿو ڪريان جڏهن تنهنجو ساڄڻ
ٿو جهر جهر جهر نير جهري!

منهنجي گيتن ۾ آد شڪتي ديوي ماتا جي اُستتي

آدي شڪتي جگدمبا، يوگ مئيا جا انيڪ نالا آهن. وئشنو ديوي، درگا ماتا، سرسوتي ماتا، شيران والي، لاٽان والي، جوتان والي سنتوشي ماتا وغيره.

مان ماتا جو اُپاسڪ آهيان ماتا جي مهما ڳائيندي مون لکيو :

ديوي ماتا جڳ جي ماتا منهنجي پيي سا ماتا آ،
آدي شڪتي جگدمبا مئيا جڳ جنني جڳ داتا آ.
ڪيڏي ڪرپا آ ماتا جي جنهنجو ڪوئي آر نہ پار،
تنهنڪي ڪيئن وساريان مان قدم قدم تي لهي ٿي سار.
عقل علم سڀ آهي اُنهيءَ جو مان اگياني آهيان ٻار،
ماءُ جيان ٿي ڪري پالنا مونکي ڪري ٿي ڪيڏو پيار.
جيڪي آهيان ديا اُنهيءَ جي داس تي ڪيڏا سندس احسان،
نالو منهنجو شڪتي هنجي لوڪ سار اهن ٿا ودوان!
جيڪي لکان ٿو، جيڪي چوان ٿو، آهي سمورو سندس گيان،
سرسوتي درگا لڪشمي آهن جنهنجا روپ انيڪ،
ڌيان ڪري جو ماتا جو ٿو جڳ ۾ بڻجي سو ٿو نيڪ.
شرڌا سان جو ڪري اُستتي، ڪارج ٿين ٿا تنهن جا راس،
ڏيندي ديوي درشن اُن کي جنهنجو اُن ۾ اٽل وشواس.
دنيا جي پو ساگر مان منهنجي نئيا پار پهچائيندي،
”آشا“ کي آشا تہ اِها ئي نيٺ تہ پنهنجو بڻائيندي.
تن من جا دک دور ڪري، عرض اوس تہ اگهائيندي،
درليڀ درشن ڏيئي ماتا نيٺ تہ آس پڄائيندي.

منڪور گيت ۾ ماتا لاءِ منهنجي اٽوٽ شرڌا ۽ وشواس جو اظهار ٿيل آهي. سندس ڪرپا داس تي آهي، اُن سبب ئي منهنجو قلم هلي ٿو. منهنجي

۱۰. ڪيڏو ڏين ٿا پيار سڀن کي،
"آشا" تن در لڙڪ اگهاٿا.

مان نہ صرف سنڌيءَ ۾ پياري دادا جشن جي مهما ڳائي پر هنديءَ
انگريزيءَ ۾ سندن مهما ڳائي آهي.

پياري دادا جشن واسواڻيءَ ڏانهن مخاطب ٿيندي مون انگريزيءَ ۾
پنهنجي اُمنگن جو اظهار ڪيو آهي.

Thou art my beloved and guide,
Thou hast vanished my ego and pride.

Thy tender hands wiped tears of broken ones,
Sphere of your sympathy and love is wide.

Thou art incarnation of humility,
To all creatures thou art merciful and kind.

Thy belessings are a boon to me,
Thy love and affection can not be described.

Thou art apple of my eyes,
Thy fragrance has spread all over side.

هزارين دلين جو سهارو منهنجي اکين جو تارو مٺو محبوب منٺار پيارو
دادا جشن واسواڻي ۱۲ جولاءِ سنساري سفر سماپت ڪري رب جي راهہ ڏانهن
رمندا رهيا. لڙڪ لاڙيندي لکيو:

روحاني رهبر تون منهنجا دادا جشن منٺار
سنتن جو سرمور هئين تون ڀڳتيءَ جو ڀنڊار
سادي رهڻي اعليٰ ڪهڻي تون گيان سنڌو گلزار
دکين جا دک دور ڪيا تو هئين تون غمگسار
جيوَ ديا جو حامي تون، عشق سنڌو اوتار
ڪرشن جيان تو راس رچائي تو دادا جشن منٺار
جوڳي جادوگار تون هئين ڏنو هڪ هڪ کي تو پيار
دنيا جي ڪنڊ ڪرڇ ۾ اڄ تنهنجو ناماچار
ڏي ڏيندو هئين دل کي تون جانب جلويدار
نوريءَ جا وارث انجلي منهنجا ڪانڌ ڀتار
پرين وئين پرواز ڪري اڄ تون ڪهڙي پار!
تو بن ڪرشنا گلشن روئي "آشا" روئي زارون زار!
ميران پومي آهہ اُداس، ڳوڙهن سان ٿمنار
ڪير پيو لهندو هاڻي 'انجلي' تو بن منهنجي سار!

شنيءَ، نشنيءَ مهشاسُر کي متيءَ ۾ تو ملايو
رڪشا ڪرين ٿي ڀڳتن جي ۽ دشٽن جو سنهار
ٻار ٻاراٽي ڪن جي جيجل ڪميا جي تون کاڻ
ماتا منهنجي تون آهين ديوي آهيان مان تنهنجو ٻار
ننگ ٻچن جو توتي ديوي تنهنجا سيني ٻار
اوراٽا تنهنجا جيجل ڳايان ٿار ماتا تون ٿار
آس وندن جي 'آشا' پڄائين جڳ جو ڪرين ڪلياڻ
مهر جو مينهن وسائج ماتا گهرجي تنهنجو پيار

سنساري صورتون بي بقا، بي وفا، مان انڪري ماتا تنهنجي مورت من مندر ۾ براجمان ڪئي آهي. صرف ساڪار روپ ۾ تنهنجي پسڻ جي پياس آهي.

ماتا تنهنجي درشن جي آ پياس!
بي ڪين ڪا جڳ جي آس.

١) ڪڏهن ماتا تون پرسن ٿيندينءَ
ڪڏهن ماتا تون درشن ڏيندينءَ
جڳدمبا توکي ياد ڪريان ٿو
مڃ منهنجي هيءَ ارداس
ماتا تنهنجي درشن جي آ پياس!

٢) تنهنجا مون تي لک احسان،
ڏڏ کي تو ڪيو آ گڻوان،
تنهنجي شرڻ ۾ آيو آهيان،
ماتا ڪر من مندر ۾ نواس،
ماتا تنهنجي درشن جي آ پياس!

٣) ڪرپا ڪر تون جڳ جنني ماتا!
تون آهين ديوي سکن جي داتا،
لاٽان والي! تون شيران والي!
تنهنجي در جو ''آشا'' داس،
ماتا تنهنجي درشن جي آ پياس!

'ڇوٽي ڇوٽي گنئيا ڇوٽي ڇوٽي گوال' گيت جي طرز تي رچيل منهنجو

ڪنٽ ۽ هرديہ ۾ سندس واس آهي. آدي شڪتي ديوي ماتا کي پرارٿنا ڪندي
مون لکيو :-

پنهنجو دوَيہ درشن تون ماتا پساءِ،
آهيان ٻار تنهنجو تون سيني لڳاءِ.
سڪل ٿوڻ منهنجي دل جي آ بستي،
پنهنجي مهر جو تون مينهڙو وساءِ.
تري ڪين ڇاٽان مان اڻ تارون آهيان،
پنهنجي ٻاجهہ ٻانهن ڪناري لڳاءِ.
رڪان ڪهڙي پيٺا نہ منهنجو ڪي آهہ،
ٻہ ٿي لڙڪ ماتا! اچي تون اگهاءِ.
نہ عهدو نہ اقبال مونکي هاڻ گهرجي،
ڪمل چرڻ ڏيايان تون پنهنجو ٻڻاءِ.
لکين سواس ويرٿ وڃايا اٿم،
منهنجي من مندر ۾ تون جيوتي جڳاءِ.
جنهن تي تنهنجي ڪرپا ڪلي پئي تنهن جو،
چاهيان تنهنجي ڪرپا، ٿي چرڻن ۾ جاءِ.
ڪيئي جنم گذريا نہ ٿي پياس پوري،
تون درشن ڏئي پياس منهنجي ٻاجهاءِ.
''آشا'' تنهنجي در جو تہ آهي بکاري،
ڏئي پيار پنهنجو تون دکڙا مٽاءِ.

مونکي ماتا جي درشن جي اونهي اُڪير آهي اُن جو عڪس منڪو
گيت ۾ آهي. ملن ماتا جو هيٺيون اوراٽو بہ لکيو آهي جو سي.بي. ۾ رڪارڊ ٿيل آهي.

جوڳ مايا آد شڪتي تنهنجو آ آڌار
جڳدمبا جڳ ساري ۾ تنهنجي جئہ جئڪار
ان پورڻا آهين تون ماتا! جڳ جي لهين سنڀال
ڪمي نہ تو وٽ ڪائي آهي سدا پريل ڀنڊار
ڌوپ ڏيان جو پشپ پريم جا من ۾ مان پوڄان
ديا درشٽي ڪر تون ماتا. ٿيان مان باغ بهار

इस लहर से कोई लाल बचे,
जिसको न कोई आसक्ति है।
स्थूल कोई अस्तित्व नहीं,
अशक्त हूँ तू मेरी शक्ति है।
तेरा ही निरंतर ध्यान रहे,
माँ तेरी स्मृति भक्ति है।

ڪيترن هنڌ مونکي هيٺ ڏنل هندي گيت ڳائڻ جي فرمائش ٿيندي آهي :

माँ तेरी शरण में

आया तेरी शरण में माँ!
मेरी बिगड़ी बना दे माँ!

१) उपहार मेरे आँसू, स्वीकार तू कर दे माँ!
२) मेरी डूब रही नैया, तू पार लगा दे माँ!
३) आती नींद नहीं मुझको तू गोद सुला दे माँ!
४) मैं जन्मों से तृष्त तू सुधा पिला दे माँ!
५) 'आशा' प्यासी दर्शन का, तू दरस दिखा दे माँ!

منهنجي هنديءَ ۾ رچيل ماتا جي آرتي بہ شرڌالو شرڌا سان ڳائيندا آهن :

जय अम्बे माता ओम् जय अम्बे माता,
दुःख हरनी सुख करनी, तू आनन्द दाता, ओम् जय....

१) शुम्भ निशुम्भ संहारे, दुष्टों को मारे,
भक्तजनों की रक्षा करती, द्वार पै जो आता, ओम् जय....
२) तेरी अनुकम्पा से मैया शूल होते हैं फूल,
तूही भाग्य विधाता जय दुर्गा माता, ओम् जय....
३) श्रद्धा और विश्वास से तेरी आरती जो गाए,
आठों ऋद्धियाँ सिद्धियाँ वह प्रेमी पाता, ओम् जय....
४) प्रेम के पुष्प चढ़ाऊँ, धूप ध्याक का माँ!
"आशा" तेरी शरण में आया, गीत तेरे गाता, ओम् जय....

هيٺيون گيت شرڌالو ڏاڍي پريم ۽ اُمنگ سان ڳائيندا آهن :-

ديوي ماتا آهي منهنجي رکپال،
ڪيڏي ڪري ٿي ٻاچن جي سنڀال.

۱) لڪشمي سرسوتي تنهن جا روپ،
وئشٽو ديوي آهي جڳپال، ديوي ماتا

۲) دشٽن جو ٿي دمن ڪري،
ڀڳتن کي ڏئي پنهنجي ڍال، ديوي ماتا

۳) جيڪو اچي ٿو ماتا جي دوار،
تنهن جا ڪري ٿي پورا سوال، ديوي ماتا

۴) شرڌا سان جيڪو ياد ڪري،
تنهنکي ڪري ٿي مالا مال، ديوي ماتا

۵) داس اگياني آهيان سندس مان ٻار،
گيان ڏئي ڪيئين مونکي نهال، ديوي ماتا

٦) ''آشا'' کي درشن جي پياس،
درشن ڏئي ڪندي ماتا نهال، ديوي ماتا

مان سنڌيءَ ۾ تہ ديوي ماتا جي مهما جا گيت لکيا آهن پر هنديءَ ۾ پڻ انڪل ٽيهہ کن جگدمبا مئيا جي مهما جا گيت لکيا آهن. اُنهن مان صرف ہہ گيت پيش ڪريان ٿو. مٿ مان خرار جي خبر پوندي آهي. سندس ڪرپا سان ئي مان اِهي گيت لکيا ۽ ڳايا آهن. رات جو ٻارهين بجي ماتا جي مورتيءَ اڳيان ويٺو هوس تہ هيٺيون گيت لکجي ويو :-

जब तेरी स्मृति आती है,
सुप्त आशाओं को जगाती है।
तेरा चिन्तन करते करते माँ,
नींद नेत्रों से खो जाती है।
मैं स्व को खोकर तुझको पाऊँ,
और चीज़ न मन को भाती है।
ये दुनियाँ है दुख की नगरी,
माया की लहर लहराती है।

ٿو مڇي ٻاڙهو ٿئي زردار ڏس.

ديش ۾ وڌنڙ بي انصافيءَ جو چٽر چٽيندي لکيو :-

تيل جي بدران خون جلي ٿو،
ڏسجي پيو ٿو هي بہ انڌير!

چند مفلسن جي زندگيءَ جي عڪاسي ڪندي سرمائيدارن کي مخاطب ٿيندي مون لکيو :-

انگ اُگهاڙا پوھہ جو پارو،
پيٽ بکيا ڪيئن سمهي پون ٿا!
ڪين لڪايو ناٽو ڪارو.

لونءَ لڳي ٿي ٻبر پاڇن ٿا،
اڌ ٻچ مانيءَ لاءِ ويچارا،
پيرين اُگهاڙا پيا پٽڪن ٿا!

زردار تي طنز ڪندي لکيو :-

زر وارن جو ڪيڏو زور،
راڄ بہ ڪن ٿا راڳا بہ ڪن ٿا،
تڏهن بہ سڏجن سي شمور.

لکين بي اجهي ٿا فاقا ڪين!
اوهان چو عيشن ۾ مايا اُڏايو!

ظالمن جو ظلم ڏسي حقيقت پيش ڪئي اٿم -

ڏاڍن جو ڏمڪاءُ جڳت ۾ ڏاڍن جو ڏهڪاءُ،
جيري خاطر ڪري ڪمن ٿا، ڪين اٿن ڪمڪاءُ!
اجا بہ آهي ظلم زار جو هٽلرشاهي زور،
ستمگرن جي ساري سر آ، اجا تہ آ انياءُ
هاٿيءَ جا ڏند ڏسڻ جا هڪڙا ۽ کائڻ جا ٻيا،
ڪيئن ڪاجي ويساهہ اُنهن تي ڪن ٿا جي ڪُنياءُ!

’ستمگر‘ نئين ڪويتا ۾ مون ظالم حاڪم جي ڏاڍائي ڏهڪاءَ ستم جو چٽر چٽيندي لکيو -

انسان جي بي بها حياتي

منهنجي شاعريءَ ۾ ترقي پسند ويچار ڌارا

هر ڀٽي جيوي ساهتيڪار ترقي پسند ويچارڌارا وارو ساهتيڪار آهي. ڪن آلوچڪن ۽ اديبن ترقي پسند ويچارڌارا جو بنياد مارڪسواد ۽ سلميواد کي مڃيو آهي. ڪارل مارڪس جو جنم اڻويهين صديءَ ۾ ٿيو. کي ويچارڪ سلميواد جو آغاز رشيا جي انقلابي آندولن سان مڃين ٿا جيڪڏهن تواريخ جا ورق ٿيرائبا ته اها پلي پت چاڻ ملندي ته ڀارت جي پراچين رشين منين هزارين سال اڳ ساري سنسار کي هڪ پريوار 'وسديو ڪٽنبڪم' ڪري مڃيو. انهن نه صرف ملنو ماتر ۾ پر ٿل چر جل چر ۽ نپ چر سيني پراڻين ۾ سڀني آتما. برهم جي شڪتيءَ کي سويڪار ڪيو آهي. ڀڳوان شري ڪرشن ڀڳوت گيتا جي پنجين ادياءَ جي ارڙهين شلوڪ ۾ سمانتا جو سنديش ڏنو آهي :

ساڃو گيانتي سو جو براهمڻ مسڪين دين ۽ هاٿيءَ ڳئوءَ ۾ اِڪ ٿو پسي،
ڪتي ۽ چنڊال ۾ به جو اِڪ جوتي آتم جي ٿو ڏسي. (ستو واسواڻي)

شري گرونانڪ ديو مهاراج، سنت ڪبيرداس به ترقي پسند مهاپرش هئا جن پاکنڊ جي پاڙ پٽڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ حق جي شناس ڏني. جيڪي ساهتيڪار، مهاپرش، ڀڳوان لوڪ ڪلياڻ لاءِ، سماج جي بهتريءَ بهبوديءَ لاءِ جهونين ريتين رسمن رواجن کي ٽوڙي ٽيندڙ ظلم ۽ بي انصافيءَ خلاف آواز بلند ڪن ٿا. جن جي دل ۾ هيٺين طبقي مسڪينن مظلومن لاءِ همدردي آهي، ستمگر حاڪمن لاءِ نفرت آهي سي سڀ ساچا ترقي پسند آهن.

مان به آستڪ ترقي پسند شخص آهيان. منهنجي ويچارن ۽ وهنوار مان غريبن، دکين بيواهن، مظلومن لاءِ همدردي جي جهلڪ ملندي منهنجا ترقي پسند خيال منهنجي شاعريءَ مان ظاهر آهن. مان پورهيت کي بيدار ڪندي لکيو :-

ظلم جا مي ڪوٽ جيئن لرزي وڃن
تون اُهو طوفان ٿي هڪ وار ڏس!
اُٿ اُٿي حق لاءِ ڪر جدوجهد
پنهنجا حق هڪوار اي حقدار ڏس!
خون تنهنجو چور جان چوسي ڪري،

نازل ٿئي تن ملجر ا!
ملڪ ۾ ڪيتري غريبي
مفلسي چوڌار آ!
زندگيءَ مان انسان ٿيو بيزار آ!
ٻي طرف ڪيئن لڪ لٽايا ٿا وڃن
ڪيئن ڪتا ڏايي چوڄ سان
محلن ۾ پاليا ٿا وڃن!
شان ڪوڙي لاءِ
ڪيئن دنگ لٽايا ٿا وڃن!
انسان جي اولاد جو
درجو ڪتن کان گهٽ ٿيو!
روشنيءَ جي هن زماني ۾
اڃا اونده رهي!
پرڌان منتري شري موديءَ کي سنبوڌت ڪندي مون لکيو -
ڀارت جي سرسبز زمين کي ڪيو ماڪڙ آ برباد،
نبر نشتاوان نريندر ڪر ڀارت شاد آباد.
جن بہ لٽيو خود غرضن، تن جون ڌجون اُڏاءِ
امن امان ۽ قوميت جو ڀارت ۾ ناد وڄاءِ
خودغرضيءَ جو ڪيپ آ جن کي سي ڪرسيءَ لائق ناهن.
جنتا جو چو پيٽ ڀرن! سي پيٽ ڀرڻ ٿا چاهن
ملڪ ۾ ڪيتري آهہ غريبي، داٽي داٽي لاءِ ٻاڏائن
پيٽ بکيا ڪي سمهي پون ٿا، ڪي تن عيشن ۾ ٿا اُڏائن!
سڀ کي انو لٽو اڃهو ملي، سڀ کي جيئڻ جو اتڪار،
اهڙو سٽائو واءَ لڳي ٿئي هرڪو باغ بهار
ڪي سياستدان ڪي تنوان ڪيئن نہ ديش لٽي رهيا آهن ڪي عيشن ۾ مايا اُڏائي رهيا آهن لکين لوڪ بک ۾ پاهہ ٿي رهيا آهن منڪور مصرائن ۾ اُنهن جي عڪاسي ڪئي آهي انهن مصراعن مان منهنجي ترقي پسند ويچارڌارا جو عڪس ملي ٿو.
منهنجي دل ۾ اناٿن يتيم ٻارن ۽ وتوائن لاءِ همدرديءَ درد آهي اُن جي عڪاسي ڪندي مون لکيو :
جڏهن ڏسان ڪي يتيم ٻار

باڇائڻ لاءِ
نئين بيمارين مان نجات ڏيارڻ لاءِ
ڪيئن نہ ريسرچ ڪن ٿا
علاج لاءِ ڪروڙين روپين جون
اسپتالون برپا ڪن ٿا
مگر ٻي طرف
پنهنجي ايگو کي سئٽسفاءِ ڪرڻ لاءِ
ڪيئن نہ بي رحميءَ سان
انسان، انسان جي حياتي ختم ڪري ٿو!
ڪو تاناشاهہ ظالم
ملڪن جا ملڪ تباهہ ڪري ٿو!
هزارن شخصن جون حياتيون وٺندو،
لاشن جا ڍير ڏسندو
پنهنجي جيت تي ٽهڪڙا هڻندو
ٻئي ٻئي وٺندو رهي ٿو
سوين سهاڳڻيون
ٻاجن ٿيون ڏهاڳڻيون!
هزارين اپاهج اپنگ
علم عقل امن جا ٺيڪيدار
ڇو ٻلا عقل جو ڏيوالو ٿا ڏين!
منهنجي دل ۾ معصوم مسڪين ۽ اناٿ ٻارن لاءِ همدردي هوندي آهي اُنهن جي سقيم حالت ڏسي دل ڀرجي ايندي آهي 'هي ٻارڙا' آزاد نظم ۾ اُنهن جي تصوير چٽيندي لکيو آهي تنهن انن جا ڪتا بہ ڏاڍي چوچ سان پاليا ٿا وڃن پر انسان جي اولاد جو درجو ڪتن کان بہ گهٽ آهي تضاد ڏيکاريل آهي.
هي ٻارڙا!
معصومڙا!
ڪن جي اکين جا تارڙا!
پيٽ پٽ سان تن جو لڳو
ڪيڏا انهن وڃن جيئڻ!
آئيندي جون جن ۾ اُميدون

منهنجي هيٺين آزاد نظمن مان بہ منهنجي ترقي پسند ويچارڌارا جي جهلڪ ملي ٿي :-

ڪوئي شڪ ناهي

نندين معصومن ڪي
هي مانگر ماڇ
ٻرڪئين ٿا!
ويچارا مظلوم
جنڊ جي ٻن پڙن ۾
پيا پيسجن!
ڪو اسٽالن
ڪو لينن
جاڳي پيهر ڳالهائي
نہ تہ، اي ساٿي!
عوامن جو هجوم
ٻاجهي پوندا آنتي!!
ڪوئي شڪ ناهي!
تنهن ڪري نہ تون دلگير اي ساٿي!
تنهن ڪري نہ تون دلگير!
ظلم جي اوندهہ ڇانئي وئي!
ڏس تون اُفق تي اڪ تہ ڪٿي
شفق شنگرف جهڙو آ هاڻي!
انقلاب جو سورج اُڀريو
ڇپرن جي هستي وئي مٽجي!
ستاڌارين جي پاڙ وئي پٽجي!
ٿي ويا نشٽ نشلچر پيي.

ڪيترائي نقاد يا اديب مون کي صرف سنت ساهتيہ رچناڪار ڪري سمجهندا آهن.

ڀارت جي پرڌان منتري شريمتي اندرا گانڌي جڏهن 'غريبي هٽائو' جو پيغام ڏنو تڏهن مون اهو سنديش پنهنجي هيٺ ڏنل گيت دوارا گهر گهر پهچايو :-

غريبي هٽايو! غريبي هٽايو!

كريان اُنهن سان هڪدم پيار
ڪو تہ اُنهن کي پنهنجو ٻڌائي
درد واري دل منهنجي آهي
جڏهن ڏسان ڪا وڌوا ڀيڻ
نير وهائن منهنجا نيڻ
ڪو تہ اُنهن جا لڙڪ سُڪائي
درد واري دل منهنجي آهي

بڪايلن ٻيو اهن لاءِ منهنجي دل ۾ ڪيڏو درد آهي اُن جو اظهار منهنجي غزل ۾ ملي ٿو :-

پيٽ بکيا کي سمهي پون ٿا، مان ڪيئن پيٽ ڀريان!
ونبي ورهائي ڪائڻ گهرجي، راهہ انهيءَ تي هلندو آهيان.
ٻي جي پيڙا پنهنجي سمجهي چُلندو آهيان.
ڪنهنجو بہ دکہ درد مان سهي، نہ سگهندو آهيان!

هڪ ٻي شعر ۾ مون اميرن ۽ غريبن جو تضاد ڏيکاريندي لکيو :-

ڪي پيٽ بکيا ٿا سمهي پون
ڪي دارونءَ جا دنگ لٿائن
ڪي عيشن ۾ ٿا مايا اُڏائن
ڪي داٽي داٽي لاءِ ٻاڏائن

ڏاڍن ۽ ڪمزون جو تضاد ڏيکاريندي لکيو :-

ڏاڍن جو ڪيڏو ڏهڪاءُ
نردوشن کي ڪن ٿا ناس!

منهنجي انقلابي خيالات بہ شعر ۾ اُڀري بيٺي آهي

ظلم ظالم جو ڪيسين سهبو؟
چٽنگ مان آخر ينيٽ ٻرندو!
حق وارن جا حق ٿا ماريو!
ڪاجهہ خوف خدا جو ڏاريو!
ناني رڌي ۽ ڏوهتا ڪائن
اها ريت پراٽي وساريو!
سرڪاري پد کو پيبي ناهي!
ڪاجهہ پنهنجي اندر ويچاريو!

شري رامچرت مانس

گوسوامي سنت تلسيداس مهاراج هندي ساهتيہ جي سگڻ رام ڀڳتي
کاويہ ڌارا جو سروَ سريشٽ ڪوي هو. سندس 'رامچرت مانس' وشوَ پرسڌ رچنا
آهي. هي گرنٿ وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ اسانجي راهہ روشن ڪري ٿو. 'شري
رامچرت مانس' سنت تلسيداس جي امر اجر ڪرتي آهي. ان ڪاويہ گرنٿ جي
دائمي اهميت آهي. 'شري رامچرت مانس' هڪ مانسرووَر آهي. ڪو هنس ئي ان
مان موتي چُڳي سگهي ٿو. سنت تلسيداس سڄي ۾ شري 'سيارام' کي پسي ٿو.

सियाराम मय सब जग जानी, करहुँ प्रनाम जोरि जुग पानी।

جيڪڏهن اسين بہ سڄي پراڻين ۾ پريو شري رام کي پسون تہ اشانتي
اُڏامي ويندي فساد جنگيون جهيڙا ختم ٿي ويندا.
شري رام جي ڀڳتيءَ سان اسانکي ڏک سپني ۾ بہ نہ ستائيندو.

राम भक्ति मनि उर बसे जांके, दुख लवलेस न सुपनहिं तांके।

رام نام جي مهما ڳائيندي سنت تلسيداس چوي ٿو

नाम राम को कल्पतरु कलि कल्याण निवास,

जो स्मरत भयो भांग ते तुलसी तुलसीदास।

ڪلجڳ ۾ رام جو نالو ڪلپ ورڪش سمان آهي، جو من چاهيندڙ پدارٿ ڏئي ٿو،
ڪلياڻ ڪري ٿو ۽ مڪتي دايڪ آهي. جنهن جي سمرڻ ڪرڻ سان ڀنگ جهڙو
اپوتر تلسيداس تلسيءَ جهڙو پوتر بڻجي ويو.
جيڪڏهن اسين پنهنجي اندر ۽ ٻاهر سنسار ۾ گيان جو پرڪاش پسڻ چاهيون
ٿا تہ جيڀ روپي چائنٺ تي رام نام روپي ديپڪ جلايون.

राम नाम मनि दीप धरु जीह देहरी द्वार,

तुलसी भीतर बाहिरहुँ जौं चाहसि उजियार।

غريبن کي پنهنجي گلي سان لڳايو!
۱. هوُ معصوم ٻچڙا ٻاڏائن ٻاڏائن،
ننگا ۽ بکيا ويٺا آنسون وهائن،
هوُ روٽي ٽڪر لاءِ ويٺا واجهائن!
اُٿو پياس بُک تن جي پيارا مٽايو!
غريبي هٽايو! غريبي هٽايو!
۲. غريبن کي پوناجي پٽين آستايو،
ڪسانن کي پومي پٽين آ دٻايو،
اٻوجهن جو حق آ ڪيڏن ڦٻايو!
جي ڪن ٿا ستم تن سنئين دڳ لڳايو!
غريبي هٽايو! غريبي هٽايو!

منهنجي منڪور شعر مان منهنجي ترقي پسند ويچارڌارا جو عڪس ملي ٿو. ڪي ساڃڻ منهنجي شعر جو مطالع ڪرڻ بنا رائزني ڪندا آهن. منهنجي من ۾ مسڪينن مظلومن لاءِ جا همدردي آهي اُن جي جهلڪ منهنجي شاعريءَ مان ملي ٿي. مان اميرن جي اميريءَ خلاف ڪين آهيان، ڪن تنو انن جي دل ۾ ديا ڀاونا آهي، جيڪي پنهنجي دولت شپ ڪرمن ۾، خلق جي خنمت ۾ خرچ ڪن ٿا اُنهن جا آيار مڃيندو آهيان. مظلومن مسڪينن جي دک درد جو احساس ڪندي چلندو آهيان شعر بہ لکندو آهيان.

भोजन भजन और नारी, ये तीनों परदे के अधिकारी।

ڪيڪئي جي داسي منٿرا جو ڪردار خيال ۾ رکي سنت تلسيداس صلاح ڏئي ٿو تہ ڪاڻي ڪٻڙي ۽ لنگڙي کان سدا خبردار رهڻ گهرجي. اُنهن جو ويچار وهنوار غلط هوندو آهي.

कानेखोरे कुबारे कुटिल कुचालीं जान।

مورک سيوڪ، ڪنجوس راجا، ڪلڇڻي اِستري ۽ ڪپٽي مترچارئي ڏک ڏيندڙ ڪندا آهن. اِنهن کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي.

सेवक नृप कृपन कुनारी, कपटी मित्र सूल सम चारी।

سنت تلسيداس صلاح ڏئي ٿو تہ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ اهنڪار اِهي پنج ئي وڪار نرڳ جا دروازا آهن. اِنهن جو تياڳ ڪري پريو شري رام جي ڀڳتي ڪجي. سنت بہ اِن راهہ تي هلن ٿا.

काम क्रोध मद लाभ सब नाथ! नरक के पंथ,

सब परिहरि रघुबीरहि भजहु जंहिं संत।

اڪ پوکي انب ڪين ملندا. پرماتما اسان کي شڀ ۽ اشڀ ڪرمن انوسار ڦل ڏئي ٿو. شڀ ڪرمن جو ڦل سک ۽ اشڀ ڪرمن جو ڦل دک ملي ٿو. انڪري سدائين شڀ ڪرم ڪريون. سنت تلسيداس فرمائي ٿو :-

सुभ अरु असुभ कर्म अनुहारी ईसु देह फल हृदय बिचारी,

करइ जो कर्म पान फल सोहि नियम नीति असि कह सबु कोई।

ڪو بہ ڪنهن کي دک سک نٿو ڏئي سگهي، انسانن کي ڪيل ڪرمن سبب ئي دک سک ملي ٿو.

काहुन कोउ सुख दुख कर दाता, निज कृत कर्म भोग सबु भ्रता।

انڪري جيو کي سدا شڀ ڪرم ڪرڻ گهرجن.

سنتيءَ ۾ چوڻي آهي تہ گلا تہ منهين تلوار آهي. جيڪو گلا ڪري ٿو، جيڪو گلا ٻڌي ٿو ۽ جنهنجي گلا ڪئي وڃي ٿي ٽنهي کي نقصان پهچي ٿو. سنت تلسيداس وري گلا ڪرڻ کي مها پاپ ليکيو آهي.

ماتا پتا ۽ گروءَ جي آگيا جو پالن بنا سوچ ويچار جي هڪدم ڪرڻ
گهرجي.

मातु पितु प्रभु कै बानी, बिनहिं विचार करिअ सुभ जानी।

ماتا ڪوشليا شري رام کي چوي ٿي ته پتا جي آگيا جو پالن ڪرڻ
سريشٽ ترم آهي.

तात जाऊँ बलि कीन्हेहु नीका, पितु आयसु सब धरमक टीका।

اڄڪلهه جي نئين ٽهي گهٽو ڪري ماتا پتا گرو ۽ وڏڙن کي نظر انداز
ڪري ٿي. مريادا پرشوتم پربو شري رام جو جيون اسان لاءِ روشن منلر آهي.
ستسنگ دوارا وويڪ جاگرت ٿئي ٿو. ستسنگ به پربوءَ جي ڪرپا
کان سواءِ نصيب نٿو ٿئي. جنهنجو وويڪ سجاڳ آهي اهو پاپ ڪرم کان ڪنارو
ڪري ٿو. سنت تلسيداس فرمائي ٿو :-

बिन सत्संग विवेक न होई, राम कृपा बिनु सुलभ न सोई।

ستسنگ ۾ ڀڳوت ڪٿا ٻڌڻ جو وجهه ملي ٿو. موهه ۽ ٻيا وڪار دور
ٿين ٿا ۽ پربو شري رام جي چرڻن ۾ چت لڳي ٿو.

बिनु सत्संग न हरि कथा, तेहिं बिनु मोह न भाग,

मोह गएं बिनु राम पद, होइ न दृढ़ अनुराग।

پرماتما سروَ شڪتيوان آهي. اُن جي ڪرپا سان ئي سڀ ڪارج سڌ
ٿين ٿا. بندو بيوس آهي. انسان کي اجايو پاڻ تي بانور آهي! ڪيس ڪيترو ب
عقل علم ٻل ٻڌي هجي بنا پربو شري رام جي ڪرپا بنا سڦلتا ڪين ملندي
سنت تلسيداس فرمائي ٿو :-

प्रभु कीं कृपा भयउ सब काजू। जन्म हमार सुफल भा आजू।

ڀڄن ڪرڻ، پوڄن ڪرڻ ۽ پنهنجي پتنيءَ سان رهاڻ ڪرڻ پرئي پوش
هئڻ گهرجي. سنت تلسيداس اِها صلاح ڏيندي آکي ٿو :-

सत्य कहहिं कनि नारि सुभाऊ, सब विधि अगहु अगाध दुराऊ,

निज प्रतिबिंब बस्कु गहि जाई, जान न जाइ नारि गति भाई।

ستيہ جهڙو ٻيو ڌرم ڪين آهي. سچ جي راهہ تي هلڻ ڌرم جي پالنا آهي، ستيہ ڌرم جو تياڳ ڪرڻ سان جڳت ۾ جس ختم ٿئي ٿو.

धर्म न दूसर सत्य समाना, आगम निगम पुरान बखाना।

سڀ ويد شاستر پراڻ ستيہ کي ڌرم ڪري ليکين ٿا. اڄڪلهہ گهڻو ڪري ماڻهو ڪوڙ ۾ ڦاهي پيا آهن. ستيہ ٻولڻ سان منش جي روحاني شڪتي وڌي ٿي.

سچو دوست اهُو آهي جو پنهنجي دوست کي ڪُدڳ تي هلندو ڏسي ڪيس ست مارگ تي آڻي، سندس عيبن کي ڍڪي سندس گڻن کي اُجاگر ڪري ٿو.

कुपथ निवारि सुपंथ चलावा, गुन प्रगटै अवगुनहि दुरावा।

سيوا ڌرم ڪٺن ڌرم آهي سيوڪ کي سور سهڻا پوندا جيڪو سهندو سو ئي لهندو. سنت تلسيداس فرمائي ٿو :-

सेवा धर्म कहित जगु जाना।

سنت تلسيداس سنتن جي سڀاءَ جي ڀيٽ مکڻ سان ڪندي چوي ٿو تہ مکڻ کي ٿوري گرمائش ڏبي تہ رجي پوندو پر سنت ٻين جو دک درد ڏسي پگهرجي ويندا آهن. جن جي دل ۾ ديا آهي اهُي ٻين جي پيڙا پنهنجي سمجهي انُ کي دور ڪندا آهن.

संत हृदय नवनीत समाना कहा कहि पर कहै न जाना।

निज परिताप द्रवउ नवनीता पर दु:ख द्रवहि संत सुपुनीता।।

نوڌا ڀڳتي جو نروپڻ ڪندي سنت تلسيداس چوي ٿو :-

پهرين ڀڳتي سنتن جو سنگ آهي. ٻي ڀڳتي هري ڪٿا شروڻ ۾ پريم شرڌا. ٽئين ڀڳتي آهي گروءَ جي ڪمل چرڻن جي شيوا. چوٿين ڀڳتي آهي ڪوڙ ڪپٽ ڇڏي پربوءَ جا گڻ ڳائڻ. پنجين ڀڳتي پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکي سندس نام جو جاپ ڪرڻ. ڇهين ڀڳتي آهي اندرين تي ضابطو رکي ساتوڪ جيون گذارڻ، ڌيان ڪرڻ. ستين ڀڳتي آهي سمدرشٽي ڌاري سڀني ۾ پرماتما کي پسڻ. اٺين ڀڳتي آهي سپني ۾ بہ ٻي جو دوش نہ ڏسڻ. رب رضا تي راضي رهڻ هر حال ۾ پرسن رهڻ. نائين

पर निंदा सम अघ न गरीसा।

جيڪو پرماتما ۽ گروءَ جي نندا ڪري ٿو سو ڏيڏر جو جنم وٺي ٿو ۽ ڪيترائي سال نرڪ ۾ رهي ڪيتريون جوڻيون ڀوڳي پوءِ وري منش جنم لهي ٿو.

हर गुरु निंदक दादुर होई,

जन्म सहस्र पाव तन सोई।

منش جنم امولهه جوڻ آهي هن اُتم جوڻ ۾ ئي اسين گيان وئراڳه ڀڳتي ست ڪرم ڪري پنهنجو آئيندهه روشن ڪري سگهون ٿا. ست ڪرم ڪري سرڳ وڃي سگهون ٿا، مڪتي پراپت ڪري سگهون ٿا. ٻين جوڻين وارا هن منش ديهه لاءِ اُتسڪ هوندا آهن پر اسين هن امولهه جوڻ جو قدر ڪين ٿا ڪريون.

नर तन सम नहिं कवनिहु देही, जीव चराचर याचत देही,

नरक स्वर्ग अपसर्ग निसेनी, ज्ञान विराग भक्ति सभु देनी।

منش جنم پراپت ڪري به جيڪي رام نام جو سمرڻ نٿا ڪن ۽ وشين وڪارن جي چڪر ۾ آهن اُهي پارس مٽي ڦٽي ڪري ڪانچ جا ٽڪرا ميڙين ٿا.

सो तनु घरि हरि भजहिं न जे नर होहिं विषय रत मंद मंद तर।

काँच किरिच बदलें ते लेहीं, कर ते डारि परम मणि देही।।

موهه سڀني دکن جي جڙ آهي. موهه ئي اِنسان کي ڀٽڪائي پرمائي ٿو. موهه مان ئي ڪيترا ڪندا ارٿات دک پيدا ٿين ٿا. پنجن ئي وڪارن مان ڪهڙا ڪهڙا شاريرڪ ۽ مانسڪ دک درد پيدا ٿين ٿا اُن جو مختصر نڪر ڪندي سنت تلسيداس چوي ٿو

मोह सकल व्याधिहं कर मूला, तिन ते पुन उपजहिं बहु सूला,

काम बात कफ लोभ अपारा, क्रोध पित्त छाती जारा।

اسين جيڪڏهن آتمڪ آنند سک چاهيون ٿا تہ ڪام. ڪرود. لوڀ. موهه. اهنڪار انهن پنجن ئي وڪارن کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي.

استرين جو سڀهُ هر نموني پڪڙ ۾ نہ اينو آهي پنهنجو پاڇو پلي پڪڙ ۾ اچي پر استرين جي من جي چال پڪڙ ۾ نہ ايندي. سندن من جي گهرائيءَ جي ڇاڻ ڏايي ڪٺن آهي. انڪري انهن سان سنڀالي وهنوار ڪاجي.

منهنجي شعر ۾ سائين جي ثنا

مان خوش نصيب آهيان جو ڀڳت شرومڻي سنت ڪنورر ام صاحب مونکي ننڍپڻ ۾ لولي ڏني. منهنجي پالنا ڌارمڪ ۽ ڀڳتي ميه و اتاورڻ ۾ ٿي. منهنجي ڀاڀي سدوري ڀائي روز رات جو گهر ۾ سامي جا سلوڪ سوز ڀري سُر ۾ ڳائيندي هئي. ستن اٺن سالن جي عمر ۾ اسڪول ۾ پڙهندي شام جو روز سوامي ٻوٽداس، سوامي چرڻداس جي دربار خيرپور ميرس ۾ گرمکي سکي جپ صاحب ياد ڪيو ۽ روز آرتي ڪندو هوس. مٿي سنگت ۽ بابا ڪيشوداس مهاراجن جي دربار ۾ وڃي نتمستڪ ٿيندو هوس. منهنجي پوجيه پتا صاحب جو مامو سنڌ جو مشهور ڀڳت ٿهليرام پڻ پاڻ سان وٺي هلندو هو. مان سندس ٿهل ٽڪور ڪندو هوس، ڪين پيڙون ڏيندو هوس، جهلي لوڏيندو هوس. هوُ گروٻاٽي ۽ سنتن درويشن جي ٻاٽي سوز ڀري سُر ۾ ڳائيندا هئا. ورهاڱي بعد ڪلياڻ ڪئمپ - ۵ ۾ رهياسين. پڙهائي ڪندي وديارٿي جيون ۾ مهان ڪرم يوگي سوامي ليلاشاه مهاراج جي آسيس ملي هوُ مونکي ڀائيندا هئا. ڪاجهه سالن بعد مونکي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا. جن جي ڪمل چرڻن جي شيوا جو وجهه مليو. هنن داس تي ديا درشٽي ڪري نام جو دان ڏنو ۽ وهنوار لاءِ پڻ سونهپ ڪئي. پونا ميران پومي ۾ پياري دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ جي آسيس ڪئي ۽ پيار ڪيو. پياري دادا جشن واسواڻي ته خاص داس تي نينهن جي نوازش ڪئي. سندن پيار مون لاءِ آب حيات هو. مان آستڪ آهيان. ڌڻيءَ ۾ ۽ سنتن ستپرکن ۾ پورو پورو اعتقاد رکندو آهيان. ڪيترن ئي درويشن، سنتن، ڀڳتن جا جيون چرتر لکيا اٿم. منهنجا ٻه ڪتاب 'ڀارت جا ڀڳت' ۽ 'سنڌ جا سنت' عوام ۾ قبول پيا. اُنهن اموليه پستڪن جا ڪيترائي ڇاپا شايع ٿيا.

مون سائينءَ جي ثنا ۾ ڪيترائي گيت لکيا آهن سنه ۱۹۵۸ع ۾ ڌڻيءَ جي مهما ڳائيندي پرارٿنا ڪئي :

مهر جا مهراڻ مالڪ مهر ڪر مون تي سدا
ڍير جي مون منجهه مدايون ڪين ڏس سي تون ڪدا

प्रथम भगति संतन्ह कर संगा, दूसरि रति मम कथा प्रसंगा
गुर पद पकंज सेवा तीसरि भगति अमान
चौथि भगति मम गुन गन करइ कपट तजि गान
मंत्र जप मम दृढ विश्वासा पंचम भजन सो वेद प्रकासा
सम दम सील बिरति बहु करमा निरत निरंतर सज्जन धरमा
सातवाँ सम मोहि मय जग देखा, मोहे संत अधिक कर लेखा,
आठवाँ जथा लाभ संतोषा, सपनेहुँ नहिं देखइ परदोषा।
नवम सरल सब सन छल हीना, मम भरोस हियं हरष नवीना।
वन महुँ एकहुँ जिन्ह के होई, नारि पुरुष सचराचर कोई।।

ڀڳتي آهي سرلتا. اندر ٻاهر هڪ جهڙو ٿي ورتڻ، ڀڳوان ۾ ڀروسو رکي هر حال ۾ هڪجهڙو رهڻ. نڪر ڪيل ڀڳتي مارگن مان هڪ مارگ تي هلڻ سان ٻہ اسانجي زندگيءَ جو سفر سڦل ٿي سگهي ٿو.

ڏياريءَ جي شڀ ڏڻ تي اسين پريو شري رام جو مريادا، پرت جو پر اتر پريم، شري هنومان ۽ شري لڪشمڻ جي سيوا ڀاونا، ماتا سيتا جي پوترتا اپنايون، رام چرت مانس جون سکيائون هنڌايون جيون سڦل بڻايون.

سنڌ جي هڪ مسلم شاعر جو نراشا وارو گيت ڪير پڙندو ڪير آ منهنجو هتي پڙي منهنجي قلم لکيو :-

حال محرم منهنجو آ پيارو خدا،
سار سيني جي لهڻ وارو خدا!
١. جنهن امولڪ نعمتون آهن ڏنيون،
زر زمينون ملڪيتون آهن ڏنيون،
ڳايان هن جي رحمتن جي ٿو ثنا،
حال محرم منهنجو آ پيارو خدا.
٢. حق جو نعرو ٿي هٽي جنهنجي زبان،
اُن تي سائين آ سدائين مهربان،
جو جٽيل جيءَ سان سو ڪيئن ٿيندو جدا،
حال محرم منهنجو آ پيارو خدا.
٣. آ عنايت الله جي سڀ جي مٿان،
هر ضرورت پوري ٿي هن جي هٿان،
هن جي احساسن تان آشا آ فدا،
حال محرم منهنجو آ پيارو خدا.

ڏٽيءَ جي در توبهه زاري آ. سدائين اُن کان معافي جي طلب ڪجي. 'معافي' گيت ۾ لکيم :

سخي تون مان سائل، فضل وارو آهين
''آشا'' تي عنايت سدا ڪر تون سائين
ڪيان آزي در تي عرضدار آهيان
مون کي ڏي تون معافي گنهگار آهيان

ڏٽيءَ جا شڪرانا ملحيندي مون سندس ثنا ڳائي آهي.

شڪر آ ڏٽيءَ جو سوين سڪ ڏنائين
نه لائق مان آهيان مون لائق ڪيائين
١. جهڙو قوت جنهنجو تهڙو تنهن کي ڏئي ٿو
رزق ڏئي ٿو رازق نه ڪنهن کي ڇڏي ٿو
لهي سار سڀ جي سڀاجهو ٿو سائين

سڪ سچي سائين سدا سيني اندر پيدا تون ڪر،
ڪاڻ موتين جي جا تو وٽ دل منهنجي تن ساڻ ڀر.

'سڀ ۾ چڱائي' گيت به عوام ۾ قبول پيو. پروفيسر رام پنجواڻي به اهو ڳائيندو هو. مان به اهو گيت من ڪي سنتوش ڏيندڙ ڳائيندو آهيان، پوءِ اهو گيت سي بيءَ ۾ پريم. نياڻي سمن ڪيملاڻي اهو گيت ڳائڻ ۾ ساٿ ڏنو.

جيڪي ڏٽي ڪري ٿو تنهن ۾ آهي چڱائي
تنهن ۾ آهي چڱائي تنهن ۾ آهي ڀلائي
ساري جهان جو آهي هڪڙو ئي هوُ ته مالڪ
سيني جي سڌ لهي ٿو دنيا جو پرت پالڪ
پيءُ ٿي ڪري ٻاچن جي چاهيندو ڪيئن برائي
جيڪي ڏٽي ڪري ٿو تنهن ۾ آهي ڀلائي

پروردگار سيني ساهوارن جي سار لهي ٿو ڪوليءَ کي ڪڻ ته هاٿيءَ کي مڻ ڏئي ٿو روحاني راهه جي راهگيرن کي رب جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي.

منڪور گيت ۾ وٺيڪ لکيو :

ڪنجهه ڪُرڪ ڪين "آشا" رهه صبر ۾ سدائين
احسان مڃ الک جا سوَ سڪه توکي ڏنائين
رب جي رضا تي راضي رهه تون بندا سدائي
جيڪي ڏٽي ڪري ٿو تنهن ۾ آهي چڱائي

قادر جي قدرت جا ڪرشما ڏسي ۽ سندس اٽميا احسان محسوس ڪندي لکيم :

حسين قدرتي نظارا مان ڏسي حيران ٿيان،
زمين تي هي گلستان ۽ اُڀ تي آفتاب آ.
تون روشني جو آن مرڪز، تنهنجي جلوي جي ڀلن،
ستارا ٿا ڏيئا لڳن، ڦڪو هي ماهتاب آ!
سندءِ احسان اٽميا، نه هڪ به ٿورو لاهي سگهان،
نه تنهنجي عنايتن جو اي ڏٽي ڪو حساب آ!
ڪرين ٿو 'آشا' جي مٿان هزار لک نوازشون
ثنا ۾ تنهنجي ڇيڙيو رڳن سندو رباب آ!

جيڪي ڪري ٿو تنهن ۾ چڱائي
هو رچنا ۾ رکيل ڀلائي
راز نہ سمجهي لوڪ اياڻو
آهي سندس منديل مانداڻ
منهنجا راس ڪندو ڪم پاڻ
پرماتما جي ليلا بي انت آهي، اننت آهي، اسيم آهي
پريو تنهنجي ليلا اپرم پار
وڃان تو تان سائين ٻلهار
١. تون ڪٽين مان ڪيچ اُپائين
بوند مان ڪيئن موتي ٿو بڻائين
ٿين ڪاڻ ۾ هيرا لعل هزار
پريو تنهنجي ليلا اپرم پار
جن جو سائينءَ ۾ صدق آهي تن جا ڪم پاڻ پرين پورا ڪري ٿو.
ڏٽي پاڻ سالڪن جي سڌ سار اچي لهي ٿو
گهرجون پنهنجي ڀڳتن جون پوريون اچي ڪري ٿو
وشواس رک واليءَ ۾ ڀڳتيءَ جو ڪڻ تنبورو
جنهنجو صدق سچڻ ۾ ڪم ٿيندو تنهنجو پورو
اسين سڀ ڏٽيءَ جي اولاد آهيون سندس ثنا ڳائيندي لکيم
تون منهنجو مالڪ مان تنهنجو ٻالڪ
ساري سرشٽيءَ جو تون ئي پالڪ
تنهنجي حُڪم سان سڀ ڪاجهہ ٿئي ٿو
١. هڪڙو پن ڀي ڪين ڪي لُڏي ٿو
تون ئي ساري جڳت جو چالڪ
تون منهنجو مالڪ مان تنهنجو ٻالڪ
٢. تون ساگر مان تنهنجي ڇولي
پيار پنهنجي جي ڏي تون لولي
’آشا‘ تنهنجي راهہ جو سالڪ
تون منهنجو مالڪ مان تنهنجو ٻالڪ

شڪر آ ڌڻيءَ جو سوين سڪ ڏنائين
٢. عقل علم سڀ آ سندس ئي امانت
سندس ڪيڏي رحمت آهي عنايت
تون صاحب ساڃي جي مهما چو نہ ڳائين
شڪر آ ڌڻيءَ جو سوين سڪ ڏنائين
٣. الڪ جو تون احسان لاهي نہ سگهندين
بنا فضل تنهن جي نہ منزل تي رسندين
متان اهڙي خالق کي 'آشا' ڀلائين!
شڪر آ ڌڻيءَ جو سوين سڪ ڏنائين
'ساچو سڪ' نظم جي شروعات ۾ لکيم :
ڌڻيءَ جي آ ڪيڏي اسان تي عنايت
لهي سار سائين ٿو ساعت بہ ساعت
ڪرڻ گهرجي جنهنجي سدائين عبادت
بندو بي شڪر آ ڪري ٿو شڪايت
'رضا تي راضي' گيت ۾ الڪ جا احسان مڃيندي لکيو :
تنهنجي رضا تي رازق راضي رهان سدائين
احسان ڪيڏا تنهنجا مون تي سدائين سائين
ڪيڏي سار تون لهين ٿو ٿورو نہ هڪ بہ لاهيان
مالڪ مدام سڀ تي مينهن مهر جو وسائين
'شڪرانا' گيت ۾ ڌڻيءَ جي ثنا ڳائيندي سندس احسانن جو اظهار ڪيو :-
تنهنجون ڀلا ڀلايون هرگز نہ مان ڀلايان
وڙ ڪيڏا تنهنجا والي تنهنجي ثنا مان ڳايان
مخلوق جو تون مالڪ ڪيڏي سار ڀيو لهين ٿو
ڪيئي تنهنجي آ شفقت هڪ ٿورو ڪين لاهيان
الله ۾ پورو پورو اعتقاد هئڻ گهرجي هو جيڪي ڪري ٿو اُن ۾ اسان جي ڀلائي آهي. جڳت جو رچناڪار هو پاڻ آهي.

خدا خود مختيار آهي بندو لاچار آهي
بندو بيوس لاچار پيارا!
ڪک يي يچي ڪري ڪين ڪي پيٽو،
دولت طاقت هوندي آهي هيٺو!
ڪري ڪرائي ڪرتار پيارا!
جيوَ پلي ڪيڏيون ٻوڙون پائي
ٿيندي اُها جا پريو چاهي
آهي ڏڏن ڏاتار پيارا

سائينءَ کي عرض ڪندي سندس ساراهه ڪئي آهي :-

مڙئي مدايون مالڪ مون ۾
تون تہ سخي سردار سائين
پنهنجي نالي جو ننگ رک ننگي
تون تہ سدائين سچو سنگي
تون آهين ديا جو ڀنڊار سائين
ساري جڳ جو بار کڻين ٿو
خالي کوهہ تون سائين ڀرين ٿو
منهنجو بہ کڻجانءِ بار سائين

سائينءَ جي ثنا ڳائيندي سندس ساراهہ جون سرڪيون پريون اٿم :

۱. محبت جو آهين مرڪز محبوب ماهتاب
چوڏاري نور تنهنجو، آهي سندن شباب
۲. جلوو جمال جانب جت ڪٿ تنهنجو پسان
تنهنجي ئي نور سان آ روشن تہ آفتاب
۳. محدود آهي ماڻهو، آهين تون لامحدود
بي انتها تون آهين، آهين تون لاجواب
۴. تنهنجي رضا سان رازق چرخو چلي جهان
ڪوليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ، ليلا آ بي حساب
۵. ڏندين آڱريون ڏي 'آشا' ڏسي ڪرشما تنهنجا
تنهنجي راز کي سلي جو، اهڙو نہ ڪو ڪتاب!

آتما پرماتما جو انچ آهي اُن جي ستا کان سواءِ اسانجي هستي ڪجهه
ڪين آهي. انسان هڪ اوزار آهي اُن اوزار کي هلائڻ وارو پاڻ ڏٽي آهي.

تون آهين هڪڙو اوزار
ڪم ڪرڻ وارو آ ڪرتار
پاڻ تي ڪر تون ڪين ڪي ماڻ
پريو تو سان سدائين ساڻ

پرماتما جي مهما ڳائيندي لکيو :

داتا آهي دين ديال،
ڪيئن نہ لهي تو سڀ جي سنڀال
ڪوليءَ کي ڏي تو ڪڻ ڪڻ
هاٿيءَ کي ڏي تو مڻ مڻ
پريو پاڻ آهي جڳپال
پاڻ ڪٽي تو ننگ ننگپال

ڏٽيءَ جا گڻ ڳائيندي عرض ڪيو :

ديالو ديا ڪر دياوان آهين
ڪري مهر مون تي سمت ڏي تون سائين
تنهنجي رحم سان ٿي هلي دنيا ساري
تون ساري جڳت کي ٿو پالين نپائين

اُٽندو اُها جا ڏٽيءَ جي من ۾ هوندي اسانجي جيون جي ڏوري ڏاتار وس
آهي بندو بيوس آهي

بندو ''آشا'' بيوس آهي
ٿيندي اُها جا پريو چاهي
ڏوري وس ڏاتار پيارا!
جيوَ جي وس ۾ ڪجهه ڀي ناهي!

خدا کي التجا ڪندي لکيم :

شهنشاهہ عالم نوازش تون ڪر
جنهن تي فضل تنهنجو تنهنجي بگڙي بڻي
ديا ڪر ديا ڪر ديا ڪر ڏٽي!

دادا ساڌو ٽي.ايل. واسواڻيءَ تي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جو پرڀاءُ ۽ سمانتا

ڪلجُڳ جا اوتار شري گرونانڪ ديو مهاراج ڪارتڪ مهني جي پورڻماسيءَ جو پرگهٽ ٿيا ته دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن جنم ورتو. پياري دادا واسواڻيءَ جي ماتا وران ٻائي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي ڀڳتياڻي صدقياڻي هئي. هوءَ نت نيم پريات جو شري جپ صاحب ۽ شري سکمني صاحب جو پاٺ ڪندي هئي. پتا شري ليلارام ديوي ماتا جو اُپاسڪ هئا. گهر ۾ ڀڳتيمه واتاورڻ ۾ ٻالڪ دادا شري ٿانورداس جي پالنا ٿي.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ۽ ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ٻئي يگ پرش هئا. ٻنهي مهاپرشن لکن لوڪن کي اگيان جي ننڊ مان سجاڳ ڪري نام جو امرت پيئاريو. لوڪن کي ست مارگ ٻڌايو. شري گرونانڪ ديو مهاراج ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي من ۾ نام جي جوت جڳائي. هوءَ صاحب ڪيئن نه جهنگل ۾ ايڪانت استل تي ويهي نام اُچاريندا هئا. ڪيتيءَ جي سنڀال ڪندي سندن ورتي نام سان جڙيل هوندي هئي. پکين کي کيت ۾ آيل ڏسي خوش ٿيندا هئا ۽ چوندا هئا :

رام دي چڙيا رام دا کيت
چڙيا کائو ڀر ڀر پيٽ

جهار هڪلڻ بدران پکين کي پنهنجو قوت ڪيڻ لاءِ چوندا هئا. هو صاحب گانيون مينهون چاريندي به نام جپيندا هئا ۽ کيت سائي جو سائو!

نام خماري نانڪا چڙهي رهي دن رات.

ساڌي واسواڻي ننڍپڻ ۾ پنهنجي گهر جي ڪڏ تي وڃي ايڪانت ۾ ويهي نام جپيندا هئا. هوءَ ننڍپڻ کان ئي روشن دماغ هئا. اعليٰ تعليم حاصل ڪري جدا جدا ڪاليجن جا پرنسيپال ٿي رهيا ۽ هنن وديارٿين ۾ سمرڻ، سيوا، ستيه، سنيهه، سادگي سهانيوتيءَ جا سنسڪار وڌا. هوءَ گيانوان هئا ودوان هئا. اعليٰ تعليميدان هئا. سماج سڌارڪ آڌياتمڪ مارگدرشڪ هئا پر هوءَ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جيان سد سد نماڻا ۽ روحاني راڻا هئا! سندن دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد هو، همدردي هوندي هئي انڪري هوءَ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جيان دکين بکين جا پيٽ ڀرڻ لاءِ وقت به وقت مودي خانو به هلائيندا هئا. هوءَ پنهنجي سکي

ڏٺيءَ جي عنايت جو ذڪر ڪندي لکيو :

ڏٺيءَ جي آ ڪيڏي اسان تي عنايت
بندو بي شڪر آ ڪري ٿو شڪايت
اسان پندا رهون ٿا هو ڏيندو رهي ٿو
ڪري فضل سائين، سندس آ سخاوت
ڪيڏا رب جا احسان آهن اسان تي
اٿئي پهر جنهن جي جڳائي عبادت

سائين جي مهما ڳائيندي لکيو :-

قدرت جو ڪارخانو تنهنجو عجيب آهي
تنهنجي ئي رحم سان سائين چرخو چلي ٿو سارو
ظاهر به تون ئي آهين، باطن به تون ئي آهين
گلشن ۾ گل ٽڙن ٿا، تنهنجو مڙئي نظارو
وس وارو والي آهين بندو ته آهه بيوس
حيلا هلائي ڪيڏا تنهنجو فقط اشارو
عاقل هجي ڪو عالم ڪنهنجي نه هت هلي ٿي
جنهن تي ڪرين عنايت، 'آشا' ٿي سو سوڀارو

مان ڪن دوهن ۾ پرماتما جي سلراهه جون سرڪيون پريون آهن :

رام وڏو داتار آ ڏيئي ڪري نه پچار
ساري جڳ کي ٿو ڏئي آهه سخي سردار
جنهن تي ڪرپا رام جي ونگو نه ٿيندو وار
ڪيڏا ڀي ويري هجن 'آشا' سندس جنڪار
سائينءَ کي سارينديون، سائين لهندءِ سار
ڏيندين واڳ واليءَ کي ڪڏهن نه ٿيندءِ هار

قلم کي قوت ڪين آهي جو سائين جي پوري پوري ثنا لکي سگهي ان
ڪري هنديءَ جي مهان ڪوي سنت ڪبير لکيو :-

ترتي سڀ ڪاڳد ڪرون ليکڻ سڀ ونرايه،
سلت سمنر کي مس ڪرون هري گڻ لکا نه جايه.

شرڌالو شري گرو گرنٿ صاحب ۽ انگر شري نوُري گرنٿ ۾ شرڌا رکي پاٺ ڪن ٿا ته سندن مشڪل آسان ٿي وڃي ٿي.

دادا واسواڻي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي ٻاڻيءَ کان ايترو ته پرڀاوت ٿيا جو اُنهن شري جپ صاحب جي سرل سپڪ سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي لکي ۽ پنهنجي پروچن ۾ هوُ ور ور گرٻاڻيءَ جا حوالا پيش ڪندي اسانجو مارگ درشن ڪندا رهيا. ٻنهي مهاپرشن جي ٻاڻيءَ ۾ سمانتا آهي. روحاني راز سليل آهن. پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ وهنوار جي خيال کان به سندن ٻاڻي اسانجي راهه روشن ڪري ٿي.

شري گرونانڪ ديو مهاراجن ۽ ساڌو واسواڻيءَ جي دارشنڪ ويچار ڌارا ۾ سمانتا آهي. شري گرونانڪ ديو مهاراج نرگڻ نراڪار برهم جو ورڻن ڪندي چيو :-

انتر باهر ايڪو جانئا، نانڪ انتر نه دوجا،
اونڪار سروَ پرڪاشي، آتم سٿ اوناشي.

ساڌو واسواڻي به نراڪار نرگڻ برهم جو ورڻن ڪندي چوي ٿو :-

جل ٿل سورج چاند اور تارا،
اِڪ جوت جگي الک ابناسي،
سوئي آتش دل وچ مندر،
ديک نوري هئه مستاني.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ڪلجگ جا اوتار هئا پوءِ به اُنهن ستگروءَ جي مهما ڳائيندي چيو :-

گُر پرساد پرم پد پايا، سوڪي ڪلسٽ هريا.

ساڌو واسواڻي به گروءَ جي مهما ڪندي چيو :-

پوري گرني ييد بتايا،
کولي سروپ سهج سمجهايا.

داد واسواڻي ستگروءَ جي چرڻن جي مٽيءَ سان اشنان ڪرڻ چاهي ٿو :-

گُر چرڻو تولي ڪرون اشنان.

شري گرونانڪ ديو مهاراج پاڻ به نام سمرڻ ڪندا هئا ۽ پريمين کي به نام سمرڻ لاءِ پريرت ڪندا هئا. دادا واسواڻي پڻ پنهنجا سواس سمرڻ ۾ سڦل ڪندي شرڌالو پريمين کي به نام سمرڻ لاءِ اُتساهت ڪندا رهيا.

سمر سمر پاءِ سک ساچا،
سمر سمر سنڪٽ ڪٽ جاءِ!

ستسنگ، ميران ستسنگ ۾ گروٻاڻي جو خوب پرچار ڪندا هئا ۽ اڄ بہ سندن
آستان ميران پومي پونا ۾ نت نيم نام جي ندي پرواهت ٿيندي رهي ٿي. سندن
روحاني وارث پيارو دادا جشن واسواڻي هزارين پياسي دلين کي نام جو امرت
پيئاريندو رهيو.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ڪيڏا نہ نماڻا هئا جو هنن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ ور ور
داس لفظ جو استعمال ڪيو آهي. سندن ڪاويہ ۾ داسيہ ڀاونا ڪوٽ ڪوٽ ڀريل
آهي. شري گرونانڪ ديو مهاراجن وانگر دادا واسواڻيءَ بہ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ 'نوري'
تخلص استعمال ڪيو آهي. نوري مهاڻي هئي هوُ سيرت چاهي صورت جي سهڻي
هئي. سندس نياز نوڙت سبب ڄام تماچيءَ کيس پنهنجي پٽ راڻي بڻايو. داد
واسواڻي بہ پاڻ کي نوري نماڻي سڏايو. سندن رهڻي ڪهڻيءَ ۾ خاسڪاري هئي.
دادا واسواڻي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جيان نمرتا جي ساکيات صورت هئا.
ٻئي مهان ويو تيون عشق جا اوتار هئا. اُها ساڳي نمرتا پياري دادا جشن واسواڻيءَ
جي جيون ۾ چمڪي.

شري گرونانڪ ديو مهاراج دياءِ پر اُپڪار جا روپ هئا تہ پيارو دادا واسواڻي
بہ ڪروڻا ۽ پريم جا ساکيات سوروپ هئا. ٻئي مهاپرش هيٺن جا همراهہ پکين
پسن جا سنرڪشڪ هئا. شري گرونانڪ ديو مهاراج ملڪ ڀاڳوءَ جا مالپڙا نہ کائي
غريب لعلو وايي جو ڀويو سويڪار ڪيو. کين غريبن نواز سڏيو ويو. دادا ساڌو
واسواڻي بہ مسڪينن محتاجن ۾ مالڪ جو مشاهدو ماڻيندي چيو :-

طالب ٿيءُ نہ دنيا جو، مسڪينن اڳيان سر جهڪاءِ،
غريبن ۾ ڏس غائب آهي، خاڪ تنادي لڳن لڳاءِ.

ساجي ڀڳتي دکين جي شيوا،
در تنادي وٺ مهر جا ميوا،
تن چرڻن وجي سر جهڪاءِ،
نوري نماڻي دل اندر دونها دکاءِ.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ۽ دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ٻئي دارشنڪ ۽ مها
سنت ڪوي هئا. شري گرونانڪ جي ٻاڻي شري گرو گرنٿ صاحب ۾ درج ٿيل
آهي تہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سموري ٻاڻي نوريءَ گرنٿ ۾ سنگرهہ ٿيل آهي
خوشي - غميءَ جي موقعي تي سنڌي - پنجابي شري گرو گرنٿ صاحب جو
پاٺ رکائيندا آهن. هوُ ڪڏهن مُنجهي پوندا آهن تہ شري گرو گرنٿ صاحب ما
وچن وٺندا آهن تہ سندن سمسيا جو سماڌان ٿي ويندو آهي. پياري دادا ساڌو
ٽي. ايل. واسواڻيءَ جا شرڌالو ديش وديش ۾ شري نوري گرنٿ جو پاٺ رکندا آهن
اُن مان شرڌا سان وچن وٺندا آهن تہ سندن مشڪلات دور ٿي ويندي آهي. اڄ

شري گرونانڪ ديو مهاراج مانوَ جيون جو مهتو ٻڌائيندي فرمائين ٿا تہ دنيوي
ڪم ڪاريون ڪنهن ڪم جا ڪين آهن. انڪري سنتن جي سنگ ۾ خوب نام
جپيو، ست ڪرم ڪريو :

پئي پراپت مانک ديهرٽا،
گوبند ملن ڪي اِهہ تيري بريئا،
اؤر ڪاج تيري ڪتي نہ ڪام!
مل ساڌ سنگت ڀج ڪيول نام.

ساڌو واسواڻي بہ ساڌڪ کي ساڳي صلاح ڏيندي فرمائين ٿا :-

هي مانک جنم پياري! ڪريو سجايو!
ڪتو پيا ڪريو تن اوهين سڀ اجايو!

سک ساچو جي تون چاهين،
سنت جنان ڪي چرنا ويهہ،
نوري گوبند گاءِ منا!
درليڀ اُتم مانک ديهہ.

شري گرونانڪ ديو مهاراج ۽ دادا واسواڻيءَ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ وهنوار چاهي
پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ سندر سکيائون ڏنيون آهن، سي جيون ۾ اپنايون مانوَ جيون
سڦل بڻايون. پيارو دادا صلاح ڏئي ٿو :-

ساک ۽ نندا جي رک نہ پرواهہ،
نوري نماڻي هل سچ جي راهہ،
صبر ۾ سهي جو سوئي پائي،
صبر جهڙي تپسيا ٻي ناهي.
سمجهہ جڳ سارو اٿيئي رُج،
بنا گيان اُتري نہ اوديا جي اُج.
جڳ سارو جڻن رات جو سپنو،
هت ڏينهن بہ چار اٿيئي رهڻو.

دادا واسواڻيءَ گروءَ جي مهماڳائيندي لکيو :-


گروءَ جي جو شيوا ڪري ٿو،
مڪتي مارگ ساجاڻي ٿو سو.
بنا گر ڪرپا نہ مارگ ملي،
نوري نماڻي نہ قسمت کلي.

شري گرونانڪ ديو مهاراجن پڻ گروءَ جي ڪيتي نہ مهماڳائي آهي.
پوجيہ دادا ساڌو واسواڻي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي وياڪل ڌارا وهنوار
واڻيءَ کان ڪافي متاثر نظر اچن ٿا.

...AGE RECEIVED FROM REVERED DADA J.P. VASWANI ON THE ...ON OF "ISHWARIBAI BUXANI LIFE - TIME ACHIEVEMENT AWARD" FUNCTION HELD ON SATURDAY, 10th JANUARY, 2009 AT MUMBAI

پياري ديال آشا جو توهين سنمان ڪري رهيا آهيو. توهانکي ڏنيو اد.

In honouring Prof. Dr. Dayal Asha, you are honouring one who all honou deserves.



هن پياري پنهنجي سموري جيون لوڪ سيوا ۾ خرچ ڪئي آهي. نہ فقط اِنسانن جي شيوا ڪئي آٿائين. پر پسن ئين کي ڪين وساريو آٿائين. سوَن هزارن جي تعداد ۾ پائرن ۽ نرن ۽ خاص ڪري وديارٿين کان پرتيگيا پتر ورتا آٿائين تہ هو ڄي زندگي هنسا جي ڪاڏي کان پري رهندا.

پياري ڊاڪٽر ديال آشا ڪيترائي پستڪ لکيا آهن. نکي عجب لڳندو آهي تہ هرروز ڪيترا ڪلاڪ ڏکين دردرن ي شيوا ۾ خرچ ڪندي هي پيارو ڪٿان وقت آڻي ٿو جو ڙا سندر پستڪ، اوُنهن ويچارن سان ڀريل، تيار ڪري ٿو.

ڪيترن سنتن ڀڳتن جا جيون چرتر لکيا آٿائين. ڪيترا پرسڪار کيس مليا آهن. پر پاڻ ڪهڙو نہ نماڻو آهي. ودوان آهي پر کيس وديا جو اَيمان ڪين آهي. نعرت ۽ نياز جي سوير آهي. کيس سنتن سنپرڪَ، پريوءَ جي پيارن لاءِ عجيب شرڌا آهي. اَيپاسي اِنسان ي. سادگي ۽ ساڌنا جي جيون رهندو آهي.

پيارو پريو پنهنجي مهر ۾ مونکي دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ وٺي هليو آهي ۽ دا جدا قسمن جي ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ جو وجهہ مليو آهي. مان سچ سان ٻنان ڪنهن ڏاءُ سان چئي سگهان ٿو تہ ڊاڪٽر ديال آشا هڪ لاثاني انسان آهي. سندس هردي اَندر هري م لاءِ بکہ آهي. پريوءَ لاءِ عظيم پيار آهي ۽ ڏکين دردرن، غريبن مسڪينن ۽ ورڌ اوسٿا وارن اسطي همدردي آهي.

پياري ڊاڪٽر ديال آشا جي پيار ۽ شيوا ڀري زندگيءَ جو هڪ ئي پيغام آهي: جي ڪي ٿيڻ چاهيو تہ ٻين کي سکي ڪريو. سندس رڳہ رڳہ ۾ رت جي هڪ هڪ ڦڙي ۾ غريبن اسطي پيار سمايل آهي. سندس چرنن ۾ مان سر نمايان ٿو ۽ ٻيگل سنتي پنگت واسطي آسيس ان ٿو.

شل پيارو پريو کيس سالم صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جئن پنهنجا ڪلياڻڪاري ڪاريہ ڪندو رهي ۽ لوڪن کي نام ۽ ديا جي راهہ تي هلڻ لاءِ اُتساهت ڪندو رهي!

ڏنيو اد! ڏنيو اد! ڏنيو اد!